ڦاهي گهاٽ تي بيٽل عورت

ناول

"Woman at Point Zero"

جو ترجمو



ڈاڪٽر نوال السعدوي

الطاف ملڪاڻي

گلس

CamScanner

قاهي گهاٽ تي بيٺل عورت

("Woman at Zero Point" جو ترجمو)

ڊاڪٽر نوال السعدوي

الطاف ملڪاڻي

گلشن پبليڪيشن

حيدرآباد، سنڌ

2024ع

CamScanner

کتاب نمبر 117

پبلشر جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڦاهي گهاٽ تي بيٺل عورت
ليکڪ: ڊاڪٽر نوال السعدوي
سنڌيڪار: الطاف ملڪاڻي
ڇاپو پهريون: 2024ع
ڇپائيندڙ: صفدر علي بلوچ
گلشن پبليڪيشن گهر نمبر HCB-1816, ممتاز ڪالوني،
قاضي عبدالقيوم روڊ، حيدرآباد، سنڌ.

PHAHI GHAAT TE BETHAL ORAT

Written by: Dr. Nawal Al Saadvi
Translated by: Altaf Malkani
Published by: Safdar Ali Baloch,
Gulshan Publication, HCB-1816, Mumtaz Colony,
Qazi Abdul Qayoom Road, Hyderabad, Sindh.

Contect: 0323-3718865

CamScanner

مترجم پاران

هن رنگ برنگي ڪائنات مان جيڪڏهن عورت جو وجود ڪڍي
ڇڏجي تہ ڪائنات جي سموري رنگيني ۽ خوبصورتي پنهنجو پاڻ
ختم ٿي ويندي.

انهيءَ حقيقت کان ڪوبہ انڪار نہ ڪندو تہ هن جهانِ فنا جو
سمورو ڪاروهنوار عورت جي وجود کانسواءِ ناممڪن آهي ۽ اها
عورت ئي آهي، جيڪا هن ڪائنات ۾ رنگن، خوشبوئن، محبتن،
شفقتن ۽ تخليق جي ديوي آهي. پر اهو مرد ئي آهي، جيڪو جڏهن
عورت جي پوڄا تي اچي ٿو تہ هن کي عورت جي قدمن هيٺان ماءُ جي
روپ ۾ جنت ٿي نظر اچي ۽ هو عورت کي عظمتن جي اعليٰ مينار تي
ويهاري تخليق ۽ حُسن جي ديوي ٿو قرار ڏئي، تہ وري اهو مرد ئي آهي،
جڏهن انائن جي انبار هيٺان دٻجي پاڻ کي ديوتا قرار ڏئي. عورت کي
هڪ گناهگار داسيءَ جهڙي حيثيت ڏئي ياءُ جهڙي شفيق روپ ۾ بہ
معصوم پيڙ کي ڪاري قرار ڏئي، کهاڙين جو ڪاڄ ٿو بنائي. هر سماج
۾ عورت محبت جي ديوي بہ آهي تہ ڪيس نفرتن جو شڪار بنائي
چريائپ جي حد تائين بہ پهچايو وڃي ٿو.

هيءَ ناول "Women at Zero Point" هڪ اهڙو ناول آهي، جنهن ۾
ڪنهن بہ سماج اندر ٿيندڙ عورتن سان اٿبرابريءَ واري سماجي
سلوڪ جي ڪٽا ٻيان ٿيل آهي. هن ناول جي ليکڪا ڊاڪٽر نوال
السعدوي جو تعلق مصر سان آهي ۽ هوءَ عرب دنيا جي مشهور ليکڪا
آهي. هن ليکڪا هڪڙ طور جيڪي نفرتون پوڳيون آهن يا درد پوڳيا
آهن، اهو هڪ الڳ داستان آهي. پر هيءَ ناول جڏهن عربي ٻوليءَ ۾

شايع ٿيو تہ مصر ۾ هن ناول تي پابندي لاڳو ڪئي وئي ۽ هن ناول خلاف عرب دنيا ۾ وڏو احتجاج ڪيو ويو نہ رڳو ايترو پر هيءَ ناول لکندڙ ليکڪا کي هن ناول جي هيروئن "فردوس" جيان عورتاڻي جيل ۾ قيد جا ڏينهن ڪاٽڻا پيا. هيءَ ناول نہ رڳو عرب سماج پر دنيا جي هر انهيءَ سماج جي عڪاسي پيش ڪندڙ آهي، جنهن سماج ۾ عورت کي انسان نہ ٿو سمجهيو وڃي. هن کي بس گهر هلائڻ ۽ ٻارن پالڻ جي مشين سمجهيو وڃي ٿو يا وري مارڪيٽ ۾ وڪري جو وکر.

هيءَ مصري ناول دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي ۽ 1982ع ۾ هن ڪتاب جي فرانسيسي ترجمي کي فرانس جي وڏي ادبي انعام سان پڻ نوازيو ويو.

هيءَ ناول مذهبي ۽ جاگيرداري نظام ۾ عورت جي سماجي ۽ نفسياتي حالت کي پڌرو ڪري ٿو ۽ سماج جي حاڪمن کي سندن مڪروهہ چهرو ڏيکاري ٿو.

الطاف ملڪاڻي
سنگم ستي ڪوٽڙي
ضلع جامشورو
5 آگسٽ 2023ع

شروعات

هيءَ هڪ اهڙي عورت جي سچي ڪٿا آهي، جنهن سان ڪجهه سال اڳ آئون قناطير (مصر) جي هڪ جيل ۾ ملي هيس. انهن ڏينهن ۾ آئون اهڙين قيدي عورتن جي باري ۾ تحقيق ڪري رهي هيس، جن کي مختلف ڏوهه ڪرڻ سبب سزائون ڏنيون ويون هيون ۽ اهي جيلن ۾ يا ٽاڻن ۾ قيديءَ جي حيثيت سان سزا ڪاٽي رهيون هيون.

جيل جي ڊاڪٽر مون کي اهو ٻڌايو هو ته، هن جيل ۾ هڪ اهڙي عورت آهي، جنهن هڪ مرد کي قتل ڪيو آهي ۽ اُها موت جي سزا ملڻ کانپوءِ هتي قيد ۾ آهي. هوءَ ڦاسي گهاٽ ۾ بند آهي، پر هوءَ پنهنجي عادتن ۽ ڪردار ۾ انهن سمورين عورتن کان مختلف آهي، جيڪي هتي موت جي سزا ۾ قيد آهن. ڊاڪٽر جو چوڻ هو ته اڄ تائين منهنجي ڪنهن اهڙي عورت سان ملاقات ناهي ٿي، نه ڪنهن جيل ۾، نه ئي ڪڏهن ڪٿي ٻاهر. هوءَ ملاقات لاءِ ايندڙن سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ڪاڏو ٻه ناهي وٺندي. ڪڏهن ڪڏهن ته سموري رات جاڳندي رهندي آهي ۽ هڪ پل لاءِ ٻه اکيون ناهي ٻوٽيندي. جيل جا محافظ چون ٿا ته هوءَ اڪثر ڪري رات جو ويني هوندي آهي ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ آسمان تي تارن کي گهورينديِ رهندي آهي. هن هڪ ڏينهن ڪجهه ڪاغذ ۽ قلم گهريا ۽ ڪجهه لکڻ کاسواءِ ڪاغذن کي رڳو تڪيندي رهي. شايد هوءَ ڪنهن کي ڪو خط لکڻ پئي چاهي يا ٻيو ڪجهه يا شايد ڪجهه ٻه نه.....!

مون جيل جي ڊاڪٽر کان سوال ڪيو تہ "ڇا هوءَ مون سان ملڻ پسند ڪندي؟"

ڊاڪٽر جواب ڏنو: "مان ڪوشش ڪيان ٿو تہ هوءَ توسان ملڻ لاءِ راضي ٿئي. جيڪڏهن مان هن کي اهو سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس تہ توهان هڪ ماهر نفسيات ڊاڪٽر آهيو ۽ ڪو وڪيل يا اُن جا منشي ناهيو تہ پوءِ ٿي سگهي ٿو تہ هوءَ منهنجي ڳالهہ مڃي وٺي. هُن، هِن وقت تائين تہ منهنجي ڪابہ ڳالهہ ناهي مڃي.

مون هن کي چيو تہ "رحم جي درخواست تي هوءَ صحيح ڪري ڏئي تہ جيئن ملڪ جو صدر هن جي موت جي سزا کي ملتوي ڪري عمر قيد ۾ تبديل ڪري."

مون ڊاڪٽر کان پڇيو: "هن جي موت جي سزا ختم ڪرائڻ لاءِ ڪنهن درخواست ڏني آهي؟"

ڊاڪٽر جواب ڏنو: "اهڙي درخواست مون ڏني هئي. ڇاڪاڻ تہ اها ايماندارانہ گهرج هئي، ڇو تہ منهنجي دل چوي پئي تہ اها عورت قاتل نہ آهي. جيڪڏهن توهان بہ هن جي اکين ۾ جهاتي پائي ڏسو يا وري هن جي چهري جي معصوميت کي ڏسو تہ توهان کي پوءِ ان ڳالهہ تي يقين نہ ايندو تہ اهڙي مهذب عورت ڪنهن جو خون بہ ڪري سگهي ٿي."

"اُهو توهان کي ڪنهن چيو تہ ڪو ماڻهو مهذب نظر ايندي بہ قتل نہ ٿو ڪري سگهي."

اها ڳالهہ ٻڌي ڊاڪٽر حيران ٿي ويو ۽ مون ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو: "ڇا توهان ڪڏهن ڪو قتل ڪيو آهي؟"

مون جواب ۾ چيو تہ: "ڇا مان توهان کي مهذب نظر اچان ٿي؟"

هن منهن ٻئي پاسي ڪيو ۽ هڪ ننڍڙي دريءَ ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو: "هوءَ سامهون هن جي چڪي (موت جي سزا مليل قيديءَ جي ڪال ڪوٺڙي) آهي. مان توهان سان گڏ اوڏانهن هلان ٿو جيئن هن کي توهان سان ملاقات لاءِ راضي ڪري سگهان.

شايد هوءَ منهنجي ڳالهه مڃي وڃي ۽ توهان سان ڪا ڳالهه ٻولهه ڪري."

ٿوري دير ڪانپوءِ ڊاڪٽر موٽي آيو. فردوس، مون سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

ان ڏينهن مون ٻين قيدي عورتن سان ملڻ جو پروگرام بہ ناهيو هو پر هن جي ڳالهه ٻڌي مان مايوس ٿي ويس. مان پنهنجي ڪار ۾ اچي ويٺيس ۽ گهر ڏانهن رواني ٿيس. گهر پهچي ڪوبہ ڪم ڪرڻ تي دل نہ چيو. جڏهن تہ ڪم بہ ڪوڙ سارو هو. مون ڪي پنهنجي نئين ڪتاب جو مسودو تيار ڪري ان کي ٻيهر ڏسڻو هو. پر منهنجو ذهن هاڻ هڪ جاءِ تي نہ رهيو هو. هاڻ منهنجو ڌيان ان قيدي عورت جي آس پاس گهمي ڦري رهيو هو. اُها قيدي عورت "فردوس" هئي، جنهن کي ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ قاهيءَ جي سزا ملڻي هئي. اها قيدي عورت هاڻ منهنجي سوچن جو مرڪز هئي.

ٻئي ڏينهن تي وري صبح جو سوير مان جيل ڏانهن هلي آئس ۽ جيل سپرنٽينڈنٽ کي چيم تہ فردوس سان منهنجي ملاقات جو بندوبست ڪري. پر هن جواب ڏنو تہ "اهو ممڪن ناهي. هوءَ ڪنهن سان بہ ملڻ لاءِ تيار ناهي."

"پر ڇو؟"

"ڇاڪاڻ تہ هن کي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ قاسيءَ تي چاڙهيو ويندو" سو هاڻ توهان يا دنيا جو ڪوبہ فرد هن لاءِ ڪابہ اهميت نہ ٿو رکي. جيل سپرنٽينڈنٽ سخت ڪاوڙ ۾ هئي ۽ مون کي سخت نگاهن سان ڏسي رهي هئي. ان مهل مون کي ائين لڳو جڻ تہ فردوس جي ڳچيءَ ۾ قاهيءَ جو ڦندو مون کي وجهڻو آهي ۽ ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ هوءَ منهنجي ڪري ئي قاهيءَ جي ڦندي تي چڙهي ويندي. مون هن کي چيو تہ منهنجو حڪمران ڏر سان ڪوبہ تعلق ڪونهي.

هن سخت ڪاوڙ ۾ چيو "هتي ايندڙ سڀ ائين ئي چوندا آهن."

مون هن کي چيو ته "آخر تون ايتري ڪاوڙ ۾ چو آهين، ڇا تنهنجي سوچ مطابق فردوس بي قصور آهي؟"

"هن قتل ناهي ڪيو؟"

هوءَ وڌيڪ ڪاوڙ ۾ اچي وئي ۽ چوڻ لڳي "فردوس قاتل آهي يا نہ، پر هوءَ هڪ بي گناهہ عورت ضرور آهي ۽ هن کي ڪنهن بہ صورت ۾ ڪاهيءَ جي سزا نہ ملڻ گهرجي. ڪاهيءَ جي لائق ته اسان جي سماج ۾ ٻيا ڪوڙسارا ماڻهو آهن."

"اُهي ماڻهو ڪهڙا آهن." مون پڇيو.

هوءَ مون کي شڪي نگاهن سان گهورڻ لڳي. "توهان اهو ٻڌايو ته توهان آهيو ڪير؟ ۽ هتي توهان کي ڪنهن موڪليو آهي؟"

"ڪنهن جي موڪلڻ مان ڇا مراد آهي؟"

جيل سپرنٽينڈنٽ طنزيا طور مُرڪيو ۽ چيو: "اُهي جن کي هرڪو سڃاڻي ٿو ۽ جن کان هر ڪو خوفزده هوندو آهي. مان ڪيئن يقين ڪيان ته توهان کي انهن ناهي موڪليو." ۽ پوءِ هوءَ آفيس مان ٻاهر نڪري وئي.

مان ڪيترائي ڀيرا جيل ويس، پر هر ڀيري فردوس مون سان ملڻ کان انڪار ڪندي رهي. مون ڪيترائي ڀيرا هن سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هر ڀيري ناڪام رهيس.

مون کي ائين لڳو ته جيل ۾ قيدي عورتن بابت منهنجو مقالو اڃ مڪمل ئي رهجي ويندو ۽ مون کي پنهنجي "سموري زندگي ناڪاميءَ جي هڪ ڪهاڻي" لڳندي. مون کي پنهنجو پاڻ تي جيترو اعتماد هو اُهو هاڻ گهٽ ٿيڻ لڳو هو. منهنجي ذهن ۾ انهيءَ احساس جنم ورتو ته "فردوس" هڪ مرد کي قتل ڪيو ۽ هوءَ تمام جلد ڪاهيءَ تي چڙهي ويندي. معنيٰ ته هوءَ مون کان وڌيڪ بهتر انسان آهي. هن جي ڀيٽ ۾ منهنجي شخصيت انتهائي ڪمتر آهي. مان پاڻ کي هڪ حقير جيتامڙو سمجهڻ لڳيس. زمين تي نڪرندڙ سوين ننڍين وڏن جيتامڙن جيان."

مون کي جيل سپرنٽينڊنٽ جون ڪاوڙيل نگاهون ياد ٿي آيون. جيل جي ڊاڪٽر جا جملا به ياد آيا ته "فردوس کي هاڻ ڪنهن به ڳالهه جي ڪابه پرواهه ناهي. هوءَ هاڻ هر شيءِ کان بيزار آهي."

مان پاڻ کي انتهائي بيوس سمجهڻ لڳيس. هن جي پيٽ ۾ جڙ ته منهنجي به ڪا حيثيت ڪانه هئي. منهنجي اندر ۾ اهو احساس زور وٺي ويو هو ته مون کي هر حال ۾ هن سان ملڻ گهرجي. مون کي اها ڳالهه حيران ڪري رهي هئي ته آخر هوءَ ڪهڙي قسم جي قيدي عورت آهي. هوءَ مون سان ملڻ کان انڪار ڇو ڪري رهي آهي. آخر هوءَ صدر جي نالي تي رحم جي اپيل ڇو نه ٿي داخل ڪرائي. صدر جي حڪم سان هن جي موت جي سزا عمر قيد ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. مون لاءِ اها حيران ڪندڙ ڳالهه هئي ته آخر هوءَ ڇو زندگيءَ کان انڪاري آهي. ان جي معنيٰ اها به هئي ته هن جي نظر ۾ ملڪ جي صدر جي به ڪا اهميت ڪانه هئي ۽ هوءَ جڙ ته صدر کان به مٿاهين شخصيت جي مالڪ هئي.

منهنجي ذهن تي عجيب قسم جو احساس ڇانيل هو جنهن هڪ مڪمل يقين جي شڪل اختيار ڪري ورتي هئي، پر ان احساس کي ڪا معنيٰ ڏيڻ منهنجي وس جي ڳالهه نه هئي. مون کي اهو احساس ٿيڻ لڳو ته هيءَ عورت انهن سمورين عورتن کان وڌيڪ بهتر آهي، جن سان اسان جو روزاني جي ڪاروهنوار ۾ واسطو پوندو رهي ٿو. منهنجي ننڍ مون کان ڪوهين ڏور هلي وئي هئي. مون کي وري اهو خيال آيو ته هوءَ عورت مون سان ملڻ کان انڪار ڪري رهي آهي، ڪٽي اڳواڻ ئي ته مون کي سڃاڻندي نه هجي. شايد هوءَ انهيءَ سڃاڻپ جي ڪري ئي مون سان ملڻ کان انڪاري آهي.

نيٺ وري به هئي ڏينهن تي صبح جو سوير مان هڪ پيرو وري جيل جي دروازي تي بيٺي هيس. هاڻ مون اهو خيال دل مان لاهي ڇڏيو هو ته ڪو مون کي "فردوس" سان ملڻو آهي. اڄ مون کي جيل جي ڊاڪٽر يا وري وارڊن سان ملڻو هو. ڊاڪٽر ته ايندا آيو ڪونه هو پر

واردن موجود هئي. مون هن کان اهو پڇيو تہ ڪٿي توهان کي "فردوس" اهو تہ ناهي ٻڌايو تہ هوءَ مون کي سڃاڻي ٿي."

"نہ، هن مون کي تہ ان باري ۾ ڪجھ ناهي ٻڌايو پر مان سمجھان ٿي تہ هوءَ توهان کي سڃاڻي ضرور ٿي."

"توهان اهو ڪيئن ٿيون چئي سگھو تہ هوءَ مون کي سڃاڻي ٿي."

"اهو منهنجو ذاتي خيال آهي." واردن چيو.

اهو ٻڌي مان حيران ۽ پريشان ويٺي رهيس... بس هڪ بي جان پٿر جيان. واردن پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي وئي. ڪجھ دير ويھڻ کان پوءِ مان اُٿيس. پر مون کي پنهنجو جسم ڳرو محسوس ٿيڻ لڳو. منهنجا قدم جڙ تہ پٿر جھڙا ٿي ويا هئا. مون کي ائين لڳو جڙ مان متيءَ جي ڏاڙ ۾ هيٺ لهندي پئي وڃان. مون کي زمين مٿان پنهنجو ڳرو وجود سنياڻڻ ڏکيو ٿي پيو هو. ڪاري رنگ جي زمين مٿان جڙ هڪ ڳرو بار گھلجندو ويندو هجي.

اهو احساس ڪيترائي سال اڳ مون زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو محسوس ڪيو هو. جڏهن هڪ شخص سان آئون محبت ڪرڻ لڳي هيس. پر هو مون کي پسند نہ ڪندو هو. مون کي ائين لڳو هو جڙ ڪنهن منهنجي وجود جا ڳترا ڳترا ڪري مون کي ڏرتيءَ تي اُڇلي ڇڏيو هجي. جڙ تہ رڳو اُن ماڻهوءَ مون کي نہ ڇڏيو هجي، پر مون کي سموري دنيا ٺڪرائي ڇڏيو هجي.

نيٺ مون پنهنجو پاڻ کي سنياليو. پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيم. پنهنجي ساهن جي رفتار کي ٺيڪ ڪيم ۽ هوش سنياليم تہ پاڻ کي جيل جي عمارت کان ٻاهر محسوس ڪيم. وڏي گيٽ جي ننڍي دروازي کان ڏٺم تہ جيل واردن پنهنجي ڪمري کي صاف ڪري رهي هئي. منهنجي دل ۾ جيل واردن لاءِ نفرت جو احساس جاڳيو. هوءَ ڪوڙي ۽ ظالم عورت هئي. هن جا "فردوس" لاءِ همدردانا احساس ۽ ڏيکاءُ خاطر هئا. مان ڪيئن سمجھان، تہ هوءَ سچي هئي!

حقيقت تہ اها هئي فردوس هن کي اهو چيو ئي ڪونہ هو تہ کو هوءَ مون کي سڃاڻي ٿي. اهو رڳو واردن جو گمان هو. مان اها ڳالھ

ڪيئن ڄاڻان. تہ هوءَ مون کي سڃاڻي ٿي. جيڪڏهن هوءَ مون کي سڃاڻي نہ پئي ۽ هن مون سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو تہ اها ڳالهہ ڪا ايتري خراب ڪانہ هئي، جنهن تي مان بہ ڪو سخت ردعمل ڏيکاريان ها. هن رڳو مون سان ملڻ کان انڪار نہ ڪيو هو پر هوءَ سموري دنيا کان بيزار هئي، هوءَ دنيا ۾ موجود هر ماڻهوءَ جي خلاف هئي.

مون پنهنجي ڪار ۾ ويهڻ جو ارادو ڪيو مون کي ان وقت احساس ٿيو تہ هڪ سائنسي سڃاڻ ماڻهوءَ کي ائين نہ ڪرڻ گهرجي. مون کي احساس ٿيو تہ مان هڪ ڊاڪٽر آهيان. منهنجي هڪ اهم شخصي حيثيت آهي. ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ مان گهٽ ۾ گهٽ ان عورت کان تہ بهتر آهيان جيڪا هن وقت قتل جي الزام هيٺ قاهيءَ جي ڪوٺڙيءَ ۾ بند آهي. آهستي آهستي مان پنهنجي دنيا ۾ واپس اچڻ لڳيس. مون ڪار جو دروازو کوليو ۽ ڊرائيونگ سيٽ تي اچي ويٺيس. ڪار اسٽارٽ ڪيم ۽ پير جو زور ڪار جي ايڪسيليٽر تي ڏنم. مون انهيءَ ناڪاميءَ جي احساس کي پنهنجي پيرن جي هيٺان چيپاٽي ڇڏيو هو. مان ڪار کي تيزيءَ سان اڳتي وڌائي رهي هيس جو پويان هڪ آواز جو پڙاڏو جيڪو منهنجي ڪار جي انجڻ جي آواز کان بہ تيز هو منهنجي ڪن تي پيو.

"ڊاڪٽر صاحبا... ڊاڪٽر صاحبا..."

اهو واردن جو آواز هو. هوءَ منهنجي آهستي هلندڙ ڪار پويان ڊوڙندي پي آئي. هوءَ سهڪي رهي هئي. هن سهڪندڙ آواز ۾ چيو:

"ڊاڪٽر صاحبا فردوس اوهان سان ملڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي."

هن جو سينو هيٺ مٿي ٿي رهيو هو. دل جي ڌڙڪن تيز هئس. هوءَ وڏا وڏا ساهہ کڻي رهي هئي. خوشيءَ ۾ منهنجا ساهہ بہ تڪڙا هلڻ لڳا ۽ مان بہ هن وانگر سهڪڻ لڳيس. منهنجي دل جي ڌڙڪن بہ تيز ٿي وئي هئي. مون کي خبر ئي نہ پئي تہ مون ڪار کي ڪيئن بريڪ هنئي. ڪيئن ڪار مان هيٺ لٿيس ۽ واردن جي پويان تڪڙا تڪڙا

قدم کٽڻ لڳيس. کيڏي مهل هن کان اڳيان نڪري پئي وڃان ٿو کيڏي مهل سندس پويان پئي هلان. منهنجي من جي حالت ۾ عجيب ٿي وئي هئي. عجيب احساس هئا. ائين لڳو جڻ سموري دنيا اچي منهنجي هنج ۾ پئي هجي. اهڙو خوشيءَ جو احساس زندگيءَ ۾ پهريون پيرو مون کي ان وقت ٿيو هو جڏهن مان پهريون پيرو ان مرد سان ملڻ لاءِ وڃي رهي هيس، جنهن سان مون کي محبت هئي. جڻ مان پنهنجي محبوب ڏانهن ملڻ لاءِ ويندي هجان.

مان کجهه گهڙين کان پوءِ فردوس جي کال کوڙڻيءَ اڳيان بيٺي هيس. مون پنهنجي ساهن جي رفتار کي برابر کيو. کپڙن جي گهنجن کي ٺيڪ کيم. ٿوري دير کان پوءِ مان ۽ فردوس آمهون سامهون ويٺيون هيونسين. هن جي نگاهن ۾ خنجر جهڙي تکاڻ هئي. مون کي سندس نظرون پنهنجي جسم ۾ چُپندي محسوس ٿيون. هن جي چهري تي کوڙ سارا گهنج هئا. مان پنهنجي خيالن ۾ گم هيس جو اوچتو منهنجي ڪنن تي هڪ آواز آيو. اهو آواز فردوس جو هو. سنهڙو پر چاقوءَ جي تيز ڌار جيان تکو ۽ وڍيندڙ. هن ۾ ٿورڙي به نرماهٽ ڪانه هئي. سڏو ۽ سپاٽ آواز. مون ٻڌو هوءَ مون سان ڳالهائي رهي هُئي.

"اها دري بند ڪر" هن چيو. مون يڪدم اڳتي وڌي دري بند ڪئي. مون کوڙڻيءَ جو جائزو ورتو. هتي ڪابه شيءِ موجود ڪانه هئي. نه کٽ، نه ڪرسي، زمين تي ويهي رهه، هن چيو.

مان هيٺ پٽ تي ويهي رهيس. پوهه جو مهينو هو. زمين انتهائي ٺڏي هئي. سمورو ماحول سرد هو. زمين ٺڏي هئي. پر مون کي ٺڏاڻ جو احساس نه هو. بس اها ٺڏاڻ مون کي ائين لڳي رهي هئي، جڻ مان ننڍ ۾ سمنڊ جي لهرن تي ترندي هجان. کپڙن کان آجي جسم سان صفا ننگي. اها خبر نه ٿي پئي ته اگهاڙي جسم سان مان پاڻي ۾ تري سگهنديس ٻه يا نه؟ فردوس جو آواز مون کي ائين ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو جڻ ڪو مون سان خواب ۾ ڳالهائيندو هجي. هن جو آواز منهنجي

پرسان کان اڳي رهيو هو. پر ائين پائڻجي رهيو هو جڙ تہ اهو آواز تمام پري کان ايندو هجي. پر اهو کو خواب نہ هو نہ ئي کا تيز هوا جيکا پري جي آواز جو پڙاڏو مون تائين کڻي ايندي هجي. اِها عورت جيکا سچ پچ هک جيئري جاڳندي وجود جي صورت ۾ منهنجي سامهون ويٺي هُئي. سچ پچ هک حساس انسان هئي. هک زنده سلامت وجود! ۽ جيکو آواز منهنجي ڪنن تائين پهچي رهيو هو. حقيقت ۾ انهيءَ عورت جو آواز هو. فردوس جو آواز هک پڙاڏي جيان منهنجي ڪنن تائين پهچي رهيو هو. هک اهڙي کال ڪوٺڙيءَ ۾ جنهن جا دراوزا، دريون ۽ روشندان بند هئا. بس هک آواز منهنجي ڪنن تائين پهچي رهيو هو ۽ آئون ان کي ٻُڌي رهي هيس.

CamScanner

1

وقت تمام گهٽ آهي مون کي غور سان ٻڌ ته جيئن مان جلدي جلدي توکي پنهنجي ڳالهه ٻڌائي سگهان. مان ٿورڙي وقت ۾ سموريون ڳالهيون توکي نه ٿي ٻڌائي سگهان. اڄ شام جو هيءُ مون کي هتان وڃي ويندا ۽ سياٽي صبح تائين مان هتي کانه هوندیس. هتي ته چا پر دنيا ۾ ڪٿي به کانه هوندیس. دنيا هاڻ مون لاءِ بي معنيٰ آهي. مان پاڻ به هتان وڃڻ چاهيان ٿي. هڪ اڻ ڏٺل جهان ڏانهن. بي شڪ اهو زندگيءَ کان وڌ قابلِ فخر جهان آهي. مان پنهنجي موت تي ناز ڪيان ٿي. فخر ڪيان ٿي. مان سموري زندگي ڪنهن اهڙي ڪم جي ڳولا ۾ رهيس ته جنهن تي مان ناز ڪري سگهان ۽ اهو ڪم مون کي دنيا جي ٻين ماڻهن کان مٿانهون ڪري . . هر ماڻهوءَ کان مان مٿي هجان. ايستائين جو بادشاهن، راڻين، شهزادن ۽ شهزادين کان به مٿي هجان! مون زندگيءَ ۾ جڏهن به ڪو اخبار جو ڪٽل ٽڪرو ڪنيو ۽ اُن تي ڪنهن مرد جي ڇپيل تصوير ڏٺم ته مون ان تصوير کي ٽُڪ هنئي. . . مان سمجهان پئي ته ڪاغذ جي هڪ رديءَ جي ٽڪري کي ٽڪ هڻڻ بيڪار آهي. مان انهن ردي اخبارن کان پنهنجي بورچي خاني جي شيلفن کي ڍڪڻ يا چلهي کي صاف ڪرڻ جو ڪم به وڻي سگهان پئي ۾ پوءِ به مان مردن کان پنهنجي نفرت سبب ان تي ٽڪي ڇڏيندي هيس ۽ اُن کي رستي تي اُڇلائي ڇڏيندي هيس ته جيئن اُها کليل هوا ۾ پئي سُڪندي ۽ سڙندي رهي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون کي اها حرڪت ڪندي ڏسي ها ته شايد اهو سمجهي ها ته جنهن مرد جي فوٽوءَ کي مون ٽڪ هنئي آهي

شايد مان ان کي سچاڻان ٿي ۽ ان سان نفرت سبب ائين ڪيو آهي پر ائين نہ هو. مان ته بس هڪ عورت هيس ۽ هڪ عورت جي حيثيت ۾ ئي مون کي سمورن مردن کان نفرت ٿي وئي هئي.

ها، اهو هڪ سچ آهي ته مان هڪ وئشيا، هڪ رنڊي رهي آهيان. ها هڪ فاحشا عورت. جيڪا هڪ ڪامياب وئشيا رهي هجي پر ان جو لاڳاپو به سماج جي سمورن مردن سان قائم نہ ٿو ٿي سگهي. ها پر هڪ وئشيا جي صورت ۾ منهنجو زندگيءَ ۾ جن به مردن سان تعلق جڙيو. انهن سان واقفيت کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ جيڪا شديد خواهش پيدا ٿي هئي سا اها هئي ته پنهنجي ساڃي هٽ جو تيز ٽڦڙ انهن جي منهن تي هڻي ڪيان. پر مان هڪ عورت هيس ۽ چاهڻ جي باوجود به پاڻ ۾ اها جرئت پيدا نہ ڪري سگهيس. ڇاڪاڻ ته مان هڪ فاحشا عورت هيس. ان ڪري مون پنهنجو خوف ۽ نفرت پنهنجي ميڪ اپ زده چهري ۾ لڪائي ڇڏيا هئا. مان هڪ ڪامياب رنڊي هيس. ان ڪري منهنجو ميڪ اپ به اعليٰ ۽ شاندار هيو. اهڙو ميڪ اپ جيڪو ملڪ جي اعليٰ ترين اشراف طبقي جو خاندان ۽ پاڪباز عورتون ڪنديون هيون. مان وارن جا اسٽائيل به انهن بيوٽي پارلرن تان ٺهرائيندي هيس جتان اعليٰ طبقي جون عورتون ميڪ اپ ڪرائيندڙيون هيون. مان لپ اسٽڪ به اهڙي استعمال ڪندي هيس جو منهنجي چپن ۾ مردن لاءِ هڪ ڇڪ ۽ ڪشش هجي.

اها به هڪ حقيقت آهي ته منهنجو لباس، ميڪ اپ ۽ جسماني ناهه ٽوهه ته ملڪ جي اعليٰ ترين طبقي جي عورتن جهڙي هئي پر منهنجي سيڪنڊري اسڪول ۽ تاريخ جي جبر هيٺ آيل طبقاتي ڪشمڪش سبب منهنجو ذهن ۽ اُٺ ويهه مڊل ڪلاس عورتن جهڙي هئي. جڏهن ته حقيقت اها هئي ته منهنجو بنيادي ۽ اصلي لاڳاپو ملڪ جي صفا هينئين ۽ پورهيت طبقي سان هو.

منهنجو پيءُ هڪ غريب هاري هو. هن کي نہ ته لکڻ ايندو هو ۽ نہ ئي ڪجهه پڙهڻ ايندو هو ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ هن جو لاڳاپو به تمام

ٻورڙين شين سان هوندو هو. مثال طور فصل کيئن پوکجن. فصل کي پاڻي ڏيڻ جو وقت کهڙو آهي. فصل جو لابارو کڏهن ڪرڻو آهي. ٻيو ته اُن مينهن کي قاصائي وٺ کڏهن وڪرو ڪرڻو آهي. جيڪا نه ته ڪير ڏيئي ٿي ۽ نه ئي ان مان کو به لاپ ملڻو آهي ۽ ها اهو به هن جي زندگيءَ جو حصو هو ته "کيئن هن کي پنهنجي بالغ ڏيءَ کي ڪجهه ڏوکڙن عيوض وڪرو ڪري وهاڻ ڪرائڻو هو. ان کان اڳ جو اها چوڪري کو اهڙو قدم کڻي جنهن سان سندس بدنامي ٿئي ها. ٻيو اهو ته کيئن پاڙيسري هاريءَ جي پڪل فصل مان چوري ڪرڻي هئي. اهو به ته کيئن ڳوٺ جي جاگيردار آڏو ڪنڌ جهڪائي هلڻو هو ۽ ان جا هٿ پير خوشامد طور چُمڻا هئا ۽ وري سج لهڻ کان پوءِ رات جو پنهنجي زال کي ايتري ته مار ڪيڏي هئي جو هوءَ زمين تي اونڌي ٿي ڪري پئي ۽ هن جو وات ۽ ناسون مٿيءَ سان پرجي وڃن.

هر جمعي جي ڏينهن صبح جو سوير صاف ستري مٿي تي پٽڪو ٻڌي صاف ڪپڙا پائي جمعي جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ هو مسجد ڏانهن روانو ٿيندو هو. جڏهن نماز ختم ٿيندي هئي ته مان ڏسندي هيس ته هو ٻين نمازي ماڻهن سان گڏ واپس گهر موٽندو هو ۽ رستي تي اچوڪي جمعي جي واعظ بابت ماڻهن سان بحث ڪندو ايندو هو... ته مسجد جي امام جو اچوڪو واعظ ڏاڍو فصيح ۽ بليغ هو ۽ هن کيئن ماڻهن جي ذهنن کي متاثر ڪيو هو. هو اها ڳالهه به مڃيندو هو ته چوري ڪرڻ وڏو گناهه آهي. ڪنهن کي قتل ڪرڻ به ڏوهه آهي. ڪنهن زنده انسان جي تذليل ڪرڻ ته اڃا به وڏو گناهه هو. ڪنهن به زنده انسان جي بي عزتي ڪرڻ خدا وٺ ناپسنديده عمل هو. هو چوندو هو ته (خدا جي تابعيداري ڪرڻ ۽ پنهنجي وطن ۽ ڌرتي سان محبت ڪرڻ هڪ انسان لاءِ لازمي عقيدا آهن) اهڙي طرح خدا سان محبت ڪرڻ لاءِ حڪمرانن سان محبت ڪرڻ به هڪ جهڙو عمل آهي... اُهي ٻئي عمل هڪٻئي کان جدا ناهن ۽ اهو به ته خدا

شل اسان جي حڪمرانن کي وڏي عمر عطا ڪري ۽ انهن کي هر تڪليف کان بچائي. اسان جا حڪمران اسان لاءِ حفاظت ۽ طاقت جو ذريعو ثابت ٿين.

انهن ڏينهن ۾ مان هڪ ڳرو پاڻيءَ جو دلو پنهنجي مٿي تي رکي پري ايندي هيس. پاڻيءَ جو وزن ڳرو هجڻ سبب منهنجي لاءِ سڌو ٿي هلڻ مشڪل ٿي پوندو هو. اهو به ممڪن هو ته مان هيٺ ڪري پوان ها. پاڻيءَ جي ڇلڪڻ سبب ڪڏهن ساڄي ته ڪڏهن کاپي، ڪڏهن اڳتي ته ڪڏهن پٺتي پئي لوڏا لما کائيندي هيس. پوءِ به ڪوشش ڪري پاڻي جي دلي کي مٿي تي سنياڻي ڪٽندي هيس ته جيئن ڪري ٽُٽي نه پوي. مون کي منهنجي ماءُ اهو سيکاريو هو ۽ مٿي تي ڪيئن سينهوڙو رکبو آهي. ڪيئن ڳچ پنڊ ڪري احتياط سان قدم کڻي پاڻيءَ جو گهڙو سنياڻي ڪٽي هلڻو آهي. هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن مان ٻارنهن، تيرهن سالن جي هيس ۽ منهنجون ڇاتيون ايان ڇڳي طرح سيني تي اُپريون به نه هيون. انهن ڏينهن ۾ مان مردن بابت ڪجهه به نه ڄاڻندي هيس، پر مان انهن جون ڳالهيون ٻڌندي ضرور هيس. ڪيئن اُهي خدا کان دعائون گهرن ٿا. ڪيئن ٻين جي پئسن کي حرصيل نگاهن سان ڏسن ٿا. ڪيئن ڪنهن عورت کي ڏسي لفظي شڪار ڪن ٿا. عجيب عجيب حرڪتون نوٽ ڪندي هيس. مرد ڪجهه حرڪتن ۾ ته مون کي صفا هڪجهڙا لڳندا هئا ۽ مون لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ته مردن ۾ فرق ڪرڻ به ڏکيو ٿي پوندو هو ته انهن ۾ منهنجو پيءُ ڪهڙو آهي؟ ڇاڪاڻ ته مرد سڀ هڪجهڙا هئا. انهن جون شڪليون توڙي عادتون هڪجهڙيون هيون. هڪ ڏينهن مون پنهنجي ماءُ کان اهو سوال ڪيو ته اهو ڪيئن ممڪن آهي ته هن مون کي منهنجي پيءُ جي غير موجودگيءَ ۾ جنم ڏنو هو ته اهو سوال پڇڻ تي اڳ ۾ ته مون کي منهنجي ماءُ وڏي ڪُٽ ڪيو. بت ۾ سور سبب مان سموري رات سمهي نه سگهيس. ٻئي ڏينهن تي منهنجي ماءُ مون کي ٻنين ۾ ڪم ڪار ڪرڻ کان روڪي

چڏيو. روزانو منهنجي ماءُ چيٽن جو وڏو کارو منهنجي مٿي تي رکندي هئي ۽ مون کي ٻنين ڏانهن روانو ڪندي هئي. مون کي ٻہ ٻنين ۾ گهمڻ، ڦرڻ ۾ مزو ايندو هو. گهر جي جهوپڙيءَ ۾ مان بيزار ٿي پوندي هيس. ٻکرين ۽ ٻين پالتو جانورن سان کيڏندي هيس. سائي گاهہ تي ليٽڻ ۾ ٻين پائيندي هيس ۽ ڳوٺ جي ٻين ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جيان واهہ تي وهنجڻ ٻہ ويندي هيس. هڪ ننڍڙو ڇوڪرو جنهن جو نالو محمد دين هو، پاڻي ۾ اندر هٿ وجهي مون کي ڇهندڙيون هٽندو هو ۽ منهنجي پٺيان سڪل مڪئي جي ڪانن ۽ سارين جي سڪل پلال جي ڍڳ پٺيان هليو ايندو هو. هو مون کي پلال جي ڍڳڙيءَ تي هيٺ سمهاريندو هو. منهنجي چولي کي مٿي ڪندو هو. اسان ٻئي ڄڻا شاديءَ واري راند کيڏندا هئاسين. مون کي پنهنجي جسم ۾ هڪ عجيب احساس جون ڪتڪتايون محسوس ٿيندیون هيون. هن جي وڇڻ کان پوءِ ٻہ مان پنهنجي هٿن سان جسم جي انهن حصن کي مهٽيندي رهندي هيس جتي هن جي ڇهڻ سان هڪ سُرور جو احساس ٿيندو هو. اسان روزانو راند کيڏندا هئاسين ۽ ٽپهري ڏاري تائين گڏ هوندا هئاسين، جيستائين هن کي سندس پيءُ سڏڻ نہ ايندو هو. منهنجي دل چوندي هُئي تہ هو مون کان پري نہ وڃي، پر پيءُ جي سڏڻ تي هو ڊوڙ پائي هليو ويندو هو ۽ مون کي وري اها آس هوندي هئي تہ ٻئي ڏينهن تي صبح جو سوير هو مون سان ملڻ لاءِ ضرور ايندو.

پر ان ڏينهن کانپوءِ منهنجي ماءُ مون تي اها پابندي هٽي چڏي تہ مان ٻنين ڏانهن نہ وڃان. هوءَ سج اُپرڻ سان مون کي ننڊ مان اُٿارينديي هئي. ٺڪر جو دلو منهنجي مٿي تي رکي مون کي چوندي هئي تہ اهو خالي گهڙو وڃي پاڻيءَ سان پري اڇ. جڏهن مان پاڻي پري بس ڪندي هيس تہ وري مون کي مال جا چيٽا گڏ ڪري اُڇلائڻ لاءِ چوندي هئي. چيٽن جا چاڻا ٺاهي انهن کي هڪ قطار ۾ اُس تي سڪائڻ لاءِ رکندي هيس. ان کان پوءِ اٽو ڳوهي ماني پچائيندي هيس. جڏهن مان اٽو

ڳوهيندي هيس ته هن پيرن تي اوکڙو ويهندي هيس. اتي جو ٽالهه منهنجي ٻنهي پيرن جي وچ تي هوندو هو. مان اتو ڳوهي گول پيڙو ٺاهيندي هيس. ماني گول ڪري تندور ۾ وجهندي هيس. تندور جي هلڪي جر سبب منهنجو چهرو به جلندو هو ته منهنجي پيشاني تي وارن جي ٽٽ ڪي به سيڪ ايندو هو. انهيءَ وچ ۾ منهنجو فراڪ ڪلهن کان هيٺ سُرڪي ويندو منهنجي پُٺي ۽ ڪلها اُگهاڙا ٿي پوندا هئا. ان دوران منهنجو ننڍو چاچو منهنجي پرسان ويهي ڪتاب پڙهندو هو ۽ هڪ هٿ سان منهنجي ڪلهن تي هٿ ڦيرندو هو ته يڪدم منهنجو ڌيان پنهنجي فراڪ ڏانهن ٿي ويندو هو ته يڪدم هو پنهنجو هٿ پري ڪري ڇڏيندو هو. هن جي اها عادت هئي ته روزانو منهنجي پرسان اچي ويهندو هو. منهنجي پٺي ۽ ڪلهن تي هٿ ڦيرندو هو پر جيئن مان فراڪ ٺيڪ ڪندي هيس يا وري ڪنهن جي اچڻ جو آواز ٻڌندو هو ته يڪدم هٿ پري ڪري ڇڏيندو هو يا وري جيڏي مهل مان تندور لاءِ ڪاڻيون ڪٽڻ ويندي هيس ته هن جي انهيءَ عمل ۾ رڪاوٽ اچي ويندي هُئي. هن کان پري ٿيڻ دوران مان محسوس ڪندي هيس ته هن جا ساهه تيز تيز ڪچي رهيا هوندا هئا ۽ هن جون نگاهون منهنجو پيڇو ڪنديون هيون ۽ مون کي ائين محسوس ٿيندو هو ته جڻ هو چوندو هجي ته هيا ڪم ڇڏي جلدي هيڏانهن اچ. هو منهنجي ڪلهن تي اهڙي مهٽ، سهٽ ڪندو هو جڻ مون کي ڪنهن ڳالهه ڏانهن ڏيان ڏيارينڊو هجي.

منهنجو چاچو جوان مرد هو. هو قاهره تائين اڪيلو ئي سفر تي ويندو هو. هو الازهر يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو ۽ ان وقت کان هو اُتي پڙهڻ ويندو هو. جڏهن مان ايجان ننڍڙي هارڙي هيس. مون کي ايجان لکڻ، پڙهڻ به نه ايندو هو. منهنجو چاچو مون کي هٿ ۾ چاڪ ڏئي لکڻ سيکارينڊو هو: ا ب ج د. اهڙي طرح ڪجهه هيا به لفظ سيکارينڊو هو. زير، زبر، پيش ڏيڻ به هُن سيکاريو هو.

هو جڏهن به ابن مالڪ جو ڪو شعر پڙهندو هو ته ائين جهومندو هو جيئن مُلا قرآن جي تلاوت وقت جهومندا آهن.

مان به هن کي ڏسي ائين ڪندي هيس جيئن هو ڪندو هو. جڏهن موڪلون ختم ٿيندڙون هيون ته منهنجو چاچو گڏهه تي سوار ٿي ڊيلٽا جي ريلوي اسٽيشن ڏانهن روانو ٿيندو هو. مان به اسٽيشن تائين هن سان گڏ ويندي هيس. هن جي مٿي تي هڪ ٽوڪري هوندي هيس، جنهن ۾ ماني، پنير ۽ ڪڪڙ جا ڪجهه بيضا هوندا هئا. هو سموري رستي مون کي پنهنجي ڪمري بابت ٻڌائيندو رهندو هو. هن جو اهو ڪمرو محمد علي بازار جي آخر ۾، بالاحصار جي ويجهو هوندو هو. هو قاهره جون ڳالهيون ذوق شوق سان ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هيءَ گيت به جهونگاريندو هو ته:

"مان توهان کي ڪڏهن به نه ٽوڇڻي سگهان!
سمنڊ جي اوچين، اوچين لهرن ۾ به نه.
پر تو ته مون کي ويران ريگستان ۾ اڪيلو ڇڏي ڏنو.
مان ته توکي ويڇنڊڙ سرن ۽ جنگ جي ميدان ۾ به نه ڇڏيندس.
"پر تو ته مون کي سڪل گاهه جي پريءَ بدلي وڪٽي ڇڏيو."

جڏهن منهنجو چاچو ريل گاڏيءَ ۾ ويهي روانو ٿيندو هو ته مان روئندي، رڙندي هيس ته مون کي به قاهره وٺي وڃ.

"تون اوڏانهن هلي ڇا ڪندينءَ. . . فردوس!
"الازهر ۾ ته رڳو ڇوڪرا ۽ مرد پڙهندا آهن."

پوءِ هو مون کي ڏکو ڏيندو هو ۽ ريل گاڏي روانو ٿي ويندي هئي. ڳوٺ ڏانهن واپس ورندي رستي ۾ مان سوچيندي هيس ته آخر مان ڪير آهيان؟" "منهنجو حقيقي پيءُ ڪير آهي؟" ڇا منهنجي سموري زندگي بس ڳوٺ ۾ جانورن جا ڇيٽا ميڙيندي گذري ويندي بس مان رڳو ٻين لاءِ مانيون پچائيندي رهنديس؟"

جڏهن مان پنهنجي پيءُ جي گهر پهچندي هيس جيڪو ڪچي مٽيءَ جي ٺهيل جهوپڙي نما گهر هو ته ان گهر کي حيرانيءَ مان ڏسندي

هيس تہ آخر مان هتي ڪيئن آيس. ڇا واقعي اُهي ئي منهنجا حقيقي ماءُ پيءُ آهن يا مان هتي ڪٽان آئي آهيان.

مان انهيءَ سوچ ۾ ٻڏل هيس تہ پنهنجي ماءُ جي اصل شڪل، صورت ذهن ۾ آڻيان. جڏهن مون هن کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڏٺو هو ان وقت ان جو چهرو ڪهڙو هو مون کي بس هن جون اکيون ياد آهن، مون کي هن جي سموري صورت ياد نہ هئي، نہ ئي هن جو ڪو رنگ ياد هو.

بس مون کي رڳو ۽ اکيون ياد هيون، جيڪي هر وقت مون کي گهوريندڙيون رهنديون هيون. بس اُهي اکيون مون کي هر وقت اندر ۾ چُبندڙ محسوس ٿيندڙيون هيون. جڏهن مون هلڻ سکيو يا وري رستي تي پنڌ ڪندڙ ڪٽي بيٺيس يا وري راهہ پُلجي ويس تہ اُهي ۽ اکيون منهنجي رهبريءِ رهنمائي تي مقرر نظر آيون.

اُهي ۽ اکيون مون کي زندگيءَ جي هر قدم تي نظر آيون. مون کي هاڻ تہ اهو ۽ ياد ناهي تہ اُهي ۽ اکيون ننڍيون هيون يا وڏيون. انهن جا پرون جاڙا هئا يا هئا ئي ڪونہ. بس مون کي ياد آهن ۽ گول ڪاريون ڦيٽن جهڙيون اکيون. انهن ۾ ڪارين اکين جي وچ ۾ وري ۽ اڇي رنگ جا گولڙا. بس انهن ۾ وري عجيب چمڪ هئي. احساس کان خالي اکيون. آسمان جي گهري نيري رنگ ۾ ٻڏل اکيون. پر هڻ تہ پس منظر ۾ ان ۾ رات جي ڪاراڻ ۽ شامل هجي. سج جي روشنيءَ کان صفا خالي!

اُها عورت جيڪا منهنجي ماءُ هئي، ان جي اکين ۾ ڪنهن ۽ قسم جي روشني ڪانہ هئي. پل ڪٽي صبح جو سج چمڪي رهيو هجي يا وري رات هجي. هڪ ڏينهن مون هن جو مٿو پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ پڪڙي سندس مُنهن اوڏانهن موڙڻ چاهيو جنهن پاسي سج چمڪي رهيو هو. مون چاهيو پي تہ هن جي اکين تي ڪجهہ سج جي روشني پوي، پر هن جي اکين ۾ پوءِ ۽ ڪا چمڪ نہ آئي. بس اجهاٽل ۽ ليمپ هجن، جڙ اُهي اکيون. مان پنهنجي حال تي ساري

ساري رات روئندي هيس پر ماڻ ۾ سڏڪا پريندي هيس ته جيئن منهنجي گوڙ تي منهنجا ٻيا ٻائر، پينر سجاڳ نه ٿي پون. ٻين غريب ماڻهن جيان منهنجا به ڪوڙ سارا پينر ۽ ٻائر هئا. جيئن ڪڙ جا ڪوڙ سارا چوزا هوندا آهن . . . ۽ بهار جي موسم ۾ ته انهن ۾ اڃا به واڌارو اچي ويندو آهي . . . اهي سمورا سياري جي موسم ۾ ٿڌ ۾ پيا ٿڙڪندا هئا. سندن جسم ۽ چهرا ڪومائجي ويندا هئا. پيٽ جي بيمارين ۽ ٻين بيمارين سبب اُهي تباهه ۽ برباد ٿي ويندا هئا ۽ هڪ هڪ ڪري مري ويندا هئا.

جڏهن به اسان جي خاندان ۾ ڪا چوڪري مري ويندي هئي ته منهنجو پيءُ ان ڏينهن تي پيٽ ڀري ماني ڪائيندو هو.

منهنجي ماءُ هن جا پير ڏوئيندي هئي ۽ هو بي فڪر ٿي سمهي پوندو هو. پر جيڪڏهن اهو مئل ٻار ڪو ٻُٽ هوندو هو ته هو منهنجي ماءُ کي تيز تيز ڏندن جا چڪ هٽندو هو ۽ پوءِ وري ماني ڪائي سمهي پوندو هو. منهنجو پيءُ ڪڏهن به بکيو نه سمهندو هو ٻل ڪٽي ڪيڏو وڏو حادثو ٽپل هجي. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن ڪاڏي پيتي لاءِ ڪجهه به نه هوندو هو ته اسان ته بکيا سمهي پوندا هئاسين پر منهنجي ماءُ منهنجي پيءُ لاءِ ڪجهه ٽڪر پور تندور جي سنهڙي سوراخ ۾ ڪپڙي ۾ ويڙهي لڪائي ڇڏيندي هئي ۽ منهنجو پيءُ اڪيلو ويهي اهو ڪاڏو ڪائيندو هو. هڪ ڀيري شام جو مان بکايل هئس، منهنجو پيءُ ڪجهه ڪائي رهيو هو مون هن جي پليٽ آڏو وڃي هڪ جهليو ته هن هڪ زوردار ٽڦڙ هڻي مون کي پري ڪيو. مان پري ڪان ويهي هن جي ڪائڙ جو نظارو ڪرڻ لڳيس. جڏهن منهنجو پيءُ وات ۾ گرهه وجهڻ لاءِ وات کولي ڀيو ته هن جو وات اُٽ جي وات جهڙو لڳو پي . . . ٽلها ٽلها چپ ۽ وڏي لڙڪيل نڙي. جڏهن هو گره چٻاڙي ڀيو ته لڳي ڀيو جڙ ۾ ڦيٽا رود تي گسندا هجن. بس هن جي ڏندن جي ڪڙڪڙاهٽ ۾ عجيب هوندي هئي. جڏهن هو ماني ڪائي بس ڪندو هو ته منهنجي ماءُ پاڻي سان پريل هڪ وڏو جستي وٽو هن کي آڻي ڏيندي هئي. هو پاڻي پي

هڪ وڏي ڏڪار ڏيندو هو وات ۾ پيٽ مان هڪ ڊگهي آواز سان گڏ هوا خارج ٿيندي هئي. پوءِ هو چلم چڪ ۾ لڳي ويندو هو ۽ جڏهن چلم پي وٺندو هو تہ پٽ تي وڇايل ڪڪائين تڏي تي سمهي پوندو هو. ڪجهہ ئي دير ۾ اسان جو ڪچو ڪمرو هُن جي ڪونگهرن سان وڄڻ شروع ٿي ويندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن مون کي ائين لڳندو آهي تہ هو منهنجو پيءُ ڪونہ هو. ڪڏهن وري سوچيندي هيس تہ شايد اُهوئي منهنجو پيءُ هجي پر هن ڳالهہ بابت مون کا گهٽي جانچ نہ ڪئي هئي، پر پوءِ بہ مان مونجهاري جو شڪار ضرور هيس، پر مون ان مونجهاري بابت ڪنهن کان بہ ڪو سوال نہ ڪيو هو.

بس اهو سوال پنهنجي اندر ۾ ئي گم ڪري ڇڏيم. هر ڀيري جڏهن بہ گرمين جون موڪلون گذارڻ لاءِ منهنجو چاچو قاهره کان ڳوٺ ايندو هو تہ مان هن کي ميڙمنٽ ڪندي هيس تہ هو مون کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃي. مون کي پنهنجو چاچو پيءُ کان بہ وڌيڪ پيارو لڳندو هو. هو جوان ۽ بالغ مرد هو پر هن ڪڏهن بہ مون کي پنهنجي پرسان ويهڻ يا سندس ڪتابن کي ڏسڻ کان روڪيو نہ هو. هن مون کي الف بي بہ پڙهائي هئي.

نيٺ جڏهن منهنجو پيءُ فوت ٿي ويو تہ هن مون کي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني ۽ جڏهن وري منهنجي ماءُ بہ مري وئي تہ هو مون کي پاڻ سان گڏ قاهره شهر ڏانهن وٺي آيو.

مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان تہ ڇا هڪ ماڻهو بہ ٻيرا جنم وٺي سگهي ٿو؟ جڏهن مون پهريون ڀيرو پنهنجي چاچا جي رهائش گاهہ ۾ قدم رکيو تہ مون پٽ تي لڳل هڪ بٽڻ دٻايو تہ يڪدم اُهو ڪمرو روشن ٿي ويو. تيز تکي روشني سبب مون کٽي اکين تي هٿ رکيا ۽ هڪ تيز خوفائتي رڙ منهنجي وات مان نڪتي، پر مون جڏهن وري اکيون کوليون تہ اهو احساس ٿيو تہ جڻ مون کو نئون جنم ورتو هجي، جڻ مان هن جهان ۾ پهريون ڀيرو آئي هجان. هن

روشنين جي جهان ۾ وري جڏهن مون آرسيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي پهريون ڀيرو ڏٺو تہ حيران ٿي ويس. اهو ہ مون لاءِ هڪ نئون تجربو هو. مان خوفزده ٿي وئي هيس. مون ڏٺو آرسيءَ ۾ هڪ اهڙي چوڪري بيٺي هئي جنهن کي اهڙو لباس پاتل هو جيڪو سنڊس پيرن تائين آيو پي ۽ هن جي پيرن ۾ ہ نوان چمپل پاتل هئا. اها چوڪري ہ مون کي حيرت مان ڏسي رهي هئي. مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ اها چوڪري آرسيءَ ۾ ڪٿان آئي هئي. مون هن کي ڇهڻ چاهيو پر ڇُهي نہ سگهيس. منهنجو ذهن اها ڳالهہ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ئي نہ هو تہ آرسيءَ ۾ نظر ايندڙ چوڪري ڪا مان پاڻ آهيان. ڇاڪاڻ تہ منهنجي قسمت ۾ اهڙو شاندار لباس ۽ چمپل ڪٿان آيا. مان ننڍپڻ کان بس هڪ ڊگهو گهگهو يا جُبو پائيندي هيس جيڪو ہ ميرو هوندو هو ۽ پل مون کي ڪيڏانهن ہ وڇڙو پوي منهنجا پير تہ هميشہ اُگهاڙا هوندا هئا. پر ڇهري مان مون پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ورتو هو. . . اها مان ئي هيس . . . هڪ ڊگهي قدآور آرسي منهنجي اڳيان هئي . . . ها آرسيءَ ۾ نظر ايندڙ چوڪري مان ئي هيس اهو نئون لباس ۽ نوان چمپل مون کي چاچي وٽي ڏنا هئا تہ جيئن مان اسڪول وڃي سگهان.

آرسيءَ کي گهورينديِ مون پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو "مان ڪير آهيان . . . فردوس . . . ها منهنجو اهو ئي نالو آهي . . ماڻهو مون کي ان نالي سان سڃاڻن ۽ سڏين ٿا. باقي منهن مهانڊي ۾ منهنجو نڪ پيءُ جهڙو ٽلهو تہ چپ سنهڙا ماءُ جهڙا هئا. منهنجي ڇهري جي آڻارن ۾ جڻ تہ منهنجا ماءُ، پيءُ زندهہ هئا، باقي هونئن تہ هو مري چڪا هئا ۽ هاڻ دنيا ۾ موجود ڪونہ هئا . . . بس انهن جي مرڻ کان پوءِ منهنجي زندگيءَ ۾ اها تبديلي آئي هئي جو مون وٽ پورو لباس ۽ پيرن ۾ جُتي ہ موجود هئي.

پنهنجي صورت کي ڏسي منهنجي دل ۾ آرسيءَ خلاف شديد نفرت پکڙجي وئي. ان ڏينهن کان پوءِ وري مون آرسيءَ کي ڪڏهن ہ

نہ ڏئو. ها بس ضرورت جي وقت وارن ۾ ڦٽي ڏيڻ لاءِ آرسي استعمال ڪندي هيس. سو به اسڪول وڃڻ وقت.

مون کي اسڪول جي پڙهائيءَ سان تمام گهڻو چاهه هو. اسڪول ۾ ڪوڙ سارا چوڪرا ۽ چوڪريون هئا. اسان اسڪول جي ميدان ۾ گڏجي راند ڪندا هئاسين. سورج مکي گلن جا ٻج گڏ ڪندا هئاسين ۽ گڏجي کائيندا هئاسين. ڪنڊيريون چوسيندا هئاسين. چيگم چٻاڙيندا هئاسين. ڪمند جو رس پيئندا هئاسين ۽ اسڪول جي ميدان ۾ هڪ ڪُنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ڊوڙ پچائيندا هئاسين. سچ ته اُهي ڏينهن مون لاءِ جڻ ته عياشيءَ جا ڏينهن هئا. اسڪول مان جڏهن گهر واپس ايندي هيس ته سموري گهر جي صفائي ڪندي هيس. ڀهاري ڏيندي هيس پنهنجي چاچي جا ڪپڙا ڏوئيندي هيس. هن جي ڪٽ ۽ بسترو صاف ڪندي هيس. ڪتاب چنڊي صاف ڪري رکندي هيس. هو هڪ ٽلهي لوهه جي استري وٽي آيو هو. مان ان استريءَ کي گاسليٽ جي سگريءَ مٿان رکي گرم ڪندي هيس. هو الازهر يونيورسٽيءَ مان سج لهڻ کان اڳ ۾ واپس اچي ويندو هو. مان کاڏو پچائي وٺندي هيس. اسان ٻئي گڏجي مانيَ کائيندا هئاسين. ان کان پوءِ مان صوفي تي سمهي پوندي هيس ۽ منهنجو چاچو وري ڪٽ تي ويهي ڪتابن جي پڙهائيءَ ۾ مصروف ٿي ويندو هو. مان جهمپ ڏئي هن جي ڪٽ تي وڃي ويهي رهندي هيس ۽ هن جي ڪتابن تي پيار مان هٿ ڦيرائندي هيس. مان ڪتابن جا ڪجهه لفظ پڙهي به وٺندي هيس. عجيب و غريب لفظ هوندا هئا. مون تي خوف طاري ٿي ويندو هو.

الازهر جي دنيا به عجيب آهي. اها صرف ۽ صرف مردن لاءِ آهي ۽ منهنجو چاچو به انهن مردن مان هڪ هو. هڪ اهڙو مرد جيڪو جڏهن وڏي آواز ۾ پنهنجو سبق ياد ڪندو هو ته ان جي آواز مان جلال ۽ رعب نظر ايندو هو.

سياري جي ٽڏين راتين ۾ مان پنهنجي چاچا جي ٻانهن ۾ سمهي پوندي هيس، بلڪل ائين جيئن ڪو ٻار پنهنجي ماءُ جي ٻانهن ۾ سمهندو آهيان. منهنجي دل چوندي هئي تہ مان هن سان محبت جو اظهار ڪيان، پر اهڙا لفظ منهنجي ذهن ۾ نہ ٽي آيا جن سان مان پنهنجي دل جو اظهار ڪري سگهان . . مان هن جي ٻانهن ۾ روئڻ چاهيندي هيس پر منهنجي اکين ۾ لڙڪ نہ ايندا هئا ۽ پوءِ مان گهري نند سمهي پوندي هيس.

هڪ ڏينهن مون کي بخار هو ۽ منهنجو چاچو ڪٽ جي سيراندي ۽ کان ويهي پنهنجي ٻنهي هٿن سان منهنجي مٿي کي زور ڏئي رهيو هو ائين سڄي رات هو منهنجي مٿان ويٺو رهيو ۽ مان بہ هن جو هڪ هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي سمهي رهيس.

جڏهن مون کي پرائمري اسڪول مان پاس جو سرٽيفڪيٽ ملي ويو تہ هن خوشيءَ ۾ مون کي هڪ گهڙي وٺي ڏني ۽ مون کي رات جو فلم ڏيکارڻ لاءِ سئنيما هال ۾ وٺي ويو. فلم ۾ هڪ عورت ناچ ڪري رهي هئي، جنهن جون ٽنگون گوڏن کان هيٺ اگهاڙيون هيون ۽ مون زندگيءَ ۾ اهو سين بہ پهريون ڀيرو ڏٺو هو جو هڪ خوبصورت عورت ڪنهن مرد جي هنج ۾ ويٺي هئي ۽ اهو مرد سندس ڇپن کي چمي رهيو هو. مون يڪدم پنهنجو منهن هيٺ ڪري ٻنهي هٿن ۾ لڪايو. مون کي چاچي سان گڏ اهو سين ڏسندي شرم محسوس ٿي رهيو هو. سئنيما مان ٻاهر ويڙ ڪانپوءِ چاچي مون کي چيو تہ عورتن جو ائين اڌ اگهاڙو لباس نچڻ توڙي هڪ غير مرد جو ائين عورت کي چمڻ بہ گناهہ آهي. هان مان چاچي جي اکين ۾ سڏو ڏسڻ کان لنوائيندي هيس. جڏهن اسان گهر واپس آياسين تہ هاڻ چاچي سان گڏ هڪ ڪٽ تي ويهڻ بہ مون کي عجيب لڳندو هو.

هاڻ چاچي جي پرسان ويهڻ يا هن جي ڇهڻ سان منهنجي عجيب حالت ٿي ويندي هئي. ان احساس ۽ ڪيفيت کي مان ڪوبہ نالو نہ ڏئي سگهان. مان صوفي تي ليٽيل هيس چادر مون کي

ڏکيل هئي، پر اوچتو مون کي لڳو ته منهنجي چاچي جون آڱريون آهستي آهستي منهنجي ويجهو اچي رهيون هجن ۽ هن چادر کي منهنجي چهري ۽ سيني تان هٽايو. پوءِ آهستي سان منهنجي ڳلن تي چمي ڏني ۽ پوءِ پنهنجا چپ منهنجي چپن ۾ ڪُپائي ڇڏيائين ۽ ان کان پوءِ هو پنهنجا هٿ منهنجي سموري بدن تي ڦيرڻ لڳو. انهيءَ سموري عمل دوران منهنجي چاچي جا هٿ ڏکي ٻه رهيا هئا. آهستي آهستي مون تي ٻه عجيب ڪيفيت چانئجڻ لڳي. اهو هڪ نئون احساس هو مون کي پنهنجي جسم ۾ هڪ اڻ ڄاتل لذت ۽ سُرور جو احساس ٿيڻ لڳو. جنهن کي هاڻ آئون وساري چڪي آهيان، پر مون کي ائين لڳو جڻ اهو احساس منهنجي جسم جي اندران ٻاهر اچي رهيو هجي. ڪنهن اهڙي حصي مان جنهن کي ڪافي عرصو اڳ منهنجي وجود مان ڪٽي ٻاهر اُڇلايو ويو هجي.

هاڻ منهنجو چاچو مڪمل طرح بدلجي ويو هو. هاڻ هو هڪ مڪمل مرد لڳندو هو. هن ڪتاب پڙهڻ ڇڏي ڏنا هئا. هن جبو پائڻ ڇڏي ڏنو هو. هاڻ پينٽ شرٽ ۽ ٽائي خريد ڪئي هئي. هن کي اوقاف کاتي ۾ نوڪري ٻه ملي وئي هئي ۽ ان سان گڏ هو الازهر يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي هڪ اُستاد جي ڌيءَ سان شادي ٻه ڪري ان کي گهر وٺي آيو هو. هن مون کي سيڪنڊري اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني ۽ ان سان گڏ پنهنجي نئين گهر ۾ وٺي آيو. اُتي مون چاچي ۽ اُن جي گهر واريءَ سان گڏ رهڻ شروع ڪيو.

هن جي زال قد جي بندري پر خوبصورت هئي. هوءَ جڏهن گهر ۾ هلندي هئي ته ائين لڳندو هو جڻ ڪا بدڪ گپ ۾ هلندي هجي. هوءَ انتهائي سخت ۽ ظالم عورت هئي. هن جون اکيون وڏيون ۽ ڪاريون هيون. هن جون اکيون نيم خوابي هيون ۽ انهن ۾ لاپرواهي جهلڪندي نظر ايندي هئي. منهنجو چاچو منهنجي چاچيءَ جو وڏو احترام ڪندو هو پر اهو احترام هو ڪو دل سان ڪونه ڪندو هو پر اها هن جي مجبوري هئي. چاڪاڻ ته سماجي

حيثيت جي حوالي سان منهنجي چاچي، منهنجي چاچا کان وڌيڪ هئي. جڏهن به منهنجي چاچيءَ جي مائٽن مان کو ماٺهو ايندو هو ته منهنجو چاچو مارڪيٽ مان ڪڪڙ جو گوشت ۽ ڪجهه فروٽ وٺي ايندو هو. اُهو سمورو ڏينهن ڪل خوشيءَ ۾ گذرندو هو.

مان روزانو اسڪول ويندي هيس. واپس موٽي اچي فرش صاف ڪندي هيس. ٽانوَ ڏوئيندي هيس ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ چاچا هڪ ننڍڙي چوڪريءَ کي نوڪرياٽي ڪري رکيو. اها منهنجي ڪمري ۾ مون وٽ سمهندي هئي. ڪمري ۾ جيئن ته هڪ ڪٽ هئي سو اها چوڪري هيٺ فرش تي سمهندي هئي. سياري جي هڪ رات مون هن کي پاڻ سان گڏ ڪٽ تي سمهاريو ته اهو لقاءُ جيئن ئي منهنجي چاچيءَ ڏٺو ته هن کي به ڏاڍي مار ڪيڏائين ۽ مون کي به ماريائين.

۽ وري جڏهن مان هڪ ڏينهن اسڪول کان واپس آيس ته مون چاچي کي انتهائي سخت ڪاوڙ ۾ ڏٺو. هن جي زال به سخت ڪاوڙ ۾ هئي ۽ هوءَ اوستائين روزانو جهيڙو ڪندي رهي، جيستائين چاچا مون کي بورڊنگ اسڪول ۾ داخل نه ڪرايو. هاڻ مان بورڊنگ اسڪول ۾ رهندي هيس. هفتي جي آخري ڏينهن تي ٻين چوڪرن يا چوڪرين جا مٽ مائٽ انهن کي وٺڻ لاءِ ايندا هئا ۽ ائين اُهي به ڏينهن خميس ۽ جمعو پنهنجي گهر ڏانهن هليا ويندا هئا. مان اهو نظارو ڏسندي رهندي هيس. مون کي ائين لڳندو هو جڻ مان هتي هڪ قيديائي آهيان. هڪ قيدخاني ۾ بند هجان ۽ جيل جي ڪوٺڙيءَ جي هڪ دريءَ مان سمورو نظارو ڏسندي هجان.

آهستي آهستي مون کي هاسٽل ۽ اسڪول جي زندگيءَ سان محبت ٿي وئي. نوان ڪتاب، نوان موضوع ۽ نيون ڳالهيون سکڻ جو مون کي اُتي موقعو مليو پي. نيون سهيليون ۽ هڪ ٻئي سان راز نياز جون ڳالهيون. ڪوبه اسان جي زندگين ۾ دخل ڏيڻ وارو ڪونه هو. ها

بس هڪ هاسٽل سپرنٽنڈنٽ هئي جيڪا رات ڏينهن اسان جي چوڪيداري ڪندي هئي. هوءَ اسان جي خلاف جاسوسي ۽ ڪرائيندي هئي. اهو ڄاڻڻ لاءِ ته اسان ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون ٿيون ۽ ڪهڙا ڪتاب پڙهون ٿيون. جيڪڏهن ڪا چوڪري رڌو ٿهڪ ڏيندي هئي يا خواب ۾ ڏڪندي رڙ ڪندي هئي ته يڪدم هوءَ هڪ بازجيان اچي مٿان جهپٽو هڻندي هئي.

منهنجي هڪڙي پياري سهيلي هئي جنهن جو نالو دفعيہ هو. هن جي ڪٽ منهنجي ڪٽ جي پرسان هوندي هئي. جڏهن ڪمري جي لائيٽ بند ٿيندي هئي ته اسان ٻئي ڪٽن کي سوري اڇان ۽ ويجهو ڪنديون هيونسين ۽ رات جو دير تائين ڪچهري ڪنديون هيونسين. هوءَ پنهنجي ڪنهن ڪزن جو ذڪر تمام گهٽو ڪندي هئي. هوءَ ان سان محبت ڪندي هئي ۽ هن جو ڪزن ۽ هن سان محبت ڪندو هو. هوءَ ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪندي هئي پر موٽ ۾ هن کي ڏڻائڻ لاءِ مون وٽ ڪجهہ ۽ نہ هوندو هو. چو ته منهنجو ماضي ڪو شاندار نہ هو. ننڍپڻ غربت ۾ گذريو هو ۽ مان ته محبت جي باري ۾ ۽ ڪو گهٽو ڪاڻ ڄاڻندي هيس. مان گذاريل وقت توڙي حال ۾ محبت کان اڻ ڄاڻ هيس. نہ ته منهنجو ماضي شاندار هو ۽ نہ ئي ڪو حال بهتر هو. ها باقي مستقبل جا خواب مون وٽ هئا ۽ جيڪي خواب مون کي وٺندا هئا اُهي مان مستقبل لاءِ سجائي رکندي هيس ۽ جيڪا ڳالهہ نہ وٺندي هئي اُها مستقبل مان ڪڍي ڇڏيندي هيس.

مان سوچيندي هيس يا ته مان پڙهي لکي ڊاڪٽر ٿيندیس يا انجنيئر يا وري وڪيل بڻجنديس. ائين هڪ ڏينهن اسان جي اسڪول ۾ هڙتال هئي. سمورا شاگرد ٻاهر روڊن تي نڪري آيا هئا. حڪومت خلاف مظاهرو ٿي رهيو هو. اوچتو مون ڏٺو ته سمورين چوڪرين مون کي ڪٽي ڪلهي تي کنيو ۽ مان تيز ۽ وڏي آواز ۾ نعرا هڻي رهيس هيس. "اسان جي حڪومت مرده باد"

جڏهن اسان اسڪول موڙي آياسين تہ منهنجو آواز ٽلهو بہ هوءِ ويهي بہ ويو هو. مٿي جا وار وکريل هئا. ڪپڙا ڦاٽل هئا. مان اها سموري رات سمهي نہ سگهيس. مان انهن خيالن ۾ گم رهيس تہ مستقبل ۾ مون کي هڪ سياسي ليڊر ٽيٽو آهي. ملڪ جي وزيراعظم ٽيٽو آهي ۽ ائين مان خوابن ۾ هلي ويس. گهري ننڊ سمهي رهيس. مان اهو بہ ڄاڻان پئي تہ ڪنهن عورت لاءِ اهو ممڪن ئي ناهي تہ اها هن ملڪ جي صدر ٿي سگهي. پر پوءِ بہ هڪ ڳالهہ مون شدت سان محسوس ڪئي هئي تہ مان عام عورتن جهڙي بلڪل بہ ناهيان يا جيڪي چوڪريون منهنجي آس پاس هيون مان انهن کان صفا مختلف هيس. اڇڪلهہ جون چوڪريون رڳو پيار محبت ۽ مردن سان لڳ لاڳاپن بابت ڳالهائيندڙيون هيون. يا وري پيار کهاڻيون پڙهندڙيون هيون، پر اُهي سڀ ڳالهيون مون لاءِ بي معنيٰ هيون. جيڪي ڳالهيون انهن چوڪرين لاءِ اهميت واريون هوندڙيون هيون سي مون لاءِ ڪابہ اهميت نہ پيون رکن.

هڪ رات منهنجي سهيلي دفعيہ مون کان پڇيو "تو ڪڏهن ڪنهن سان محبت ڪئي آهي، فردوس؟"

مون موڙ ۾ وراڻيو تہ "نہ ڪڏهن بہ مون ڪنهن سان محبت ناهي ڪئي."

هن مون ڏانهن حيرت سان نهاريو ۽ چيائين تہ ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهي.

مون هن کان پڇيو تہ "اها ڳالهہ توکي ايتري حيرت انگيز ڇو لڳي؟"

"تنهنجي ڳالهہ ٻولهہ ۽ اُٺ ويهڙ مان مون کي ائين لڳندو هو تہ ضرور توکي ڪنهن سان محبت هوندي."

"پر ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏسڻ سان آخر اها خبر ڪيئن پوندي تہ اهو ماڻهو محبت ۾ گرفتار آهي؟"

هوءَ چوڻ لڳي "مان گهڻو ته نه ٿي ڄاڻان پر ايترو ضرور سمجهان ٿي ته تنهنجي شخصيت اهڙي آهي جو تون محبت کانسواءِ زنده رهي ئي نه ٿي سگهين."

"پر تون ته ڏسين پئي مان محبت کرڻ کانسواءِ زنده آهيان."

"ته پوءِ تون کا بهتر زندگي گذارين ئي نه پئي يا وري زنده ئي ناهين."

هن اها آخري ڳالهه وڏي آواز ۾ چئي ۽ پوءِ گهري نند ۾ هلي وئي.

اهڙيءَ طرح جڏهن مان بورڊنگ اسڪول ۾ پڙهندي هيس ته راتيون مون لاءِ تمام ڏکيون ٿيندیون هيون ۽ ڏينهن وري رات کان به وڌيڪ وڏا لڳندا هئا. ان کان اڳ ۾ جو هاسٽل ۾ سمهڻ واري گهنٽي وڄي مان انهيءَ کان اڳ ۾ ئي پنهنجو ڪم ڪري ڇڏيندي هيس. ڪجهه عرصي کانپوءِ مون کي اها به خبر پئي ته اسڪول ۾ هڪ لائبريري به آهي. اها لائبريري هڪ اهڙي ڪمري ۾ قائم ڪئي وئي هُئي جيڪو ٻئي ڪنهن به ڪم جو نه هو. ان جا سمورا شيلف ٽٽل ڦٽل هئا. تختا ٻاهر نڪتل هئا. ڪتابن جي مٿان متيءَ جا تهه جميل هئا. مان هڪ ميري ڪپڙي سان ڪتابن کي صاف ڪندي هيس. پوءِ هڪ ليمپ جي هلڪي روشنيءَ ۾ پڙهل، ٽٽل ڪرسيءَ تي ويهي ڪتاب پڙهندي هيس.

مون پنهنجي اندر ۾ ڪتاب پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو هو. هر ڪتاب ۾ سکڻ لائق ضرور ڪا نه ڪا نئين ڳالهه هوندي هئي. ڪجهه نه ڪجهه لفظ مون کي دلچسپ لڳندا هئا. مون عورتن سان تاريخ ۾ ٿيندڙ ناروا سلوڪ بابت پڙهيو ته بادشاهه عورتن سان ڪهڙو نه ظالماڻو ورتاءُ ڪندا هئا. مون وڏين جنگين، عام ماڻهن، انقلابن، انقلابين جي زندگيءَ بابت ڪوڙ ساريون ڪهاڻيون پڙهيون. مون محبت جون ڪهاڻيون به پڙهيون ۽ محبت جا نظم به منهنجي نظر مان گذرندا رهيا. مون کي اُهي ڪتاب به وٽيا جيڪي بادشاهن جي باري ۾ هوندا هئا. هڪ بادشاهه جي باري ۾ ڄاڻ پئي ته جيترا هن جي

فوج ۾ سپاهي هئا اوتريون ئي ڪنيزون ۽ زالون هن جي حرم سرا ۾ هيون. هڪ بادشاهه جي باري ۾ ڄاڻ پئي ته هو راڳ ۽ شراب جو شوقين هو ۽ ملڪ مان چونڊي چونڊي حسين عورتون گڏ ڪيون هئائين. اهڙي طرح هڪ بادشاهه وري ماڻهن کي ماري خوش ٿيندو هو ته هڪ بادشاهه وري دولت گڏ ڪرڻ ۽ گهٽو ڪاڏو ڪائڻ جو شوقين هو. اهڙي طرح وري هڪ بادشاهه خودپسند ۽ سازشي هو. ان تاريخ جون حقيقتون لکائڻ لاءِ ياڙيتو اديب ۽ ليکڪ دربار ۾ رکيا هئا جن کان هو هٿراڏو تاريخ لکرائيندو هو. تاريخ کي هو پنهنجي مرضيءَ مطابق منظم ڪري رهيو هو. تاريخ پڙهڻ سان مون کي اها ڄاڻ پئي ته هن ڌرتيءَ جا اڪثر ظالم حڪمران سموري جا سمورا مرد هئا، ڪابه عورت ظالم حڪمران نه ٿي هئي.

سمورا مرد، حڪمراني، طاقت، دولت، جنسيت جا شوقين هئا. انهن دولت، شهرت ۽ عورت حاصل ڪرڻ خاطر ملڪ فتح ڪيا هئا. ماڻهن جو قتل عام ڪيو هو. هيءَ ئي اُهي ماڻهو هئا جيڪي دنيا ۾ هر برائي، هر بدتميزي، بددياني ۽ ڪوڙ جا ذميوار هئا. ڪنهن به بادشاهه بابت اصل حقيقتون تڏهن سامهون ايندیون هيون، جڏهن هو هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويندو هو. هاڻ منهنجي اها عادت ٿي وئي هئي ته لائبريريءَ ۾ موجود هر ڪتاب توڙي ايندڙ رسالن کي اُٿلائي پٿلائي ڏسندي هيس. تصويرون ڏسندي هيس، تحريرون پڙهندي هيس. مون ڏٺو ته هڪ بادشاهه جا سيئي پٽ، ڏيئرون، عوام سمورا ماڻهو هن جي خوشامد ڪندا هئا. هن جو حڪم سيني لاءِ حرف آخر هوندو هو. بادشاهه شڪي مزاج، آمريت پسند ۽ خودپسند هوندا هئا. انهن کي هر وقت سازشن جو خوف رهندو هو. ائين لڳندو هئن جڏ ڪو ڪائنڪ تخت ڦرڻ لاءِ سازشون ڪري رهيو هجي. مان اهو به ڏسندي هيس ته ماڻهو ڪهڙي طرح قوم جي شهيدن لاءِ مغفرت جون دعائون گهرندا هئا يا انهن ماڻهن جي لاءِ خدا کان بخشش گهرندا هئا، جيڪي ماڻهو وبائي مرضن يا ڏڪار سبب ۽ بکن ۾ مري ويندا هئا.

انهن ماڻهن جا سجدا بہ بس نام نهاد هوندا هئا. رياڪاري ۽ منافقي سان پرپور، انهن جي دلين ۾ خدا سان وفاداريءَ جو تصور هرگز بہ نہ هوندو هو ۽ وفاداريءَ جو مطلب اهو هوندو هو تہ غريب ٻئي خدا سان وفاداري ڪندو قرباني ڏيندو. منهنجو اهو ايمان ۽ يقين آهي تہ غريب ماڻهن جو ڪوبہ وطن يا ڌرتي ناهي هوندي.

مان جڏهن بہ تاريخ پڙهندي ٽڪجي پوندي هيس ۽ اهو سمجهندي هيس تہ هاڻ جاڙ لاءِ ڪا نئين ڳالهہ سامهون نہ ٻئي اچي تہ لائبرريءَ مان ٻاهر نڪري ايندي هيس. راند جي ميدان ۾ اچي ويهي رهندي هيس. تنها ۽ اڪيلي هوندي هيس. رات اونداهي هوندي هئي، چنڊ بہ نہ هوندو هو ۽ هاسٽل ۾ واپسيءَ جي لاءِ آخري گهنٽي بہ وڄي ويندي هئي. هر طرف اونداهي هوندي هئي ۽ بس مان سوچن ۾ ٻڏل هوندي هيس تہ سون سان مستقبل ۾ ڇا ٿيڻ وارو هو. آخر مون سان ڇا ٿيندو. مان ڪهڙي پاسي ٻئي وڃان. ڇا مان يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي سگهنديس يا نہ... ڇاڇو مون کي وڏيڪ پڙهڻ لاءِ خرچ ڏيندو يا نہ؟ هڪ رات منهنجي هڪ ٽيچر مون کي ائين اونداهيءَ ۾ ويٺل ڏسي ورتو هو. پر هن کي پري کان ائين لڳو جڻ ڪا ڪپڙي جي ڳنڍ هيٺ متيءَ تي پئي هئي. هن پري کان ئي وڏي آواز ۾ پڇيو "هتي ڪير آهي؟"

ڇرڪ پري مون جواب ڏنو "مان آهيان فردوس."

هوءَ منهنجي پرسان هلي آئي ۽ مون کي ڏسي حيرانيءَ جو اظهار ڪيائين. ڇاڪاڻ تہ مان سندس ڪلاس جي پسنديده ترين چوڪري هيس. هوشيار ۽ لائق. هن چيو تہ "سٽين چوڪرين جي اها نشاني بہ آهي تہ هاسٽل جي آخري گهنٽي وڄڻ کان پوءِ اُها پنهنجي ڪٽ تي ستل نظر اچي."

مون ٽيچر کي ٻڌايو تہ منهنجي طبيعت ڪجهہ ٺيڪ ناهي ۽ مون کي ننڊ نہ ٻئي اچي. هوءَ منهنجي پرسان اچي ويهي رهي. هن جو نالو مس اقبال هو. قدڪاٺ ۾ هوءَ ٿوري بندري پر ٽلهي ٽٽيري عورت هئي. هن جا وار ڪارا ۽ اکيون بہ وڏيون ۽ ڪاريون هيون. هوءَ مون

کي پنهنجي وڏين اکين سان گهوري رهي هئي. مون کي هن جون اکيون پنهنجي جسم ۾ تيز سئين جيان چيندي محسوس ٿيون. مون يڪدم پنهنجو چهرو پنهنجي ٻنهي هٿن جي وچ ۾ لڪايو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيم. پر ائين پئي لڳو جڙ مان هن جي اڳيان پنهنجو پاڻ کي لڪائڻ کان قاصر آهيان.

۽ ائين مان سڏڪا پري روئڻ لڳيس ۽ منهنجا هٿ جن ۾ مون پنهنجو منهن لڪايو هو منهنجي ڳوڙهن سان پرجي ويا هئا. هن همدرديءَ مان منهنجا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ پکڙيا ۽ همدرديءَ واري انداز ۾ چيو.

"فردوس، فردوس، ائين نه روئو."

مون چيو "نه... نه مون کي روئڻ ڏيو."

"پر مون توکي اڳ ڪڏهن ائين روئندي ناهي ڏٺو."

آخر توکي ڇا ٿيو آهي.

"بس ڪجهه به ناهي ٿيو ڪجهه به ته نه."

"پر پوءِ تون ڇو ٿي روئين"

"سچ، سچ ڇا تون سواءِ ڪنهن سبب جي روئي رهين آهين؟"

مس اقبال جي آواز ۾ حيرت هئي.

ٽيچر کوڙ دير تائين منهنجي پرسان ويٺل هئي. مون ڏٺو ته مس اقبال به پنهنجي ڪارين گول اکين سان خلا ۾ گهوري رهي هئي. هن جي اکين ۾ به هاڻ لڙڪ چمڪي رهيا هئا. هن جا لڙڪ اوچتو وهي سندس نڪ تي آيا ۽ اُهي لڙڪ آهستي آهستي هيٺ وهڻ لڳا. ٽيچر به پنهنجو چهرو پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ لڪايو ۽ مون وانگر سڏڪا پرڻ لڳي.

مون مس اقبال کان سوال ڪيو "توهان ڇو پيون رُئو."

"نه ته" هن چيو ۽ يڪدم رومال سان لڙڪ اگهڻ لڳي.

رات انتهائي انڌيري هئي. هر پاسي مانڌار چانيل هئي. ڪنهن به پاسي ڪا روشنيءَ جي سنهڙي ليڪ به نظر نه ٿي آئي. آسمان تي

چنڊ ۾ ڪو نہ هو. هن جون اکيون ۾ لڙڪن سان پريل هيون، هر پاسي مانار ۾ اوندهہ هئي. . . بس جادوئي ماحول لڳو پيو.

مون هن جي اکين ۾ پنهنجون اکيون ڪُپائي ڇڏيون. مون هن جي هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ ورتو. اسان جو هڪجهئي جي هٿن کي پاڻ ۾ جکڑڻ ۾ هڪ عجيب احساس هيٺ هو. اهو احساس مون کي ائين لڳو تہ جڻ ننڊپڻ ۾ مون ڪڏهن محسوس ڪيو هو. جيڪو ڪافي وقت ٽيو جو مون کان وسري ويو هو.

اوچتو مون کي ڪا ڳالهہ ياد آئي. مون پنهنجا چپ چورڻ جي ڪوشش ڪئي، پر منهنجو آواز ٻاهر نہ نڪتو. ڪجهہ اهڙو تاثر اُپريو جڻ ڪا ڳالهہ ياد آئي هجي ۽ وسري وئي هجي. خوف جي ڪري منهنجي دل جي ڌڙڪن تيز ٽي وئي. ڪنهن قيمتي شيءِ جي وڃائجي وڃڻ جو مون کي احساس ٽيڻ لڳو. منهنجيون آڱريون هن جي هٿن سان ائين ويڙهجي ويون جڻ ڪو اسان کي جدا نہ ڪري سگهي.

ان رات ڪانپوءِ جڏهن ۾ اسان آمهون سامهون ٽيندیون هيون سين تہ منهنجا چپ بي ساختا ڪجهہ چوڻ لاءِ ڦڙڪڻ لڳندا هئا، پر مان جيڪو چوڻ چاهيندي هيس سو چئي نہ سگهندي هيس. اوچتو ئي هوءَ منهنجي نظرن اڳيان گم ٽي ويندي هئي. ڪلاس ختم ٽيندو هو تہ هوءَ ماڻهن جي. ميڙاڪي ۾ گم ٽي ويندي هئي. هوءَ مون کي الائي ڇو نظر انداز ڪرڻ لڳي هُئي. بستري تي سمهندي مون کي خيال آيو تہ "ڇا مس اقبال ان رات وارو واقعو وساري ڇڏيو آهي؟..." اُهي لفظ منهنجي وات مان ۾ لفظن جي صورت ۾ نڪتا ڪجهہ دير ڪانپوءِ منهنجي روم پارٽنر دفعيہ پنهنجي ڪٽ منهنجي ڪٽ جي ويجهو آڻي پچڻ لڳي:

"ڪهڙي ڳالهہ وساري ڇڏي اٿائين؟"

مون چيو "خبر ناهي."

"تون خيالن جي دنيا ۾ ايترو گم ڇو رهندي آهين، فردوس؟"

"نہ، اهڙي ڳالهه ڪانهي، ها پر مون سان ڪو مسئلو آهي ضرور جيڪو تون نہ ٿي سمجهي سگهين، منهنجي پياري دوست."

"چا ٿيو آهي توکي؟"

مون پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون، تہ جيئن ياد ڪري سگهان تہ مون سان چا ٿي گذريو هو. آهستي آهستي منهنجي ذهن جي اسڪرين تي هڪ گول بال ظاهر ٿيڻ لڳا. پوءِ اُهي گول دائرا ايترا تہ وسيع ٿيندا ويا، جيترو زمين جو گول دائرو آهي. پوءِ وري اُهو دائرو هڪ جسم ۾" تبديل ٿي ويو ۽ وري اهو جسم مون ۾ داخل ٿي ويو. روشن سڄ جهڙو گول دائرو. ايتري تيز روشني هئي جو منهنجيون اکيون انڌيون ٿي ويون. هاڻ نہ تہ مون کي ڪاراڻ ٿي نظر آئي ۽ نہ ئي اچاڻ. منهنجي اکين آڏو اچا ۽ ڪارا دائرا هڪٻئي ۾ وچڑڻ لڳا هئا. هاڻ مان پنهنجي ماءُ پيءُ، چاچي دين محمد، مس اقبال ۽ دوست دفعيہ جي چهرن ۾ فرق ڪرڻ جي قابل ۾ نہ هيس. مون پنهنجيون اکيون يڪدم کوليون تہ ڪٽي مان سچ پچ انڌي نہ ٿي ويان. اوچتو مون ڏٺو تہ پارٽنر دفعيہ جو گول چهرو منهنجي سامهون آهي. هوءَ ايان ۾ جاڳي رهي هئي ۽ مون کي چوڻ لڳي تہ "فردوس، چا سچ پچ تون مس اقبال سان پيار ڪرڻ لڳي آهين؟"

"مان" مون سوالیا انداز ۾ چيو.

"ها، تون ٻيو وري ڪير" دفعيہ چيو.

"نہ، هرگز ۾ نہ" مون جواب ڏنو.

"تہ پوءِ تون هر رات انهيءَ بابت چو ڳالهائيندي آهين؟"

"مان ڪٽي ڳالهائيندي آهيان" تون روز ڪاڻ کا هُن بابت ڳالهه پڇندي آهين" مون چيو.

"ها، پر مس اقبال پنهنجي استادياڻي آهي" دفعيہ چيو.

"ها، اها ڳالهه درست آهي" مون چيو "پر تون سوچ تہ پلا هوءَ هڪ عورت آهي ۽ مان هڪ عورت آهيان، تہ پوءِ هڪ عورت ٻي عورت سان ڪيئن ٿي پيار ڪري سگهي؟"

سالیانا امتحان شروع ٿي ويا هئا. هاڻ دفعيہ ۾ مان اجايو ڳالهيون ڪونہ ڪنديون هيونسين، پر هر رات دفعيہ سان گڏ مان استبڊي روم ۾ ٻين ڇوڪرين سان گڏ پڙهائيءَ ۾ مشغول ٿي ويندي هيس. بورڊنگ هائوس جي سپرنٽيڊنٽ هر وقت اسان مٿان نظر رکندي هئي. کاڻ ڇوڪري رڳو ساهہ کڻندي هئي يا منهن مٿي ڪندي هئي تہ خبر ناهي هاسٽل وارڊن ڪٿان اچي نازل ٿيندي هئي. ان کي ڏسندي ئي سڀ ڇوڪريون ڪتابن ۾ منهن لڪائي ڇڏيندیون هيون.

مون کي پڙهائي ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو. مان مسلسل پڙهندي رهيس ۽ جڏهن اسان جي فائنل امتحان جو نتيجو آيو تہ مان پنهنجي اسڪول ۾ ٻئين نمبر تي هيس ۽ سموري ملڪ جي اسڪولن ۾ ستون نمبر ڪنيو هيم. امتحانن جي نتيجي جي اعلان کان پوءِ سرٽيفڪيٽ ڏيڻ لاءِ هڪ خاص فنڪشن جو بندوبست ڪيو ويو هو. پرنسل تقريب واري پريل هال ۾ جتي ٻين ڇوڪرين جا مٽ مائٽ ۽ والدين آيل هئا. منهنجي نالي جو اعلان ڪيو پر منهنجي ياران هال مان ڪوبہ فرد اهو انعامي سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ ڪونہ اُٿيو. پرنسپال ٻہ ٽي ڀيرا منهنجو نالو ورتو پر ڪير بہ نہ اُٿيو سموري هال تي خاموش ڇانئجي وئي. پرنسپل وري منهنجو نالو ورتو منهنجي دل چيو تہ مان پنهنجي سيٽ تان اُٿي بيهان پر منهنجي پيرن اُٿي بيهڻ کان جواب ڏنو. مون هڏل آواز ۾ رڙ ڪئي "حاضر سر"

مون ڏٺو تہ هال ۾ ويٺل سمورا چهرا مون کي تڪڻ لڳا. ماٺهن جون نظرون مون کي چيڙ لڳيون. منهنجي نڙي خشڪ ٿي وئي ڪوبہ آواز نہ نڪتو.

پرنسپل هڪ ڀيرو وري زوردار آواز ۾ چيو "فردوس" اُٿي بيهه. ويٺي ويٺي جواب نه ڏي.

هاڻ مون کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته مون کي اُٿي بيهڻ گهرجي. اُٿي بيٺيس ته پرنسپل رڙ ڪئي. "ڪٿي آهن تنهنجا مائٽ يا سرپرست؟"

ماٺهن سان ڀريل هال ۾ مايار ڇانيل هئي. ماٺهو مون کي ڏسي رهيا هئا. مون انهيءَ پرئي مجموعي ۾ پاڻ کي اڪيلو بيوس ۽ خيال ۾ گم ٿيل محسوس ڪيو.

ها. وري به به اکيون بس به گولا اکين جا مون پاڻ تي فوڪس ٿيندي ڏٺا. سمورو هال جڏهن مون کي اونداهي ۾ ٻڏندي محسوس ٿيو منهنجا قدم ٽڙڪڻ لڳا ته ماٺهن جي قطار مان ڪو اُٿيو جنهن اڇي منهنجو هٿ پڪڙيو. انهيءَ هٿ جي سهاري مان اسٽيج ڏانهن وڌڻ لڳيس. انهن هٿن جي ڇهاءَ ۾ جيڪو سرور جيڪا لذت هئي. انهيءَ مون کي همٿ ۽ حوصلو ڏنو. منهنجو شعور روشن ٿي ويو ذهن سجاڳ ٿي ويو.

هوءَ منهنجو هٿ پڪڙي ويٺل ماٺهن جي قطارن کي پار ڪندي مون کي وچ اسٽيج تي آڻي بيهاريو. جتي اسان جي پرنسپل بيٺل هئي. مون پرنسپل جي هٿن مان پنهنجو انعام ۽ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو. پرنسپل منهنجي مارڪ شيٽ تان منهنجي ڪنيل مارڪن کي پڙهيو پوءِ هن ريشمي ڪاغذ ۾ ويڙهيل منهنجو انعام ۽ سرٽيفڪيٽ منهنجي حوالي ڪرڻ چاهيا. پر منهنجي هٿن چرپر ڪرڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو. مون بي وسيءَ وچان پاڻ سان گڏ آيل مس اقبال ڏانهن ڏٺو جيڪا مون کي هيٺان مٿي وٺي آئي هئي. مس اقبال. پرنسپل کان منهنجو انعام ۽ سرٽيفڪيٽ وصول ڪيا ۽ پوءِ هوءَ پنهنجي هٿن سان واپس مون کي ان ڪرسيءَ تي وٺي آئي. جتي مان اڳ ۾ ويٺي هيس. مان ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. سرٽيفڪيٽ جهول ۾ هئا ۽ انهن مٿان رنگ برنگي ڪاغذ ۾ بند ٿيل انعام وارو پارسل پيو هو. جنهن کي مون ٻنهي هٿن ۾ قابو ڪري جهليو هو.

اهڙيءَ طرح منهنجي اسڪول جو آخري سال بہ گذري ويو. مٽ مائٽ ايندا ويا ۽ پنهنجي هارن کي وٺي روانا ٿيندا رهيا. پرنسپل منهنجي چاچي کي بہ تار موڪلي هئي ۽ اُهو مون کي وٺڻ لاءِ آيو هو. انهيءَ رات جي فنڪشن ۾ ملاقات کانپوءِ وري منهنجي کابہ ملاقات مس اقبال سان نہ ٿي سگهي هئي. اهڙي طرح وري هڪ رات هاسٽل ۾ سمهڻ جي گهنٽي وڄڻ کان پوءِ بستري تي سمهندي بہ مون کي ننڊ نہ ٿي آئي. جنهن ڪري مان ٻاهر ميدان تي نڪري آئي هيس. ٿورو بہ ڪڙڪو منهنجي ڪنن تي پيو ٿي تہ مون چرڪ پري اوڏانهن ڏٺو پي پر اونداهي سبب سواءِ ڪجهہ پاڻ جي مون کي ڪجهہ نظر نہ ٿي آيو. اوچتو ڪجهہ پريان ڪان هڪ اونداهي پاسي هڪ انسان جهڙوپاڇو مون کي نظر آيو تہ مون وڏو چرڪ پريو. مان اُٽيس ۽ انهيءَ پاسي هلڻ لڳيس. مون کي اهو پاڇو ڄاتل سڃاتل پي لڳو. مون اونداهي ڪنڊ ڏانهن وڌندي وڏي رڙ ڪئي "مس اقبال" پر وڏي ڪوشش جي باوجود بہ منهنجو آواز رڳو منهنجي ڪن تي پيو. مان ڪجهہ بہ نہ ٻڌي سگهيس. منهنجي خوف ۾ ايڏا بہ واڌارو اچي ويو. مون ڏٺو تہ اُتي انساني جسم جهڙي ڪا شيءِ ضرور هئي پر سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ ڪير هو.

نيٺ مون وڏي رڙ ڪري پڇيو تہ "ڪير آهين تون؟"

مان اوچتو پنهنجي آواز جي گوڙ تي چرڪ پريو. مان خواب ڏسي رهي هيس. جيئن ڪو ننڊ ۾ ٻيل ماڻهو پنهنجو پاڻ سان ئي وڏي آواز ۾ ڳالهائيندو هجي. اوندهہ آهستي آهستي ختم ٿيڻ تي هڪ پڪين سرن جي ديوار مون کي نظر اچڻ لڳي. جنهن تي ايڏا پلستر

ٽيل ڪونہ هو. مون کي ائين لڳو جڙ اُها ديوار ايڏا اوڏي مهل ئي ڪاهي وئي هجي. بس خواب تہ خواب ئي هوندو آهي.

اسڪول ڇڏڻ کان اڳ مون هر دروازي درياءَ کي ڏٺو. شايد مس اقبال جو چهرو ڪٽان ظاهر ٿئي. ڪنهن دريا درياءَ مان هوءَ هٽ لوڏي مون کي متان خدا حافظ چوي. جڏهن منهجا پير ڪاليج جي وڏي گيٽ کي پار ڪرڻ لڳا تہ مون بدحواسيءَ ۾ پنڌتي مُڙي ڏٺو ۽ چاڇي کي چيمر تہ پليز ٽوري دير هتي ترسو. پر نيٺ ڪجهہ دير جي انتظار کان پوءِ اسان اسڪول کان ٻاهر بازار ۾ هياسين. چاڇي جا تيز تيز قدم منهنجي اڳيان ڪڇي رهيا هئا ۽ مان هن جي پٺيان پٺيان هلي رهي هيس. اسڪول جو ٽلهو لوهي گيٽ بند ٿي چڪو هو. پر پوءِ به مان وري وري پٺيان مُڙي ڏسي رهي هيس. شايد اهو دروازو هڪ پيرو ڪُلي ۽ اُن جي پٺيان کان بيٺل مس اقبال جو هٽ لُڏندي مون کي خدا حافظ چوي!

4

مان مجبورن تکڙا، تکڙا قدم کٹندي بازار ۾ پنهنجي چاچي پٽيان هلي رهي هيس، پر اهو بند گيٽ منهنجي اکين اڳيان هر وقت ڦرندو رهندو هو. هاڻ مان اسکول کان فارغ ٿي آئي هيس ۽ چاچي جي گهر ۾ رهڻ لڳي هيس. هن جي گهر واري ۽ هن جا ٻار ان گهر جا وارث هئا. مون جلدي محسوس ڪري ورتو هن گهر ۾ منهنجي لاءِ ڪابہ جاءِ ڪانهي. مون کي ڊرائنگ روم جي هڪ ڪنڊ ۾ جنهن جي ديوار چاچي جي بيد روم سان مليل هئي، اُتي هڪ ڇڪل ڪاٺ جي ڪٽ سمهڻ لاءِ ڏني وئي هئي. رات جو اُن ڪٽ تي سمهندي مان انهن جا اُهي سُرهاٽ ٻڌندي هيس جيڪي منهنجو چاچو ۽ چاچي پاڻ ۾ مون بابت ڪندا هئا.

"ها تہ اڇڪلهہ نوڪريون آهن ڪٽي نوڪري سو بہ هڪ چوڪريءَ لاءِ، جنهن وٽ رڳو هڪ سيڪنڊري اسکول جو پاس سرٽيفڪيٽ هجي، ان کيَ نوڪري ڪٽان ملندي؟"

"تہ پوءِ آخر هوءَ چا ڪندي؟"

ڪجهہ بہ نہ هن کي موں سيڪنڊري اسکول ۾ داخل ڪرائي غلطي ڪئي. هن کي ڪنهن هُنري اسکول يا ڪمرشل اداري ۾ داخلا وٺي ڏيان ها."

"ڪجهہ بہ ڪر، پر هن جو ڪو بندوبست ڪر."

"ها، بس هيءَ اسان وٽ اوستائين رهندي، جيستائين مان هن لاءِ ڪا نوڪري نہ ٿو ڳوليان."

"ائين ته سالن جا سال گذري ويندا، اسان جو گهر به ننڍو آهي. خرچ به گهٽو آهي ۽ هيءَ اسان جي هارن کان وڏي آهي، کاڏو به انهن کان ٻيٽو ٽي کائي."

"پر هوءَ توسان گهر جي ڪم ڪار توڙي هارن جي سار سنيال ۾ هٿ به ته وندرائي ٿي."

"ها، پر گهر ۾ ڪم ڪار لاءِ نوڪرياڻي به ته رکيل آهي. ماني ٽکر ته مان پاڻ پچائيندي آهيان." چاچيءَ چيو.

"ته هوءَ ماني ٽکي تيار ڪرائڻ ۾ تنهنجي مدد ته ڪري سگهي ٿي."

"مون کي هن جي هٿ جو پچايل کاڏو نه ٿو وٺي."

"توکي ياد هوندو ته هن ڪالهه جيڪا مرغيءَ جي پاڇي پچائي هئي، ان جي داڳ کي ساڙي ڇڏيو هئائين. تو پاڻ مون کي چيو هو ته ڪڙ جي ٻوڙ ۾ اهو مزو ناهي جيڪو تنهنجي هٿ ۾ آهي."

"ٺيڪ آهي، پر جي اسان نوڪرياڻي سعديه کي جواب ڏئي، اهو ڪم فردوس کان ڪرايون ته نوڪرياڻيءَ جي پگهار جا پنج سؤ رپيا بچي سگهن ٿا."

"هوءَ، سعديه جهڙو ڪم ڪڏهن به نه ڪري سگهندي. سعديه هن کان عمر ۾ ننڍي آهي پر چست، چالاڪ ۽ ڪم جي هوشيار آهي. سعديه هر ڪم ذميواريءَ سان ڪندي آهي. فردوس سست، ڪاهل ۽ خيالن ۾ گم رهندڙ چوڪري آهي. هوءَ لاپرواهه آهي. مون کي هن جون اُهي حرڪتون اصل نه ٿيون وڻن."

"ته پوءِ آخر اسان هن جو ڪهڙو بندوبست ڪيون؟" چاچي، پنهنجي زال کان پڇيو.

"هن مان جان ڇڏائڻ جو هڪ طريقو آهي، ته هن کي وري ڪنهن تعليمي اداري ۾ داخلا وٺي ڏي ۽ هيءَ وري وڃي ڪنهن هاسٽل ۾ رهي."

"پر ڪنهن ٻه يونيورسٽي يا ڪاليج ۾ ته ڇوڪرا، ڇوڪريون گڏ گهمندا ڦرندا ۽ گڏ ڪلاس ۾ ويهندا آهن. مون جهڙو عزت دار ماڻهو ديندار ۽ مذهبي ماڻهو الازهر جو تعليم يافته فرد اهو ڪيئن برداشت ڪندو ته هن جي جوان ڌائٽي ڇوڪرن سان گڏ وڃي ويهي. ان کانسواءِ هن جي ڪتابن، يونيورسٽي جي فيس ۽ هاسٽل جو خرچ ڪير ڀريندو. مهانگائي اڳ ۾ ئي گهٽي آهي، گذارو مشڪل سان ٿئي ٿو وري خرچ کي ڪيئن وڌائجي." چاچي چيو.

ته پوءِ مون وٽ هن جو هڪ زبردست حل موجود آهي." چاچيءَ چيو.

"ڪهڙو حل؟"

"منهنجو چاچو محمود هڪ نيڪ انسان آهي، نماز روزي جو پابند آهي. سڻي پينشن ٻه هن کي ملي ٿي. هن جي زال مري چڪي آهي. ٻار وغيره ٻه ڪونه اٿس. اداسي ۽ اڪيلائيءَ جو شڪار آهي، جيڪڏهن فردوس هُن سان شادي ڪرڻ تي رضامند ٿي وڃي ته هن جي زندگي سکي گذرندي. اهڙي طرح منهنجي چاچي کي ٻه هڪ سڻي گهرواري ملي پوندي ۽ هو ٻه سڻي زندگي گذارينڊو. فردوس هاڻ جوان ٿي وئي آهي. هن جي شادي ڪرائڻ ضروري ٿي پيو آهي. هونئن ٻه سُڻي ۽ شريف ڇوڪريءَ جي شادي جلد ڪرائي ڇڏڻ گهرجي. اسان جو هيءُ سماج بدمعاشن ۽ حرامزادن سان ۽ آواره مردن سان ڀريو پيو آهي."

"هونئن ته تنهنجي ڳالهه نيڪ آهي، پر شيخ محمود، فردوس جي پيٽ ۾ تمام گهڻو پوڙهو آهي."

"ڪير ٿو چوي ته هُو پوڙهو آهي؟" چاچيءَ چيو.

"هن سال ئي ته هو رٽائرڊ ٿيو آهي ۽ پلا فردوس ٻه هاڻ ڪهڙي ٻارڙي آهي. هن جي عمر جي ڪيترين ئي ڇوڪرين جون شاديون ٿي چڪيون آهن ۽ انهن کي ته ٻار ٻه آهن. ان کانسواءِ هڪ پوڙهو ۽ تجربيڪار مڙس اڇڪلهه جي نوجوان مردن کان هزار دفعا بهتر آهي، جيڪو گهر هلائي ڄاڻي. نوجوان مڙس ته زال کي مارڪٽ ٻه ڪندا

آهن، بي عزت ڪندا آهن، پوڙهو مرد جوان زال جو وڌيڪ خيال ڪندو آهي."

"ها، مان مڃان ٿو" چاچا چيو. "پر محمود صاحب جي ڇهري تي هڪ وڏي ڦرڻي بہ آهي."

"ڦرڻي يا اُهو ڦٽ ڪير ٿو چوي تہ ڪا وڏي بيماري آهي." چاچيءَ چيو. "هونئن بہ پئسو اهڙي شيءِ آهي جيڪو وڏا وڏا عيب لڪائي ڇڏيندو آهي."

"پر جيڪڏهن فردوس، ان پوڙهي سان شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ پوءِ؟" چاچي پنهنجيءَ زال کان پڇيو.

"هوءَ چو انڪار ڪندي" چاچيءَ چيو.

"اسان تہ هن جو اهو پلو ڪري رهيا آهيون. هن کي مائٽن کان ورثي ۾ ڪجهہ بہ ناهي مليو پاڻ بہ ڪجهہ ڪمائڻ جي لائق ناهي. اسان هن لاءِ شيخ محمود جهڙو پئسي وارو ماڻهو ڳولي سندس شادي ڪرائي رهيا آهيون."

"تون ڇا ٿي سمجهين تہ پلا شيخ محمود بہ فردوس سان شادي ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويندو؟"

"ها، جيڪڏهن مان هن سان ڳالهائيندیس تہ اُهو راضي ٿي ويندو نہ رڳو ايترو پر فردوس جي رشتي عيوض مان هن کان ڪوڙ ساري رقم بہ وٺي ايندیس."

"ڪيتري رقم؟"

گهٽ ۾ گهٽ هڪ يا بہ سؤ پائونڊ"

"ٺيڪ آهي جيڪڏهن هڪ سؤ پائونڊ بہ نقد رقم هوڏئي تہ مان پنهنجي پائٽيءَ جو سڳ هن کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

"ها، پر مان هن کان گهرندیس بہ سؤ پائونڊ، پوءِ هن جيڪي بہ ڏنا." چاچيءَ لالچ پرئي انداز ۾ چيو. پر چا تون نہ ٿي چاڻين تہ هو پنج سؤ ملائم (اُتي هلندڙ سڪو) جي معاوضي تي ڪلاڪ واعظ ڪندو ۽ بحث ڪندو رهي ٿو هڪ پياستر (پئسو) خرچ ڪرڻ کان بہ هن جو ساهہ ٿو وڃي. جيڪڏهن اُهو توکي هڪ سؤ پائونڊ بہ ڏيڻ تي راضي ٿي

وڃي ٿہ ان کي نعمت سمجهجانءِ اُهي پئسا اسان کي ملي پون ٿہ ان سان نہ رڳو مان پنهنجا ننڍا ننڍا قرض ادا ڪري وٺندس بلڪ ڪجهہ ڪپڙا پنهنجي ۽ فردوس لاءِ ۽ خريد ڪري وٺندس. گهٽ ۾ گهٽ شاديءَ ۾ هن وٽ هڪ ۽ نوان جوڙا هجن."

"تون هن جي ڏاج جو فڪر نہ ڪر. ڪراڪري، فرنيچر ۽ ٻئي سامان سان شيخ محمود جو گهر ڀريل آهي. هن کي اسان کان ڪجهہ ۽ نہ گهرجي. هن جي مري ويل زال جو ڏاج ئي هن وٽ ڪوڙ آهي. هن کي بس هڪ ساٿي ڪپي وندرائڻ لاءِ."

"ها، مان سمجهان ٿو ٿہ فردوس لاءِ تو بهتر ئي سوچيو آهي."

چاچو پنهنجي زال سان سمهت ٿي چڪو هو.

"خدا جو قسم، محترمہ، توهان جي پائٽي فردوس خوش نصيب آهي جو هن جي شادي شيخ محمود سان ٿي ويندي."

"سچ ۽ اسان کي خدا جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي، جو هو جيڪو ۽ ڪندو آهي. انهيءَ ۾ انسان جي ڀلائي هوندي آهي." چاچا چيو. پوءِ ماڻار چانئجي وئي. مون ذهن جي اسڪرين تي پنهنجي تصور جي زور تي ڏٺو ٿہ ديوار جي هن پاسي ماڻار ٿيڻ کان پوءِ اُهي پاڪرن ۾ پري هڪٻئي کي چمي رهيا هئا. شايد منهنجي چاچي پنهنجي زال کي هيٺ سمهارڻ ٿي چاهيو ۽ هوءَ چاچي مان جان ڇڏائڻ ٻئي چاهي جو سندس سرپات منهنجي ڪنن تي پيو.

"نہ... نہ... اڄ نہ... سياڻي."

پر چاچو شايد گهڻو جذباتي ٿي چڪو هو.

"ڇڏ مون کي... ڇڏ مون کي..."

ان وچ ۾ تيز تيز ساهہ کڄڻ جو آواز منهنجي ڪنن تي پيو پوءِ کاٽ جي ڪٽ جي چيڪاٽن جا آواز منهنجي ڪنن تي اچڻ لڳا.

"نہ...نہ" خدا کي مڃ ايئن زبردستي نہ ڪر."

"چاچي زبردستي" چاچي جو ڪاوڙ ڀريو آواز منهنجي ڪنن تي پيو.

"تون منهنجي زال آهين." هڪ عورت آهين، منهنجي نڪاح ۾ آهين، تنهنجي مڙس جي حيثيت ۾ مون کي اهو حق حاصل آهي ته مان جيئن به چاهيان جيڏي مهل به چاهيان توسان ڪيان."

هاڻ ته ڪٽ جي چيڪاٽن جا آواز صفا تيز ٿي ويا هئا. تيز ساهن کڄڻ جا آواز به. ائين لڳو جڻ ڪي ٻه وجود هڪٻئي سان ملهه وڙهي رهيا هجن، انهن جي تيز ساهن جي آوازن سان گڏ منهنجا ساهه به گرم ٿيڻ لڳا ۽ منهنجي ساهن ۽ سيني ۾ زلزلو اچي ويو هو. پر پوءِ آهستي آهستي سمورا آواز مائا ٿيندا ويا ۽ ائين منهنجا ساهه به واپس پنهنجي جاءِ تي اچڻ لڳا. هاڻ منهنجو جسم به ٿڪجي چڪو هو۽ آهستي آهستي مان ننڊ پئجي ويس.

ٻئي ڏينهن تي صبح جو سوير مون چاچي کي ناشتو ٺاهي ڏنو. جڏهن مون هن کي چانهن ماني ڏني يا وري ٽانوَ ڪٽڻ ويس ته مون ڏٺو منهنجو چاچو مون سان نظرون ملائڻ کان پرهيز ڪري رهيو هو. منهنجي ڏسڻ وقت هن ڪنڌ هيٺ ٿي ڪري ڇڏيو يا وري ٻئي پاسي ٿي نهاريو. هن جي اها ڪوشش هئي ته سندس نظرون مون سان نه ٽڪرائجن. مون چاچي جي وڃڻ جو انتظار ڪيو جڏهن هو گهر کان ٻاهر هليو ويو ته مون ڪٽ جي هيٺان رکيل پنهنجي ڪپڙن جو ٿيلهو ڪڍيو ان ۾ رات جي پائڻ واري گائون سميت پنهنجا سيڪنڊري اسڪول جا سرٽيفڪيٽ، ڪپڙا ۽ سمورو سامان ٿيلهي ۾ رکيم. نوڪرياڻي سعديه چاچي جي هارن کي ڪاڏو ڪرائي رهي هئي. چاچي پنهنجي ڪمري ۾ مصروف هئي. مان ٻاهر نڪرڻ لڳيس ته چاچي جي ننڍڙي ڏيءَ هالا جيڪا اڃا ڳالهائي نه سگهندي هئي، پنڌ ڪرڻ مس سکي هئي، مون وٽ هلي آئي. گهر جي اُها واحد فرد هئي جيڪا مون وٽ ايندي هئي. هوءَ مون کي ٻاتي ٻوليءَ ۾ "ووس" "ووس" چوندي هئي. مان هن جي وارن ۾ هٿ ڦيرينديس. هن سان پيار ڪندي

هيس. پر جڏهن به هن جي ماءُ کي خبر پوندي هئي ته هالا مون وٽ آهي ته يڪدم هوءَ هن کي پاڻ ڏانهن سڏي ونندي هئي.

مون ٻاهريون دروازو آهستگيءَ سان کوليو. هالا مون کي پٺيان سڏي رهي هئي "ووس، ووس" پر مون پهريون دفعو هن کي نظرانداز ڪري گهر کان ٻاهر نڪري ڊوڙ پاتي هئي. ان معصوم ٻارڙيءَ جو آواز منهنجو پيڇو ڪري رهيو هو. مان گهر کان ٻاهر فوٽ پاٽ تي هلي رهي هيس. هاڻ مان بازار ۾ ماڻهن جي وچ ۾ هلي رهي هيس، منهنجي اندر ۾ عجيب قسم جا احساس جنم وٺي رهيا هئا. ڇاڪاڻ ته گهر ڇڏڻ ڪانپوءِ هاڻ مون وٽ ڪابه واضح منزل ڪانه هئي. مون کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي، سو مون اڃان ڪوبه فيصلو نه ڪيو هو. بازار ۾ پهريون پيرو مون کي اڪيلائي، اداسي ۽ خوف جو احساس ٿيو. مون ڏٺو ته بازار ۾ هر طرف ماڻهو موجود هئا. ڪي بسن ۾ هئا، ڪي موٽر گاڏين ۾ ته ڪي وري پنڌ هلي رهيا هئا، پر هر ماڻهو خبر ناهي ته ڪهڙي تڪڙ ۾ هو. هر ڪنهن جا قدم تيز تيز هلي رهيا هئا. بازار ۾ امير ماڻهو به هئا ته غريب، ڪاريگر، پراڻن، چتين لڳل ڪپڙن وارا به هئا. ڪن کي پير ۾ چمڪندڙ بوٽ هئا ته ڪن کي ڇڳل چمپل ۽ گهيٽلا پاتل هئا. ڪن جي اکين ۾ خوشين پري چمڪ هئي ته ڪي وري اداس، غمگين ۽ بي نور اکيون هيون.

مان ان ڳالهه تي حيران هيس ته آخر اُهي ايترا سارا اڻ ڪٽ ماڻهو ڪٿان آيا هئا ۽ هر ڪو پنهنجي ڌن ۾ مگن هو. هر ڪنهن جا پنهنجا غم ۽ خوشيون هُيون ۽ مان به خوش هيس ته مان به هاڻ بازار ۾ گهمندڙ انهن ماڻهن جيان آزاد ۽ خودمختيار آهيان."

پر جڏهن شهر تي رات جي اونداهي چادر تاڃجڻ لڳي ته مان انهيءَ فڪر ۾ وکوڙجي ويس ته مان هيءَ اونداهي رات ڪٿي گذاريان. مان سڃو ڏينهن پنڌ هلندي هاڻ ٿڪجي پئي هيس ۽ هاڻ ته بڪ به ساٿو ڪري وڃڻو هو. نيٺ مان هڪ ديوار جو سهارو وٺي بيهي رهيس مون پٽ جو سهارو ونندي ٿڌري ٿڪاوٽ ختم ڪئي. ساهن

کي بحال ڪيم تہ اوچتو مون کي ائين لڳو جڙ منهنجي آس پاس موجود بازارن سمنڊ جي شڪل اختيار ڪري ورتي هجي، جنهن ۾ ماڻهو ۽ گاڏيون تيز لهرن جيان هڪبئي کي ڏکيندي گذري رهيا هئا. هر پاسي بس ٻوڏ جهڙي صورتحال ۾ سمنڊ، لهرون ۽ انهن لهرن جي وچ ۾ قاتل مان اڪيلي، اداس، مون ڏٺو تہ جڙ هڪ ئي وقت هزارين اکيون مون کي گهوري رهيون هجن. پر انهن نگاهن ۾ منهنجو وجود جڙ تہ هئڻ ۽ نہ هئڻ جي برابر هو.

وري اوچتو رات جي اونداهيءَ ۾ ٻہ اکيون مون کي پاڻ تي ڪُتل نظر آيون. اُهي نگاهون ڪنهن تيز خنجر جيان مون کي پنهنجي جسم ۾ چُپندي نظر آيون. انهن تيز نگاهن پهرين منهنجي پيرن جو جائزو ورتو. پوءِ پيٽ ۽ سيني کان ٽيندين منهنجي اکين ۾ گهڙڻ لڳيون. نگاهن جي تيز چمڪ ۽ بک مون کي اُتان ڇڄڻ تي مجبور ڪيو. ان اونداهيءَ مان ڊوڙندي بازار ڏانهن آيس ۽ هڪ دڪان ۾ گهڙي ويس، جنهن ۾ ڪجهہ ٻيا ماڻهو ٻہ موجود هئا. مون کي اُهي ٻہ تيز نگاهون سُين جيان پنيءَ ۾ چپندي محسوس ٿي رهيون هيون. مون ماڻهن جي ميڙاڪي ۾ پنهنجو پاڻ کي گم ڪري ڇڏيو. جڏهن مون کي اها پڪ ٿي تہ گهورينڌڙ نگاهن منهنجو پيڇو ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي تہ مان بازار مان ٻاهر نڪري آيس. تيز تيز قدم کڻندي هاڻ فوٽ پاٿ تي هلي رهي هيس. ان وقت بس منهنجي دل ۾ اهائي خواهش هئي تہ جلد کان جلد مان پنهنجي چاچي جي گهر پهچي وڃان. جيترو ٻہ جلد ممڪن ٿي سگهي.

مان جڏهن ٻيهر پنهنجي چاچي جي گهر موٽي آئي هيس تہ پوءِ مون کي ياد نہ رهيو تہ مون پنهنجي چاچي وٽ ڪيترا ڏينهن گذاريا ۽ نہ ئي مون کي اهو واقعو ياد آهي تہ شيخ محمود سان منهنجي شادي ڪيئن ٿي. بس مون کي تہ اهو ئي احساس ياد آهي تہ مون زندگيءَ ۾ جيڪي ٻہ ڏک ڏٺا يا تڪليفون سٽيون، انهن سمورين تڪليفن جو خوف ۽ وحشت انهن ٻن اکين کان گهٽ هئي، جن گهورينڌڙ اکين جي

دهشت مونکي بازار ۾ نظر آئي هئي. جڏهن به مان اهي به گهورينڊڙ نگاهون ياد ڪندي هيس ته منهنجي جسم مان سيسرات نڪري ويندا هئا. جڏهن به بازار مان گذرندي هيس ته اهو خوف مون کي وڪوڙي ويندو هوته ڪٽي وري اُهي تيز خنجر جهڙيون نگاهون نه منهنجي جسم ۾ ڪُپي وڃن.

جڏهن مون چاچي جي گهر کي الوداع ڪيو پوڙهي شيخ محمود سان زندگي گذارڻ شروع ڪيم ته مون کي سمهڻ لاءِ هڪ آرامده پلنگ مليو هو چاچي جي گهرواري چڱل ڪاٽ جي ڪٽ کان نجات ملي وئي هئي. پر جڏهن هيڏي وڏي گهر جي صفائي ستراڻي، رڌي پکي ۽ سڄي ڏينهن جي ڪم ڪار کانپوءِ مان ڪجهه سمهڻ. ڪٽ لاءِ اڇي پلنگ تي ليٽندي هيس ته اوچتو اڇي شيخ محمود مٿان ڪڙڪندو هو. هن جي عمر ست سالن کان مٿي هئي ۽ منهنجي اُن وقت عمر سترنهن سال مس هئي. هن جي نڪ جي هيٺان ڪاڏيءَ تي هڪ پراڻو ڦٽ هو جنهن ۾ سوراخ هو ۽ ان سوراخ مان پاڻي به وهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اُهو ڦٽ سڪي به ويندو هو. انهيءَ ڦٽ مان وهندڙ پاڻيءَ ۾ شيخ محمود جي وات مان ڪڙندڙ گگ گڏجي پوندا هئا ته ڏاڍو عجيب گدلائپ جو احساس ٿيندو هو.

جڏهن هُن جو ڦٽ سڪل هوندو هو ۽ هو مون کي چمي ڏيڻ چاهيندو هو ته مان کوبه اعتراض نه ڪندي هيس. پر جڏهن ڦٽ مان پاڻي وهندو هو يا هن جي وات مان گگ ڪڙندي هئي ته پوءِ مون کي ڪرپ وٺندي هئي. مُئل ڪتي جهڙي ڏپ اينديءَ هئي.

روز رات جو هُن جون پوڙهيون آڱريون منهنجي بدن تي ڦرنديون رهنديون هيون. ڪنهن بکايل انسان جيان. جڏ هن زندگيءَ ۾ ڪجهه ڏٺو ئي نه هجي. آڱرين ڦيرڻ سان گڏ هو منهنجي بدن کي چڪيندو به رهندو هو.

اهڙي طرح جڏهن هو ٿڪجي پوندو هو ته هن جي هٿن پيرن کان آزادي حاصل ڪرڻ بعد آئون هن جي جبل جيڏي جسم کان سرڪي

ٻاهر نڪرندي هيس ۽ سڏو غسل خاني ۾ وڃي پنهنجي پوري جسم تي صابڻ ملي، ملي بدن کي ڌوئي صاف ڪندي هيس ته جيئن جسم جي هڪ انچ تي به ڪا گندگي نه رهي.

هو نوڪريءَ کان رٽائر ٿي چڪو هو. هن جا ڪي دوست به ڪونه هُئا ۽ نه ئي کو هن وٽ ٻيو ڪم ڪار هو گهر کان ٻاهر ته هُو ويندو ئي ڪونه هو. سمورو ڏينهن گهر ۾ هوندو هو ۽ منهنجي آس پاس ٻيو ڦرندو هو. ڪڏهن بورچي خاني ۾ ته ڪڏهن غسل خاني ۾ جهاتيون پائي ٻيو مون کي چيڪ ڪندو هو. ڪڏهن ڪپڙا ڌوئيندي ٿورو ڪپڙن ڌوئڻ وارو پائوڊر مون کان هارجندو هو يا ڪڏهن بورچي خاني ۾ ديگڙيءَ ۾ ڪوڪنگ آئل ٿورو وڌيڪ پئجي ويندو هو ته هو ونِي گوڙ ڪندو هو ۽ نصيحتون ڪندو هو ته فضول خرچي گناهه آهي. مون کي شين جو صحيح استعمال ڪرڻ گهرجي. گهر کي ٻهاري ڏئي ڪچرو گڏ ڪندي هيس ته هو گند جي ٽوڪريءَ جو به جائزو وٺندو هو ته ڪٽي ڪچري ۾ مون کا ڪم جي شيءِ ته ناهي اڇلائي. هڪ ڏينهن ڪچري ۾ هن کي کا ڪم جي شيءِ نظر آئي ته هن ونِي رڙيون ڪيون ۽ مون کي هڪ ٻه ٽڙ ٻه هنيا. هُن جي گوڙ تي ڪوڙ سارا پاڙيسري ٻه گڏ ٿي ويا هئا ۽ اُن ڏينهن کانپوءِ مون کي مارڻ جي ٻه هُن ۾ عادت پئجي وئي هئي.

هڪ ڏينهن مون کي هُن لتن ۽ مُڪن سان ايترو ته ماريو جو منهنجو بدن سُڄي ويو ۽ ڪٽي ڪٽي ته زخم ٻه اڇي وبا هئا. نيٽ مار موڇڙي کان بيزار ٿي مان واپس چاچا جي گهر هلي آيس، پر چاچي چيو ته "اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي، اسان جي سماج ۾ سمورا مڙس پنهنجي زالن کي مار موڇڙو ڪندا آهن." بلڪ پاڪ ڪتاب ۾ ته هر مسلمان مرد کي اهڙي اجازت ٻه ڏني وئي آهي. منهنجي چاچيءَ ٻه منهنجي چاچي جو سُر جهلايو ۽ چيائين "ها مڙس ته زالن کي مارڪٽ ڪندا آهن. مون ٻه مارون کاڌيون آهن. منهنجو مڙس ته الازهر يونيورسٽيءَ جو پڙهيل لکيل عالم آهي. عزت دار

شيخ آهي ۽ قرآن جو به سمورو علم ڄاڻي ٿو. مڙس جو ته ڪو آهي زالن کي تنبيهه ڪرڻ، سو هڪ پاڪ دامن ۽ صابرين زال جو ڪم آهي ته هوءَ هر حال ۾ مڙس سان وفادار رهي. مڙس ته عورت جو مجازي خدا آهي. انڪري اسان عورتن کي انهن جي هرحال ۾ تابعداري ڪرڻي آهي."

چاچي ۽ چاچيءَ جون ڳالهيون ٻڌي مان حيران هيس ته آخر چا ڪيان؟

نيٺ منهنجو چاچو مون کي واپس مڙس جي گهر ڇڏي آيو. اها رات مان بک تي سمهي رهيس جو هو ماني کائي چڪو هو ۽ مون کان اهو پڇيائين به ڪونه ته مون ماني کاڌي آهي يا نه. چاچا وڃي چڪو هو. مان سمهي رهيس. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اُٿي مون ناشتو تيار ڪيو ته منهنجو مڙس اچي کاڌي واري ميز تي ويٺو. مون تيار ڪيل ناشتو ميز تي رکيو. هو کائڻ شروع ڪري ويو. مون کي به شديد بک هئي. مون به اڃا مانيءَ جو پهريون گرهه وات ۾ وڌو ته منهنجو مڙس رڙيون ڪري ڳالهائڻ لڳو.

"پنهنجي چاچي ونان واپس ڇو آئي آهين؟" چا هو توکي هڪ رات به ماني نه پيو کارائي سگهي ۽ هاڻ ته توکي اها خبر پئجي وئي هوندي ته مان ئي آهيان جيڪو توکي ماني ٽڪر کارائي سگهان ٿو ته پوءِ مون کان ڇوٽي نفرت ڪرين، ڇوٽي منهنجي پاڪرن کان پري پجي. تنهنجي خيال ۾ ته مان بدصورت آهيان. مون مان توکي ڏپ ٿي اچي. جڏهن به مان توکي چمڙ ٿو چاهيان ته تون ڇوٽي پنهنجو منهن ٻئي پاسي ڦيري ڇڏين؟"

اهڙي طرح هاڻ وري هو روزانو منهنجي جسم سان راند کيڏندو هو ۽ مان ڪنهن بي جان بت جيان پنهنجو پاڻ هن جي حوالي ڪري ڇڏيندي هيس.

وري هڪ ڏينهن هن مون کي ڏنڊو کڻي ايترو ته زور سان ماريو جو منهنجي ڪنن مان رت وهڻ لڳو. نڪ مان به رت

نکري آيو هو. ان ڏينهن وري مان گهران پڄي نڪتيس. پر هن پيري مان پنهنجي چاچي جي گهر کان ويس. مان شهر جي بازار ۾ سڄيل اکين ۾ زخمي چهري سان ڊوڙي رهي هيس. پر کو به مون ڏانهن ڏسي کونہ رهيو هو. منهنجي سامهون بازار هڪ سمنڊ جيان ڦهليل هئي. مان هڪ ڪک يا هلڪي پن جيان بازار جي لهرن ۾ لڙهي رهي هيس. ڪجهہ دير پٽڪندي مان ٽڪجي پيس ۽ نيٺ هڪ فوٽ پاٽ تي پيل خالي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. اوچتو منهنجي نڪ ۾ هڪ خوشبو آئي. مان سمجهي ويس تہ بک سبب مان بي حال ٿي رهي آهيان. منهنجي زبان خشڪ ٿي وئي هئي. هڪ ويٽر ڇوڪرو مون وٽ آيو ۽ مون کان پڇيائين تہ "توهان چا پيئڻ پسند ڪندیون؟" مون هن کي چيو تہ "في الحال هڪ گلاس پاڻي."

هن مون ڏانهن حقارت مان ڏٺو ۽ چيائين تہ هن کافي هائوس ۾ فقيرن لاءِ کاٻہ جاءِ ڪانهي." هن مون کي صلاح ڏني تہ پرسان ئي سيده زينب ۾ جو مقبرو آهي مان اوڏانهن هلي وڃان. اُتي مون کي لنگر ملي ويندو."

اوچتو هن جي نظر منهنجي چهري تي پئي. هن مون کان پڇيو تہ منهنجي بدن تي لڳل زخم مون کي ڪنهن لڳايا آهن. ڏک ۽ تڪليف سبب مون پنهنجو چهرو ٻنهي هٿن ۾ لڳايو ۽ سُڏڪا پرڻ لڳيس. هو ڪجهہ دير مون کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ هليو ويو. جڏهن هُو واپس آيو تہ هن جي هٿ ۾ پاڻيءَ جو گلاس هو. مون پاڻي پيتو. ٿڏو ساهہ کنيم. ويٽر ڇوڪرو هليو ويو. ڪجهہ دير بعد کافي هائوس جو مالڪ مون وٽ آيو. هن مون کان منهنجو نالو پڇيو.

مون هن کي پنهنجو نالو ٻڌايو.

"فردوس"

وري هن مون کان سوال ڪيو تہ: "هيترا سارا زخم تنهنجي چهري تي ڪيئن لڳا آهن."

مون هن کي جواب ڏيڻ چاهيو پر لفظن منهنجو ساٿ نہ ڏنو. منهنجي اکين مان لڙڪ ۽ چپن مان سُڏڪا نڪرڻ شروع ٿي ويا.

هن چيو "ٺيڪ آهي تون ڪجهہ دير هتي ويٺي هج." مان تنهنجي لاءِ گرم چانهن جو ڪوپ ڪٽي ٿو اچان. شايد توکي بُک ۽ لڳي هوندي."

ڪجهہ دير ڪانپوءِ هو موٽي آيو هن جو آواز ٿورو سخت هو پر هن جو رويو مون سان نرم هو. پهريون پيرو مون نظرون متي ڪٽي هُن کي ڏٺو. هن جي چهري ۾ مون کي الائي ڇو پنهنجي پيءُ جي جهلڪ نظر آئي. جيتوڻيڪ منهنجي ماءُ کي مارڻ ۽ اسان سان سخت رويو رکڻ ڪري مان پنهنجي پيءُ سان گهٽي محبت ڪانہ ڪندي هيس. پر هن اجنبي شخص ۾ الائي ڇو مون کي پنهنجي پيءُ جي چهري جي جهلڪ نظر آئي پر هن جو شفقت ڀريو رويو ڏسي مون کي پهريون پيرو احساس ٿيو تہ شايد منهنجو پيءُ به هڪ سُٺو ماڻهو هو.

هُن مون کان سوال ڪيو تہ "ڇا تنهنجا ماءُ، پيءُ جيئرا آهن؟"

مون آهستگيءَ سان جواب ڏنو تہ "منهنجا والدين مري چڪا آهن."

هن وري پُڇيو تہ "پلا ماءُ، پيءُ ڪانسواءِ هن شهر ۾ تنهنجو ڪو ٻيو مٽ مائٽ هوندو."

مون وري به جواب نهڪر ۾ ڏنو.

ڪجهہ دير ڪانپوءِ مون پنهنجو ننڍڙو هئنڊ بيگ کوليو ان مان سيڪنڊري اسڪول جو سرٽيفڪيٽ ڪڍي هن کي ڏيکاريندي چيم. هن اسڪول سرٽيفڪيٽ جي مدد سان ڪٽي ڪا مون کي نوڪري ملي سگهي ٿي يا پلا ائين ئي ڪو ڪم ملي پوي."

اُن ڪافي هائوس جي مالڪ جو نالو بايومي هو. هن جي چهري تي غور سان نظر وجهڻ ڪانپوءِ مون کي پنهنجي پيءُ جهڙو تاثر ملیو هو. هو مون کي بي ضرر ماڻهو ٿي لڳو. هن جي اکين مان اهو تاثر ٿي ملیو تہ هوا جايو ڪنهن کي نقصان نہ ٿو پهچائي سگهي.

هن مون کي چيو ته سندس گهر ۾ به ڏيڍ ڪمرا آهن، انهن مان هو مون کي هڪ ڪمرو رهڻ لاءِ ڏئي سگهي ٿو. جيستائين مون کي ڪا متبادل رهائش يا روزگار ملي. مان هن وٽ رهي سگهان ٿي. مون هن وٽ رهڻ لاءِ هائوڪار ڪئي. هو مون کي پنهنجي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. رستي ۾ هڪ فروٽ واري جو دڪان ٿي آيو. فروٽ واري وٽ ٻيهي هن مون کان سوال ڪيو ته "تون مالٽا کائيندينءَ يا سنگترا؟"

مون کان ڪوبه جواب نه اُکليو. چو ته اڄ تائين ڪنهن به مون کان اهو سوال نه ڪيو هو. نه ئي ڪنهن ڪڏهن مون کان ڪا مرضي پڇي هئي. اسان جو والد بازار مان ڪڏهن ڪڏهن اسان لاءِ فروٽ آڻيندو هو پر اسان جي مرضي پڇڻ کان سواءِ، سو مون لاءِ اهڙي قسم جو سوال به حيرت انگيز هو. خير مون هن کي پنهنجي مرضي ٻڌائي هن فروٽ خريد ڪيو.

بايومي‌ءَ وٽ پن ڪمرن وارو هڪ ننڍڙو فليٽ هو. اُهو هڪ اونداهي گهٽيءَ ۾ هو. ان جي هيٺان مڇي مارڪيٽ هئي. هاڻ منهنجو اهو ڪم هُئو ته گهر جي صفائي سترائي ڪانپوءِ فليٽ جي هيٺان مڇي مارڪيٽ مان مڇي خريد ڪيان يا گوشت يا وري ڪا ٻي شيءِ پوءِ گهر ۾ پاڻ تيار ڪري ونندي هيس. ڏينهن جو سڄو ڏينهن بايومي ڪافي هائوس تي هوندو هو. رات جو گهر موٽندو هو ته منهنجي هٿ جي ناهيل پاڻ ۾ ماني پيٽ پري ڪائيندو هو. ان ڪانپوءِ هو ڪجهه دير هيڏانهن هوڏانهن جي ڪچهري بعد پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سمهي پوندو هو ۽ مان پنهنجي ڪمري ۾ سمهي رهندي هيس.

جڏهن مان بايومي‌ءَ سان گڏ رهندي هيس ته اُهي سياري جا ڏينهن هئا. رات جو تمام گهٽي ٿڌ هوندي هئي. مون کي سمهڻ لاءِ هڪ تڏو هوندو هو. فرش تڏو هو مان ساري رات سيءَ ۾ اڪيلي پئي ڏکندي هيس.

هڪ رات هو مون وٽ آيو ۽ چيائين سيءَ گهٽو آهي، تون هلي منهنجي بستري ۾ سمهه مان هيٺ فرش تي ٿو سمهان. مون انڪار

ڪيو. پر هو زوري منهنجو هٿ پڪڑي مون کي وٺي آيو. مون هن کي چيو ته "مون کي هيٺ فرش تي سمهڻ جي عادت آهي، کٽ تي مون کي ننڊ ڪانه ايندي"

پر هن مون کي زوري پنهنجي کٽ تي ڏکو ڏئي سمهاري ڇڏيو.

اهڙي طرح مان هاڻ هُن جي بستري تي سمهندي هيس، هو پرسان ئي فرش تي ڪمبل ويڙهي ستو پيو هوندو هو. سياري جي موسم گذري چڪي هئي هاڻ اونهارو اچي چڪو هو. مان بايومي جي فليٽ تي رهندي هيس، جڏهن به مان بازار مان سيڈو سامان خريد ڪرڻ ويندي هيس ته منهنجي نظر اسڪول ويندڙ ڇوڪرين تي پوندي هئي. اُنهن کي ڏسي مون کي به پنهنجو اسڪول جو وقت ياد اچي ويندو هو. مون وٽ به سيڪنڊري اسڪول جو پاس سرٽيفڪيٽ هو.

هڪ ڀيري مون اسڪول ويندڙ ڇوڪرين جي هڪ گروپ سان ڪچهري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اُهي مون کان پري ڀڄڻ لڳيون، انهن کي منهنجي ڪپڙن مان مئل مڇيءَ جهڙي ڏپ محسوس ٿي رهي هئي. اسڪول ويندڙ ڇوڪرين جي ٽولي مان هڪ ڇوڪريءَ ٽوڪ ڪندي چيو ته هن کان پري ٿيو هيءَ ته ڪا چري عورت آهي."

منهنجي دل ۾ انهن سان ڪچهري ڪرڻ جي حسرت رهجي وئي. ڇوڪرين جي نفرت ڏسي منهنجي دل ۾ ڪجهه ڪرڻ جو خيال آيو.

ان رات بايومي گهر آيو ته مون هن کي چيو "مون وٽ سيڪنڊري اسڪول جو سرٽيفڪيٽ آهي ۽ مان پاڻ ڪجهه ڪرڻ چاهيان ٿي."

هن چيو ته "منهنجي ڪافي هائوس تي روزانو سوين اهڙا نوجوان ايندا آهن جن وٽ يونيورسٽيءَ جون ڊگريون آهن پر انهن کي به نوڪريون نه ٿيون ملن."

"ها، پر مان ڪوڪ ڪرڻ چاهيان ٿي"

مون چيو "مان هاڻ توسان گڏ رهڻ نه ٿي چاهيان."

"پر ڇو؟" بايومي سوال ڪيو.

"ڇو ته مان هڪ عورت آهيان ۽ تون هڪ اجنبي مرد آهين. بازار ۾ ويندي آهيان ته ماڻهو مون بابت عجيب عجيب گالهيون ڪن ٿا. هونئن به تو مون سان واعدو ڪيو هو ته مون کي ڪوڪ ڪم ضرور ولي ڏيندين. هاڻ ته هتي رهندي مون کي هڪ سال گذرڻ وارو آهي."

منهنجون گالهيون ٻڌي هو شديد ڪاوڙ ۾ اچي ويو "مان تولاءِ نوڪري ڪٽان آڻيان، هتي توکي ماني ۽ تحفظ ڏنو اٿم باقي ڇا ڪيان، تنهنجي لاءِ آسمان تان تارا لاهي اچان ڇا؟"

"ها، پر تون سمورو ڏينهن ڪافي هائوس ۾ مصروف رهندو آهين. رات جو گهر به دير سان ايندو آهين، تون شايد اهو نه ٿو چاهين ته مان پنهنجي پيرن تي بيهان."

مان هن سان آهستگيءَ واري انداز ۾ گالهائي رهي هيس. هو اوچتو پنهنجي جاءِ تان اُٿيو ۽ هڪ زوردار ٽڦڙ منهنجي منهن تي وهائي ڪڍيائين. "تنهنجي اها مجال جو مون سان ٿي بحث ڪرين."

هن جا هٿ انتهائي مضبوط هئا. هن جي مرداڻي هٿ جي ٽڦڙ مون کي چڪرائي ڇڏيو. منهنجي اکين اڳيان تارا نچي رهيا هئا. منهنجو متو ڦرڻ لڳو. مون ٻئي هٿ متي تي رکي ڇڏيا. هاڻ هو مون کي تيز نظرن سان گهوري رهيو هو. هن جي اکين ۾ اڳ ۾ اهڙي تيز تپش مون ڪڏهن به ڪانه ڏٺي هئي. هن جي گهور عجيب، قسم جي هئي. هن جون نظرون ڪجهه پل منهنجي چهري کي گهوريندڙيون رهيون، پوءِ اُهي نگاهون منهنجي ڇاتين کي گهورڻ لڳيون. ڇاتين کان سڏيون دن تائين آيون، دُن کان هيٺ منهنجي ستڻ تي پيون ۽ پوءِ منهنجي ستڻ جي وچ ۾ اچي گهورڻ لڳيون. هن جي نظرن جو مطلب مان سمجهي چڪي هيس. مون پنهنجا ٻئي هٿ ڇاتين تي

رکيا. جسم کي ويڑهڻ سيڑهڻ لڳيس پر هُن جي اندر جو وحشي مرد سجاڳ ٿي پيو هو. هن ۾ ٿي لتون منهنجي پيٽ ۾ هنيون- مان نيم بي هوش ٿي ويس. پوءِ هو منهنجي جسم سان کيڏندو رهيو.

ائين اُن رات کانپوءِ هو رات جو ايندو هو ماني کائيندو هو. ماني کائڻ کان پوءِ منهنجي جسم کي چنبڙي پوندو هو. مان هڪ لاش جيان پنهنجو پاڻ هُن جي حوالي ڪري ڇڏيندي هيس. بس آهون ۽ سڏڪا منهنجي واتان نڪرندا رهندا هئا ۽ ها هو پنهنجو ڪم ڪرڻ کان پوءِ روزانو هڪ زوردار ٽڦڙ ضرور منهنجي ڇهري تي هڻڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو.

اهڙي طرح هڪ رات اونداهي هئي، رات جو مرداڻو جسم منهنجي مٿان پيل رهيو. پر صبح کان ٿورو اڳ مون محسوس ڪيو ته اهو مرداڻو جسم بايومي جي جسم کان ڪجهه ڳرو هو. هن جي پگهر جي ڏپ ۾ ڪجهه ٻئي قسم جي هئي. مون يڪدم پنهنجون اکيون کوليون ۽ اُتي ويهي رهيس. مون ڏٺو ته منهنجي پيرن کان ستل مرد بايومي نه پر ڪو ٻيو هو.

مون هن کان سوال ڪيو. "تون ڪير آهين. بايومي ڪٿي آهي؟"

هن جواب ڏنو "ڪهڙو فرق ٿو پوي. مان هجان يا بايومي!"

"هن مون کان سوال ڪيو "مون مان مزو آيو توکي؟ مون کي خوف محسوس ٿيو ته هن بي شرم کي مان ڪهڙو جواب ڏيان."

چيم "ها"

پوءِ وري هو مون مٿان چڙهي ويو. هن منهنجي بدن تي تيز ڏندن سان چڪ هڻڻ شروع ڪيا. سندس وات مان غليظ لفظن جو هڪ طوفان جاري هو. رنڊي، فاحشہ، تون ڪير ٿيندي آهين سوال جواب ڪرڻ واري. پوءِ هن مون کي منهنجي خاندان کي منهنجي ماءُ کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. هن اهڙا، اهڙا لفظ ڳالهايا، جن کي مان ورجائي به نه ٿي سگهان. پوءِ اُهو معمول ٿي ويو. ڪڏهن بايومي ته ڪڏهن ان جا دوست مون کي وحشين جيان پٽيندا به هئا. گاريون به

ڏيندا هئا. لتون مڪون بہ هٽندا هئا. جڏهن کان بايومي سان منهنجو جهيڙو ٿيو هو هاڻ هو روزانو فليٽ کي ٻاهران تالو ڏئي ويندو هو. مون کي روزانو رات جو نوان زخم لڳندا هئا. ڏينهن جو مان سڏکندي رهندي هيس. کاڏو بہ هاڻ رات جو بايومي آڻيندو هو. هڪ ڏينهن پاڙيسري عورت منهنجا سڏڪا ٻڌي ورتا هئا ۽ منهنجي چهري جا زخم بہ ڏٺا هئا. جيڪي رات جو وحشي مردن جي چڪن سبب روز نوان ٿي ويندا هئا. هن مون کان دروازي جي ٻاهران بيهي پڇيو تہ ڇا ڳالهہ آهي؟

مون هن کي پنهنجي سموري ڪهاڻي ٻڌايم ۽ ڪيس چيم تہ بازار مان ڪولاڪ کولڻ وارو وٺي اچي ۽ ٻاهران دروازو کولي.

نيٺ هوءَ هڪ لاڪ ميڪر کي وٺي آئي. جنهن تالو کوليو مان بايوميءَ جي فليٽ کان ٻاهر نڪري آيس. هاڻ مون لاءِ بازار ئي اهڙي جاءِ هئي جتي مان ٿورو گهٽو تحفظ يا سڪون محسوس ڪرڻ لڳي هيس.

مان بازار ۾ هڪ پيرو وري ڊوڙي رهي هيس ۽ پنڌتي مُڙي مُڙي بہ نهاريان پئي. متان بايومي منهنجو پيڇو ڪري رهيو هجي. جڏهن مون کي پڪ ٿي وئي تہ بايومي منهجي پٺيان نہ پيو اچي تہ مان نڪ جي سڌائيءَ ۾ بازار ۾ ڊوڙندي اڳتي وڌڻ لڳيس.

5

سمورو ڏينهن گذري چڪو هو. مان بازار ۾ هلندي رهيس.
منهنجي نه ڪا منزل هئي نه ئي ڪو رستو هو. مون کي اها خبر ڪانه هئي ته مون کي آخر ڪيڏانهن وڃڻو آهي. اُها بازار خيابانِ نيل چورائيندي هئي. جو اُها نيل درياه جي ڪناري سان آباد هئي. نيل جي ڪناري سان وڻ ٽڻ، سائو گاهه هو هر پاسي تازي هوا هئي. آس پاس جي گهرن ۾اهران ننڍڙا باغيچه هئا.

رستي تي هلندي منهنجي نظر هڪ پٿر جي بئنچ تي پئي. مان بئنچ تي ويهي رهيس. مون پنهنجو چهرو درياهه ڏانهن ڪيو. درياهه کان ايندڙ تازي هوا مون کي تازگي بخشي رهي هئي. تازي هوا ۾ ساهه کڻڻ جي ڪري منهنجي جسم ۾ به تازگي اچي وئي هئي. مان پٿر جي بئنچ تي اڪيون ٻوٽي ويٺل هيس، جو هڪ عورت اچي منهنجي پرسان ويٺي. ڪجهه دير هوءَ منهنجي پرسان ويٺل رهي ۽ پوءِ پيار پرئي آواز ۾ پڇيائين "تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

جڏهن مون اکيون کوليون ته ڏٺم اُها عورت منهنجي پرسان ئي بئنچ تي ويٺل هئي. هن کي سائي رنگ جي چادر ويڙهيل هئي. هن جي پنبٽين تي سائي رنگ جو آئي شيڊ به لڳل هو. ميڪ اپ ۾ به سائو رنگ صاف نظر ٿي آيو. ڇڙ نيل درياه جو پاڻي ۽ ان جي آس پاس ڪنارن تي پوکيل وڻن جهڙو سائو رنگ. اسان جي مٿان نيري رنگ جو ڪليل آسمان هو. مان سڀ ۽ نيري رنگ جي سحر ۾ وکوڙجي چڪي هيس. ائين لڳو ڇڙ مان نيري رنگ جي سمنڊ جي لهرن ۾ وکوڙجي وئي هجان ۽ پنهنجو وجود بچائڻ لاءِ هٿ پير هڻي

رهي هجان. مان اڏ ننڊ، اڏ جاڳ ۾ هيس. منهنجيون اکيون پنهنجو پاڻ بند ٿيڻ لڳيون، جڏ مون کي گهري ننڊ اچي رهي هجي ۽ انهيءَ نيم بي هوشيءَ ۾ منهنجي چپن مان خبر ناهي ته ڪهڙا لفظ نڪرندا رهيا. هن جو آواز مون کي پري کان ايندي محسوس ٿيو.

"چا تون ٿڪجي پئي آهين؟"

مون زور ڏئي اکيون کولڻ جي ڪوشش ڪئي.

مون جواب ۾ چيو "ها مان ٿڪجي پئي آهيان."

هن جي اکين جو سائو رنگ وڏيڪ گهرو ٿي ويو ۽ هوءَ مون کان پُڇڻ لڳي ته هُن ڪُتي جي پُٽ توسان چا چا ڪيو آهي؟"

مون کان جرڪ نڪري ويو. منهنجي ننڊ اڏامي وئي ۽ مون يڪدم چيو "ڪير، توهان ڪنهن جو پُڇي رهيون آهيو؟"

هوءَ نرم ۽ شفقت پرئي لهجي ۾ چوڻ لڳي ته:

"انهن سمورن مردن جا نالا هڪجهڙا هوندا آهن، ڪُتا بس ڪتا ئي هوندا آهن. انهن جي سچاٽپ لاءِ نالا مڙئي رکيل هوندا آهن. محمود، فوزي صابري، ابراهيم، جاني، رودين، ٽوني يا بايومي...!

مون يڪدم چيو "بايومي..."

هوءَ مسڪرائڻ لڳي ۽ جڏهن هُن وات کوليو ته مون کي هن جي متئين ڏندن جي قطار ۾ هڪ ڏند سون جو الڳ نظر آيو "ها، مان انهن سيني کي سچاڻان ٿي... پر توتي پهريون هٽ ڪنهن وڏو چاچي، مامي، دوست يا ڪنهن ڏاڙئي مرد؟"

مون کي وري هڪ جهٽڪو لڳو. مان يڪدم اُٿي ويهي رهيس "ها، منهنجي چاچي؟" مون سرپاٽ ڪندي چيو.

هن پنهنجي چادر کلهي تي سيٽ ڪندي چيو:

"بايومي توسان ڪهڙو سلوڪ ڪيو آهي؟"

مان ماٺ رهيس. هوءَ به ڪجهه دير ماٺ رهي ته مون سوال ڪيو "توهان ڪير آهيو ۽ توهان جو نالو چا آهي؟"

هن فخريه انداز ۾ ڳالهه اوچو ڪندي چيو ته، "مان شريف صلاح الدين آهيان." هن شهر جو هر معزز ماڻهو مون کي سڃاڻي ٿو."

هن جي اپارٽمنٽ ڏانهن ويندي، رستي ۾ مون، هن کي پنهنجي سموري آتم ڪٿا ٻڌائي. مون جيڪو ڪجهه به سڻو هو سو هن کي ٻڌايم. هوءَ مون کي وٺي هڪ شاندار بلڊنگ ۾ داخل ٿي. اسان لفٽ ذريعي هن جي اپارٽمينٽ جي در وٽ پهتاسين. هن پرس مان چابي ڪڍي اپارٽمنٽ جو دروازو کوليو. اندران اپارٽمنٽ انتهائي شاندار هو. هر ڪمري ۾ قيمتي قالين ۽ فرنيچر موجود هو. مان هڪ صاف ستري ۽ نئين گهر ۾ پهچي چڪي هيس.

هوءَ مون کي واش روم ۾ وٺي وئي، ان ۾ اندر هڪ گرم ۽ ٺڏي پاڻيءَ سان ٻريل ٽب موجود هئا. هن مون کي وهنجڻ لاءِ چيو مان وهنجي آيس ته هن پنهنجو هڪ خوبصورت وگو مون کي پائڻ لاءِ ڏنو. جيڏي مهل هوءَ منهنجي وارن ۾ ڪٽي ڏئي رهي هئي ته مون محسوس ڪيو ته هن جي هٿن جون آڱريون نازڪ ۽ نفيس هيون. هن خوشبودار سينٽ هٽي منهنجي بدن کي خوشبودار بنائي ڇڏيو. اُتي مون کي اهو احساس ٿيڻ لڳو جڻ ته مان نئون پيدا ٿيندڙ ٻار آهيان. نفيس نازڪ، منهنجي آس پاس موجود خوبصورت شين جهڙي خوبصورت.

جڏهن مان ننڊ ڪري جاڳيس ته مون پاڻ کي هڪ ڏيل گلاب جهڙو خوبصورت ۽ خوشبودار ڏٺو. منهنجو بدن گلاب جي هڪ پنکري جهڙو هلکو ڦلکو ٿي چڪو هو.

مان اُٽيس ۽ مون تازي هوا کي هڪ وڏو ساهه کڻي، پنهنجي اندر ۾ اوتيو ته مون محسوس ڪيو هوءَ به منهنجي پرسان ئي موجود آهي، مون يڪدم کڻي هُن کي پنهنجي پاڪر ۾ ڀريو ۽ پوءِ ڪائنس سوال ڪيم. آخر توهان ڪير آهيو؟"

هن جواب ڏنو ته "تنهنجي ماءُ آهيان."

"پر منهنجي ماءُ ته مري چڪي آهي." مون چيو.

"ته پوءِ پلا مون کي وڏي ڀيڻ ڪٽي سمجهه."

"منهنجي نہ تہ کا پيٽ آهي ۽ نہ ئي کو پاءُ. منهنجا سمورا مائٽ تہ فوت ٿي چکا آهن."

"ها. هک ڏينهن هر ماڻهوءَ کي مرڻو آهي. فردوس."

"هن چيو: "پر زندگيءَ جي اصل کهاڻي هيءَ آهي تہ ماڻهو پنهنجي زندگي کيئن گذارڻ پسند ڪري ٿو. موت کان اڳ جيئڻ جو ڊينگ سکڻ ضروري آهي."

"زندگي کيئن گذارڻ گهرجي. اهو ماڻهوءَ جي پنهنجي وس ۾ ڪونهي. زندگي پنهنجي مرضيءَ سان گهارڻ انتهائي ڏکيو ڪم آهي."

"زندگي سخت ناهي. توکي زماني لاءِ سخت ٽيٽو پوندو. زندگي اُهي ماڻهو ئي پنهنجي مرضيءَ سان گهاري سگهندا آهن. جيڪي دل جا ڪنور ۽ سخت هوندا آهن."

"پر توهان تہ ڪنور دل ناهيو شريفہ سائنڻ ۽ تون آخر زندگي کيئن پئي گذارين."

"مان انتهائي سخت قسم جي عورت آهيان. فردوس!"

"نہ نہ" توهان نازڪ. نفيس ۽ نرم دل آهيو."

"منهنجو جسم ضرور نرم آهي. پر منهنجي دل انتهائي سخت ۽ ظالم آهي. مان اهڙي ئي زهريلي آهيان جهڙي ڪا نانگڻ هوندي آهي."

"۽ سچ تہ زندگي بہ هک نانگڻ آهي. فردوس! جيڪڏهن ڪو نانگ اهو ڇاڻي وٺي تہ تو ۾ زهر ناهي تہ هو ضرور توکي ڏنگي وجهندو. زندگي بہ ائين آهي. تو وٽ جيڪڏهن زهر جي ٽيلهي ناهي تہ پوءِ زندگي توکي ڳڙڪائي ويندي."

ان ڏينهن کان پوءِ مان شريفہ جي شاگرديائي بڻجي ويس. هن زندگيءَ جي سچائين بابت منهنجيون اکيون کولي ڇڏيون هيون.

هن زندگيءَ جا سمورا پاسا مون کي سمجهائي ڇڏيا هئا. هن اهو بہ سمجهايو تہ منهنجيون اکيون ترش ۽ ڪاريون آهن. منهنجي اکين ۾ اهڙي ڪشش آهي جيڪا دلين کي فتح ڪري سگهي ٿي. هن مون کي ڪجهہ اهڙا ناز نخرا سيکاريا جنهن سان مردن ۾ شهوت جو

احساس پيدا ٿئي. منهنجا سمورا جسماني عضوا جاندار ۽ پُرڪشش هئا. هن چيو ته مرد سمورا هڪجهڙا آهن، پوءِ اُهي چاچي جي روپ ۾ هجن يا بايوميءَ جي روپ ۾ يا ڪنهن ٻئي نالي جي روپ ۾ مردن کي بس عورت جو جسم ڪپي.

هڪ ڏينهن شريف مونکي چيو "نه ئي بايومي ۽ نه ئي ڪوبيو مرد تنهنجي قدر قيمت کي سمجهي سگهيو. پر اصل ۾ ڏوهه تنهنجو آهي، جو تو پنهنجو قدر پاڻ ڪونه ڪيو. هڪ مرد ڪنهن به عورت کي مڃتا ناهي ڏيندو فردوس! اهو ڪم عورت جو آهي ته هوءَ پنهنجي قيمت پاڻ لڳاءِ. تون مرد کان پاڻ کي مٿانهون ڪري ڇڏ. جڏهن مردن کي تون نظر انداز ڪرڻ لڳندينءَ تي اُهي تنهنجو قدر ڪندا. تون چاهين ته مرد توکي تنهنجي گهربل قيمت چوري ڪري به آڻي ڏيندا. سو پنهنجو پاڻ قدر ڪرڻ سکا!"

مون حيرت مان هن کان پڇيو ته: "شريف! ڇا سچ پچ منهنجي به ڪا قدر ۽ قيمت آهي؟"

"تون خوبصورت، مهذب ۽ هڪ جوان چوڪري آهين."

"پر مون وٽ ته رڳو سيڪنڊري اسڪول جو سرٽيفڪيٽ آهي."

"اهو ڇئي تون پنهنجو قدر پاڻ گهٽائي رهي آهين." هن چيو.

مون احتياط سان هن کان پڇيو "پلا اوهان جي به ڪا قيمت آهي شريف!"

"ها، بلڪل ڪوبه مرد پنهنجو هٿ اوستائين منهنجي بدن کي نه ٽو لڳائي سگهي، جيستائين منهنجي گهربل رقم مون کي ادا نه ڪري ۽ مرد به مان پاڻ چونڊيندیس، جيڪو جوان ۽ خوبصورت هجي، مهذب به هجي. سو ائين ئي ڪوبه مرد تنهنجي ويجهو نه اچي سگهندو جيستائين اهو توکي اها رقم ادا نه ڪري جيڪا تون هن کان گهرين ٿي."

"پر مان ڪنهن مرد کان پنهنجي قيمت ڪيئن وصول ڪنديس. اهو فن ته مون کي اچي ئي ڪونه ٿو."

"تون ڪنهن ڪان ٻه ڪجهه نه گهر، اهو منهنجو ڪر آهي، پئسا مان پاڻهي وصول ڪنديس."

شريفه وٽ رهڻ کان پوءِ مون کي زندگيءَ جو هڪ نئون احساس ٿيڻ لڳو. منهنجي جسم ۾ ڊوڙندڙ رت ۾ تيزي ۽ گرمائش اچي وئي. منهنجي بدن کي عجيب احساس محسوس ٿيڻ لڳا. ريشمي ڪپڙن جو ڇهاءُ هجي يا بخمل جي چادر جواحساس جيڪا منهنجي بيد مثان وڇايل هوندي هئي. مون کي هر شيءِ نفيس نازڪ ۽ خوشبودار محسوس ٿيڻ لڳي. گلاب جي نرم پنکڙين جهڙو احساس مان محسوس ڪرڻ لڳي هيس. منهنجي هر ساهه هر رڳ ۾ زندگيءَ جي نئين لهر ٻه ڊوڙڻ لڳي هئي.

روزانو رات جو اُپرندڙ چنڊ جا ڪرٽا دريءَ جي شيشن مان سڏو منهنجي بستري تي اچي پوندا هئا. چنڊ جي ڪرڻن جو ڇهاءُ مون کي بلڪل ائين محسوس ٿيندو هو جيئن روزانو رات جو ڪنهن مرد جي آگرين جو ڇهاءُ هوندو هو. مون وٽ ايندڙ مرد منهنجي چاچي جهڙا بدبودار ۽ سخت آگرين وارا نه هوندا هئا ۽ نه ئي بايومي جهڙا جن مان پگهر جي ڏپ ايندي هجي، پر منهنجي بستري تي ايندڙ مرد ٻه مهذب، نازڪ نفيس ۽ خوبصورت جوان هوندا هئا. مان انهن جي آگرين جو ڇهاءُ پنهنجي بدن تي محسوس ڪندي هيس، اُهي منهنجي جسم جو طواف ڪنديون هيون. منهنجي ڇاتين سان چلولايون ڪنديون هيون، پوءِ ترڪندي هيٺ اوناهين ۾ لهي ويندیون هيون. شروع ۾ هڪ لذت ۽ سرور جو مون کي احساس ٿيندو هو هر مرد جي ڇهاءَ سان هڪ نئون سُرور نئين لذت ٻه ايندي هئي.

پوءِ مردن سان سمهڻ جو عمل مون لاءِ هڪ ورجاءَ ۽ بي لذت عمل ڪانسواءِ ڪجهه ٻه نه رهيو هو بلڪ ڪڌهن ته ان زخم جيان محسوس ٿيندو هو جيڪي شروع ۾ مون کي مردن کان مليا هئا. مون کي هاڻ پنهنجي جسم جي هيٺئين عضوي جو احساس ئي نه هو جڏ ته اُهو سن ٿي ويو هو يا منهنجي جسم کان ٻاهر هو.

"هاڻ مون کي ڪجهہ بہ محسوس نہ ٿو ٿئي؟"

"اسان ڏنڈي واريون آهيون فردوس! بس تون هن کي بہ هڪ ڪر سمجهہ احساسن جي چڪر ۾ نہ پئو."

"پر مان چاهيان ٿي تہ مان بہ مردن جيان لذت ۽ سُرور محسوس ڪيان."

"توکي لذت ۽ احساس مان ڪجهہ بہ هٿ نہ ايندو رهندو تون وڌيڪ ڏکاري ٿي ويندينءَ" ايترو چئي هن هڪ ٿهڪ ڏنو.

"اسان لاءِ لذت، سُرور، احساس نالي ڪابہ شيءِ ناهي، معمولي مزو وٺڻ بہ اسان لاءِ تہ جڻ وڏو ڏوهہ آهي."

هوءَ مرڪڻ لڳي. هن جي ڏندن جي وچ ۾ لڳل سون جو ڏند وڌيڪ چمڪڻ لڳو "ها تون لذت محسوس ڪر، ڪڑهائي ۾ تريل ڪڪڑ جي گوشت جي، جسم تي پاتل هن ريشمي لباس جي، هن عالي شان ڪمري ۾ پيل نازڪ نفيس قالين ۽ فرنيچر جي، ڪمري جي دريءَ مان صبح جي پهر ۾ نيل درياهہ کان ايندڙ هوا جي ٺڏن جهوٽن ۾ لذت کي محسوس ڪر. نيري آسمان کي ڏسندي رهہ. ساون وٽن کي ڏس. بس تون ان کان وڌيڪ زندگيءَ مان ٻيو ڪهڙو لُطف ماڻڻ ٿي چاهين."

اهڙي طرح شريفہ سان رهندي منهنجي بدن پنهنجا احساس وڃائڻ شروع ڪيا. مون محسوس ڪيو تہ دريءَ مان نظر ايندڙ نيل درياهہ گم ٿي چڪو هو. منهنجي نڪ کان سونگهڻ جي صلاحيت بہ هلي وئي، هاڻ قدرتي نظارن ۾ بہ اُها ڪشش ۽ خوبصورتي محسوس نہ پئي ٿي. بس هڪ ٻيرو وري زندگي مون لاءِ بي لذت، بي معنيٰ ٿي چڪي هئي ۽ زندگي پنهنجي حيثيت وڃائي چڪي هئي.

هاڻ تہ مون گهر کان ٻاهر وڃڻ بہ ڇڏي ڏنو هو. هاڻ مان بيڊروم کان ٻاهربہ گهٽ نڪرندي هيس. ڏينهن رات عجيب احساسن جي ٽياس تي ٽنگجندي رهندي هيس. روز نئون ماڻهو ايندو هو منهنجي جسم سان راند کيڏندو هو ۽ هليو ويندو هو. هاڻ تہ هڪ مرد بجاءِ

روزانو خبر ناهي ته ڪيترا مرد ايندا هئا. اڪثر مرد ته شادي شده به هوندا هئا. گهرن ۾ زالون به هونديون هين، پر انهن جا چمڙي جا پرس نوٽن سان ڀريل هوندا هئا. انهن مڙدن جي جسم ۾ عجيب پگهر جي ڏپ هوندي هئي، جڙ ته گٽر جو پاڻي هاريل هجي، انهن جي بدن تي مان پنهنجو نڪ ۽ ساهه بند ڪري ڇڏيندي هيس. منهنجي مٿان ستل مرد پنهنجو ڪم ڪندو رهندو هو مان بس بي وس لاش جيان مرد جي هيٺ پيل هوندي هيس، پر ڪڏهن ڪڏهن ٿورڙي به آهه منهنجي وات مان نڪرندي هئي يا ان مرد جي ڪنن تائين پهچندي هئي ته يڪدم هو هڪ بيوقوفاڻو سوال مون کان پڇندو هو.

"توکي ڪجهه محسوس ٿئي پيو مزو اچئي ٿو؟"

مان کوبه جواب نه ڏيندي هيس ۽ دل چوندي هئي ته اهڙو سوال ڪندڙ مرد جي منهن تي هڪ زوردار چماٽ وهائي ڪيان يا وري هڪ ٽڪ هُن جي منهن تي اڇلايان، پر ان کان اڳ ئي اهو وحشي مرد ڪنهن ڪتي جيان پنهنجا تيز ڏند منهنجي چپن ۾ کپائي ڇڏيندو هو ۽ هن جي چڪ سبب يا چوس سبب منهنجي وات ۾ جيڪو پاڻي پربو هو سو ٽڪ جيان مان واپس هن جي وات ۾ وجهي ڇڏيندي هيس.

انهن سمورن مردن مان جن سان منهنجو واسطو پيو هو هڪ اهڙو ماڻهو هو جيڪو بيوقوف نه هو ۽ هن مون کان ڪڏهن به اهڙو سوال نه پڇيو هو ته مان ڇا ٿي محسوس ڪيان ان جي اُبتڙ هن مون کان اهو سوال ڪيو ته،

"ڇا توکي مون مان تڪليف ٿئي پئي؟"

"ها" مون جواب ڏنو.

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟" هن پڇيو.

"فردوس!" مون جواب ڏنو "۽ توهان جو؟"

"مان فوزي آهيان."

"توکي ڪيئن خبر پئي ته مان لذت پاران سُور پئي محسوس ڪريان."

"ان لاءِ جو مون توکي پاڻ سان شامل ٿيندي نه ڏٺو؟" هن چيو.

مون حيران ٿي هن کان سوال ڪيو.

"تون مون کي پاڻ سان ڪيئن شامل ٿيندي محسوس ڪرين ها."

"مرد جڏهن به عورت سان ميلاپ ڪندو آهي ته هُن کي اها خبر ضرور پوندي آهي ته عورت جا احساس به هن سان شامل آهن يا نه." فوزيءَ چيو.

"ها، پر مان ڪجهه به محسوس ناهيان ڪندي." مون چيو.

"چو؟" هن پڇيو.

"ان ڪري جو شريفه مون کي اهو ئي سمجهايو اهي ته اسان ڏنڏو ٿيون ڪيون ۽ ڏنڏي ۾ احساس ۽ لذت ڪجهه به ناهي هوندي."

هو ٿورو مُرڪيو ۽ پيار سان هُن منهنجي چپن کي چُميو.

"شريفه توکي بيوقوف بنائي تنهنجي وسيلي سان پئسا ڪمائي رهي آهي ۽ هن جي چوڻ تي عمل ڪرڻ سان توکي رڳو درد ئي ملندا."

اهو ٻُڌي منهنجي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. مون کي بي وسيءَ جو احساس وکوڙي ويو. پلا شريفه جي هدايتن تي هلڻ کانسواءِ مون وٽ بيو رستو ڪهڙو هو؟

هن منهنجي اکين مان ڪرندڙ لڙڪن کي پنهنجي چپن سان چُميو.

"چا تون آرام ڪرڻ چاهين ٿي، سمهڻ چاهين ٿي؟" هن چيو.

"ها" مون جواب ڏنو.

"ته پوءِ اڄ منهنجي ٻانهن جي وچ ۾ سمهي پئو."

"پر شريفه چا چوندي، ايتري دير؟"

"شريفه کان تون نه ڊڄ."

"ته چا تون هن کان ناهين ڊڄندو؟"

هُو مُرڪندي چوڻ لڳو.

"نه شريفه مون کان ڊڄندي آهي."

مان ننڍ جي وادين ۾ هلي ويس. منهنجي اک کلي ته پرسان واري ڪمري ۾ مون شريف کي ڪنهن سان سُرهاڻن ۾ ڳالهائيندي ٻڌو.

"تون فردوس کي مون کان پري ڪرڻ چاهين ٿو؟"

"مان هن سان سچ پچ شادي ڪرڻ ٿو چاهيان، شريف"

"پر تون ته شادي ڪرڻ ئي نه پيو چاهين؟"

"ها، اها پراڻي ڳالهه آهي، هاڻ مان پوڙهو ٿيڻ لڳو آهيان ۽ چاهيان ٿو ته پوڙهاپ جي سهاري لاءِ منهنجو به ڪو پُٽ هجي."

"ته جيئن اُهو تنهنجي دولت جو وارث ٿي سگهي؟"

"منهنجي مالي حيثيت تي ٽوڪ نه ڪر، مان چاهيان ها ته اڄ مان لک پتي هجان ها. مان بس زندگيءَ مان مزو وٺڻ چاهيان ٿو. مان دولت گڏ ڪرڻ جي خلاف آهيان، مون کي غلامي پسند نه آهي پوءِ اُها دولت جي هجي يا ڪنهن جي محبت جي؟"

"فوزي، ڇا سچ پچ تون فردوس سان شادي ڪرڻ چاهين ٿو."

"ڇا مان ڪنهن سان محبت ڪرڻ جي لائق آهيان. هڪ ڏينهن تو پاڻ ئي ته چيو هو مون ۾ ڪنهن سان محبت ڪرڻ جي صلاحيت ڪانهي."

نه تون محبت ڪري سگهين ٿو ۽ نه ئي تون هن سان شادي ڪرڻ چاهين ٿو. تون بس فردوس کي مون کان پري ڪرڻ چاهين ٿو جيئن تو اڳ ۾ هُن چوڪريءَ ڪاملا سان ڪيو هو."

"اها بي ڳالهه هئي، ڪاملا پاڻ مون سان گڏ هتان نڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو هو."

"نه، ڪوڙ نه هڻ، هوءَ توسان محبت ڪرڻ لڳي هئي."

"پر جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجو پاڻ مون سان محبت ڪري ٿي، هڪ طرفي محبت ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي؟" فوزي چيو.

"عذاب ۾ مبتلا ٿي ويندي اها عورت جيڪا به توسان محبت ڪندي"

"ها، پر جيڪڏهن مان ڪنهن عورت سان محبت ڪيان ته پوءِ؟"

"ها، تون ڪنهن دؤر ۾ مون سان به محبت جي دعويٰ ڪئي هئي."

"تون وري اجاين ڳالهين ۾ مون کي ڦاسائي منهنجو وقت برباد ڪرڻ شروع ڪيو آهي. بس مان فردوس کي هتان وٺي ويندس."

"تون هن کي هتان نه وٺي ويندين."

"مان هن کي هتان ضرور وٺي ويندس."

"تون مون کي ڌمڪيون پيو ڏين. تون مون کي پوليس کان خوفزده نه ٿو ڪري سگهين. هاڻ پوليس جا وڏا وڏا آفيسر منهنجا دوست آهن." شريف ڪاوڙجندي چيو.

"تون چا ٿي سمجهين ته توکي منهن ڏيڻ لاءِ مون کي پوليس جي ضرورت پوندي. چا مان اهڙو بزدل انسان آهيان، شريفا"

"تون منهنجو مطلب چگيءَ طرح سمجهين ٿي."

"چا تون مون کي ماريندين؟"

"ها. ڪوڙ عرصو ٿيو آهي مون توکي مار ناهي ڏني. اڄ لڳي ٿو وري تنهنجي مرمت ڪرڻي پوندي."

"جيڪڏهن تو مون تي هاڻ وار ڪيو ته مان به مات نه رهنديس. فوزي ياد رک."

"ته پوءِ اهو پاڻ پلو ٿيندو توکي به خبر پئجي ويندي ته تو ۾ ڪيترو زور آهي."

"جيڪڏهن تو مون تي اڄ هٿ ڪنيو ته مان تنهنجي شڪايت سڌو وڃي شاؤڪي سان ڪنديس يا وري توکي اُن جي حوالي ڪري ڇڏيندیس."

"اهو شاؤڪي منهنجي سامهون وري ڪهڙي شيءِ آهي. تو مون کانسواءِ هڪ ٻيو مرد به يار ناهي رکيو آهي چا. تو منهنجي اجازت کانسواءِ ٻئي مرد سان وڃي ياري رکي آهي. تنهنجي اها مجال."

پوءِ ڪجهه دير لاءِ ايندڙ آواز بند ٿي ويا پر مون کي ائين محسوس ٿيو ته جڙ ڪنهن شريفه جي وات تي هٿ ڏئي هن جو وات بند ڪري ڇڏيو هجي. ڪجهه چماٽن جو آواز منهنجي ڪنن تي پيو. ڪجهه دير جي ويڑهه ۾ تشدد کانپوءِ وري ڪنهن کي ياڪر ۾

پري پيار ڪرڻ ۾ چمڙ چٽڻ جا آواز منهنجي ڪنن تي پيا وري اوچتو شريف جو آواز منهنجي ڪنن تي پيو.

"نه فوزي، نه."

هن جي ڳالهائڻ جي انداز ۾ ڪاوڙ هئي.

"نه" نه . . . چا پئي ڪرين تون بازاري عورت." فوزيءَ جو آواز آيو.

ان ڪانپوءِ پلنگ جي لڏڻ جو آواز منهنجي ڪنن تي پيو شريف وري اوچتو رڙ ڪري رهي هئي.

"ڏس فوزي توکي پنهنجي پيغمبر جو واسطو آهي، مون سان ائين زبردستي نه ڪر."

"چپ ڪر بي حيا عورت، پيغمبر کي وچ ۾ نه آڻ، مون کي ٻڌاءِ اهو شاڪي ڪير آهي، مان ان لوفر کي اُڪٽ ماري چڏيندس."

وري مون کي ٻن جسمن جي هيٺ مٿي ٽيڙ جو آواز ڪنن تي پيو. آهستي آهستي عورت ۽ مرد جي تيز ساهن ڪٽڻ ۽ پلنگ جي تيز لڏڻ جو آواز ڪن تي پيو. مٺڙا مٺڙا آواز جن ۾ ڪجهه ڪاوڙ به هئي، پر لذت ۽ سُرور ۾رين آهن ۽ ساهن جو آواز به ان ۾ شامل هو ها جيڪو ڪجهه مون سان مرد روزانو ڪندا هئا. اڄ شريف به فوزيءَ جي هيڻان هئي ۽ ان سان به اهو ئي ڪجهه ٿي رهيو هو پر مان انهن کي ڏسي نه ٿي سگهيس جو منهنجي ۽ هنن جي وچ ۾ ڪمري جي ديوار موجود هئي پر هنن جي اُتل پتل ۽ پلنگ جا چيڪاٽ ۽ تيز هلندڙ ساهه مون کي سيڪجهه محسوس ڪرائي رهيا هئا ته پر واري ڪمري ۾ چا ٿي رهيو هو.

اوچتو انهيءَ سموري ماحول ۾ وري فوزيءَ جي چيل جملن جي پڙاڏن مون کان ڇرڪ پرايا.

"شريف توکي بيوقوف بنائي پئسا ڪمائي رهي آهي؟" وري مون شريف جي آواز ٻڌو. "جهڙو وار تون مون تي ڪندين، مان به توکي اهڙي ئي موت ۾ ڏڪ هڻنديس فوزي"

مون يڪدم اکيون کوليون. اهو پهريون ڀيرو هو جو جڏهن اڄ مون پنهنجي بستري تي اکيون کوليون تہ منهنجي پرسان بستري تي ڪوبہ مرد ستل ڪونہ هو. مان آهستي بستري تان اُٿيس چپ چاپ آهستي قدمن سان وڃي شريف جي ڪمري ۾ جهاتي پاتيم. ڏٺم تہ هوءَ نوزيءَ جي ٻانهن ۾ اگهاڙي ستل هئي. ٻئي گهري ننڊ ۾ هئا. پوءِ مان چپ چاپ پنهنجي ڪمري ۾ واپس آيس. ڪپڙن جا ٻہ جوڙا کنيم. سرٽيفڪيٽ سنياليم. بيگ هٿ ۾ ڪٽي اپارٽمينٽ کان ٻاهر هلي آيس. هڪ ڀيرو وري مان بازار ۾ تنها هلي رهي هيس.

رات جو وڳڙو هو. هر پاسي اوندهه هئي، چنڊ جي روشني بہ صفا هلکي هئي. اها سياري جي موسم هئي، بازار سنسان ۽ ويران هئي. رستا گاڏين کان خالي هئا. گهرن ۽ فليٽن جي دروازن تي تالا لڳل هئا. مان بازار ۾ اڪيلي هلي رهي هيس. مون کي اها خبر نہ هئي تہ منهجي منزل ڪهڙي آهي. مون کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي، پر هاڻ مون کي ڪنهن بہ قسم جو ڪو خوف محسوس نہ ٿي رهيو هو نہ ئي مون کي سخت ۽ ٺڏي هوا جو ڪو احساس ٿي رهيو هو. ڪٿي ائين تہ نہ هو منهنجي وجود ۾ ڪا ٻي عورت اچي وئي هجي يا منهنجو پنهنجو ذاتي وجود ڪٿي گم ٿي ويو هجي.

مون پنهنجي هٿن کي غور سان ڏٺو ها منهنجي هٿن جون آڱريون تہ منهنجيون پنهنجيون هيون، ڪيترن ئي مردن منهنجي هٿن کي چُميو هو پر انهن مان صرف هڪ مرد جنهن منهنجي آڱرين جي سازاهہ ڪئي هئي، هن جي خيال ۾ منهنجيون آڱريون ڏکيون ۽ سيبتيون هيون. منهنجي آڱرين جي بہ تہ جڙ ڪا زبان هئي. شايد هو منهنجي آڱرين جي زبان کي سمجهندو هو. پنهنجي چپن سان اُنهن کي چمندو هو. هو منهنجي آڱرين سان ڳالهائيندو هو. هن جو اهو عمل مون کي بہ ڏاڍو وڻندو هو.

"هاڻ چا ڪيان!؟" مون پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو ۽ وري چرڪ ٻري آس پاس ڏٺم تہ ڪنهن مون کي پاڻ سان ڳالهائيندي تہ نہ ڏٺو. آس پاس مون کي ڪوبہ نظر نہ ٿي آيو پر ڪجهہ گهڙين کان پوءِ ڏٺم تہ هڪ پوليس وارو مون ڏانهن اچي رهيو هو. پوليس واري سختيءَ سان مون کي ٻانهن کان پڪڙي چيو.

"ڪيڏانهن پئي وڃين؟"

"ڪيڏانهن به نه" مون پاڻ ڇڏائيندي چيو.

"ته پوءِ مون سان گڏ هل" پوليس واري چيو.

"نه. هاڻ مون کي مردن تي اعتبار ناهي رهيو" مون چيو.

پوءِ پنهنجي ننڍڙي بيگ کولي هن کي پنهنجي اسڪول جا سرٽيفڪيٽ ڏيکاريندي چيم "مون کي منهنجي تعليم مطابق ڪا نوڪري وٺي ڏيندين ته پوءِ مان هلنديس."

"مان سڀ پڇ توکي پئسا ڏيندس. تون مون بابت غلط نه سوچ مان ٻين پوليس وارن جهڙو ناهيان. بس تون گهٽا وٽندين؟"

"منهنجو ريٽ ڇا آهي، مون کي پاڻ به خبر ناهي." مون چيو.

مون سان هل نه ته مان توکي ٽاٽي جي لاکپ ۾ هلي بند ڪندوسانءِ."

"ڇو مون کهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟"

"تون هڪ آواره ءِ بازاري عورت آهين- سماج ۾ برائي پکيڙيندڙ منهنجو فرض آهي ته مان تو جهڙين عياش عورتن کان شريف گهراڻن جي نوجوانن کي تحفظ فراهم ڪيان، پر ڏس مان توکي اجايو بدنام ڪرڻ نه ٿو چاهيان، مان توکي هڪ رات جو هڪ پائونڊ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان... پورو هڪ پائونڊ. هاڻ وڌيڪ تنهنجي مرضي آهي مون سان پاڻ ئي هل."

مون ڪوشش ڪئي ته ڪيئن به ڪري هن مان جان ڇڏايان ۽ هن وري هڪ هڪ سان منهنجي ٻانهن کي مضبوط پڪڙي ورتو هو. نيٺ هو مون کي گهليندو هڪ اونداهيءَ گهٽيءَ ۾ ٽهيل هڪ ڪوٺڙي جنهن جو ڪاٺ جو دروازو هو اندر وٺي آيو. هن ڪوٺڙيءَ ۾ پيل هڪ ڪٽ تي مون کي اڇي ليٽايو هن پنهنجا سمورا ڪپڑا لاهي ڇڏيا ۽ هڪ وحشي جيان اڇي مون مٿان ڪريو.

مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون. اهڙي وحشي مرد سان منهنجو ڪو ڦهريون پيرو واسطو ڪونه پيو هو هن جي وات جي ڏپ، تيز هلندڙ

ساهه ۾ لڏندڙ لمندڙ ڪٽ جا لوڏا ڇڻ ڏرتيءَ تي زلزلو اچي ويو هو. هن جي وات جي ڏپ سبب مون کي اُلٽي اچي رهي هئي. نيٺ هو ساڻو ٿي هيٺ لٿو. مون هن ڏانهن نفرت سان ڏٺو ۽ ڪٽ تان اُٿي پنهنجا ڪپڑا پائڻ لڳيس. ڪپڑا پائي دروازي تائين آيس ۽ هن ڏانهن نهاريم ته هن رڙ ڪئي. "بيٽي ڇو آهين، وڃ هلي هتان، اڄ رات مون وٽ ڪيسي ۽ ڪجهه به ناهي. توکي پئسا ٻئي دفعي ڏيندس. هينئر نڪر هتان."

مان ٻيهر شهر جي اونداهي گهٽين ۾ ٽڪرٽ لڳيس. رات جو ٽڏ وڏي وئي هئي. گهٽيون اونداهيون هيون. اوچتو برسات شروع ٿي وئي. اونداهيون گهٽيون، گپ چڪ ۽ گندي پاڻي سان ڀرجڻ لڳيون. مان گهٽين کان نڪري وڏي ۽ پڪي روڊ تي هلي آيس.

روڊ تي هلندي سڄي برسات ۾ پسي ويس نيٺ برسات کان بچڻ لاءِ هڪ بس اسٽينڊ جي شيڊ ۾ اچي پناهه ورتيم. بيگ مان هڪ رومال ڪڍيم ۽ پنهنجو چهرو ۽ وار صاف ڪيم.

ڪجهه دير کان پوءِ تيز لائيٽ منهنجي اکين ۾ چيڙ لڳي. سوچيم صبح صادق ٿيڻ وارو آهي شايد مسافر بسون هلڻ شروع ٿي ويون آهن. انهن جي لائٽ آهي. پر جڏهن اُها گاڏي اچي بس اسٽينڊ وٽ بيٺي ته ڏٺم ته اهي هڪ ڪار جون ٻرندڙ تيز لائٽون هيون. ڪار منهنجي سامهون اچي بيٺي. پوءِ ڪار مان هڪ ماڻهو ٻاهر نڪتو. ڪجهه دير مون کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ منهنجي سامهون اچي احترامن جهڪندي چوڻ لڳو.

"مهرباني ڪري پاڻ کي برسات ۾ پُسڻ کان بچايو ۽ اچي منهنجي ڪار ۾ ويهو."

سيءُ تمام گهڻو هو. منهنجا سنها ڪپڑا آلا ٿيڻ سبب منهنجي جسم کي چنبڙي چڪا هئا. سنهي ڪپڑي مان منهنجي چاتين جا گول دائرا ۽ انهن جون چنهبون صاف نظر اچي رهيون هيون. منهنجي جسم جو هر انگ صاف ظاهر ٿي رهيو هو. هن منهنجي چيلهه ۾ پنهنجي هڪ ٻانهن جو ڀاڪر وجهي ڪار جو

دروازو کولي مون کي اندر ويهاريو. ان وچ ۾ هو منهنجي جسم جو جائزو وٺندو رهيو هو.

اهڙي طرح مان هن جي گهر اچي وئي هيس. هن جو گهر اندران انتهائي شاندار ۽ گرم هو. هن جي بيڊروم ۾ جڏهن مان پنهنجا آلا ڪپڑا لاهڻ لڳيس تہ هو به منهنجي مدد ڪرڻ لڳو. گپ ۽ مٽيءَ سان پريل شوز منهنجي پيرن مان هن پاڻ لاٿا. گرم پاڻيءَ جي ٽب ۾ ويهاري هن پنهنجي هٿن سان منهنجي بدن تي خوشبودار صابڻ ملیو. منهنجي وارن ۾ شيمپو ڪيو. مون کي صاف ستڙو ڪري هو مون کي پنهنجي بيڊ تي وٺي آيو. جڏهن هو منهنجي مٿان هو تہ مون کي ٻين مردن جي جهڙي بدبوءِ يا ڏپ هن مان نہ آئي. هن جي پگهر ۾ به سينٽ ۽ عطر جي خوشبو هئي. هن جا هٿ پير به نرم ۽ صاف ستڙا هئا. هو مون سان ٻين مردن جيان وحشين وارو سلوڪ ڪرڻ بدران انتهائي نرمائي سان منهنجي چاتين، تي هٿ ڦيري رهيو هو. هن جي لوڏي ۾ زلزلي پاران آهستگي ۽ آرام هو. پر بدستور منهنجون اکيون جڙ بند هيون ۽ منهنجا احساس به خالي هئا. جڙ مان هن لاءِ به هڪ زنده لاش هئس يا بي جان بت. بس هو پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ ۾ لڳو پيو هو.

نيٺ جڏهن مون اکيون کوليون تہ ڏٺم دريءَ کان ايندڙ سج جا ڪرٽا منهنجي بدن تي پئجي رهيا هئا. مان يڪدم بيڊ تان اُٿيس پنهنجا ڪپڑا پاتم. آس پاس ڏٺم تہ مان هڪ قيمتي بيڊروم ۾ ستل هيس. مون ڪپڑا پائي پنهنجو هئنڊ بيگ هٿ ۾ کنيو ۽ گهر کان ٻاهر نڪرڻ لڳيس تہ اُهو اجنبي ماڻهو اوچتو منهنجي سامهون آيو ۽ هن ڏهہ پائونڊ جو هڪ نوٽ مون کي ڏنو. اهو ڏهہ پائونڊ جو نوٽ جڙ تہ مون کي وري پنهنجي ماضيءَ ڏانهن موٽائي ويو. جڏهن مان ننڍڙي هيس تہ ائين منهنجي والد مون کي هڪ رپيو ڏنو هو. ها، مان ننڍڙي هيس سڄي ڏينهن گهر جو ڪم ڪار ڪندي هيس. ماءُ جي مار به کائيندي هيس ۽ هر رات جو توڙي ڏينهن جو اڳ ۾ منهنجو پيءُ گهر ۾

اچي پيٽ ڀري ماني کائيندو هو پوءِ جيڪا اوبر سوير بچندي هئي سا مون کي ملندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته رات جو ماني نه به ملندي هئي ۽ خالي پيٽ ئي رات جو سمهڻو پوندو هو. هڪ ڀيري عيد جو ڏينهن هو ٻار ڳوٺ جي دڪان تان شيءِ وٺي کائي رهيا هئا. انهن کي ڏسي مان به پنهنجي ماءُ وٽ ويس ان کي چيم ته "مون کي به هڪ پئسو ڏي ته مان شيءِ وٺان."

"مون وٽ ڪٿان آيا پئسا. وڃي پنهنجي پيءُ کان وٺ."

"مان بابا وٽ آيس ۽ ان کان هڪ رپيو گهريم ته ان چيو هينئر مون وٽ پئسا ڪونهن. دعا ڪر پنهنجي مينهن ڪپي وڃي ته پوءِ توکي هڪ رپيو ڏيندس."

پر اينڊر سال جي عيد تائين مينهن ته ڪانه ڪپي بيمار ٿي مري وئي.

امان جڏهن به بابا کان پئسا گهرندي هئي ته بابا لٽون، مڪون ۽ پادر هٽي امان کي ماريندو هو. امان جي اها حالت ڏسي مون به پيءُ کان پئسا گهرڻ ڇڏي ڏنا هئا.

پر نيٺ هڪ سال جڏهن قرباني واري عيد آئي ته ٻارن کي شيءِ وٺندو ڏسي وري به مان پنهنجي پيءُ وٽ ويس ته مون کي هڪ رپيو ڏي. بابا چوڻ لڳو ته:

"صبح سان تون مون کان هڪ رپيو وٺڻ آئي آهين، ڪٿان آڻيان. پر ڇڪو تون هيئن ڪر وڃي جانورن جي واڙي کي صاف ڪر. ڇيٽا ڪٽي اُڇلائي، ڀهاري ڏئي صاف ستڙو ڪر شام جو واپس اچي مان توکي هڪ رپيو ڏيندس."

سچ ته واڙي جي صفائي ستڙائي کانپوءِ مان جڏهن پنيءَ تان گاهه ڪري واپس آيس ته مون کي منهنجي پيءُ هڪ رپيو خرچي طور ڏنو. منهنجي زندگيءَ ۾ اهو پهريون هڪ رپيو هو جيڪو منهنجي پيءُ مون کي ڏنو هو. مون انهيءَ هڪ رپئي کي مُٺ ۾ زور سان بند ڪيو. ها، اُهو هڪ رپيو هاڻ منهنجو هو ۽ منهنجي دل جيئن چوي ها، تيئن مان اُن

کي خرچ ڪيان ها. اهڙي طرح ان اجنبي شخص جي ڏنل ڏهه پائونڊ جو نوٽ به منهنجو هو. پورا ڏهه پائونڊ هاڻ منهنجي ملڪيت هئا.

ڏهه پائوند منهنجي مُٺ ۾ هئا. مان باهر روڊ تي هلي رهي هيس. هاڻ منهنجي اندر ۾ عجيب احساس هئا. منهنجي سيني ۾ هڪ درد هو. سيني ۾ وڏندڙ سور هاڻ منهنجي پيٽ تائين پهچي چڪو هو. هاڻ مون کي بک جو احساس ٿي رهيو هو. بک جي احساس وات جو به عجيب ذائقو ڪري ڇڏيو هو.

هاڻ مان هڪ ريسٽورينٽ جي سامهون بيٺي هيس. اندر شيشي ۾ روسٽ ڪڪڙ پيل هئا. انکانسواءِ عجيب و غريب کاڌي جي خوشبو منهنجي وات ۾ گگ آڻي ڇڏي هئي. ڪجهه دير باهران بيهي مان ريسٽورينٽ ۾ اندر هلي ويس. دريءَ جي پرسان رکيل هڪ ميز تي مان اچي ويهي رهيس. مون هڪ فرائي چڪن جو آرڊر ڏنو. بيرو چڪن کڻي آيو مون مزي مزي سان چڪن جي هڪ هڪ گرانهه کي آهستي آهستي چٻاڙي مزو وٺڻ شروع ڪيو. ائين جيئن ڪنهن بکايل ٻار کي ماني ملي وئي هجي.

اڄ کاڌو کائيندي مون کي اهڙو ئي مزو آيو هو جهڙو مون پنهنجي پيءُ جي ڏنل هڪ رپئي مان ڪڪڙ جو هڪ ننڍڙو ڪُنڊو خريد ڪيو هو. ها پنهنجي پئسن مان خريد ڪيل ڪڪڙ کي چٽيندي جيڪو مزو آيو هو اڳ ۾ ڪڪڙ کائيندي ڪڏهن به نه آيو هو. چو ته اُهو ڪڪڙ مون پنهنجي پئسن مان خريد ڪيو هو.

اڄ هڪ پيرو وري منهنجي آرڊر تي ريسٽورينٽ جي بيري منهنجي ٽيبل کي کاڌي جي شين سان پري ڇڏيو هو. مون ڏٺو ته ڪوبه مون ڏانهن نه ڏسي رهيو هو. هر ماڻهو پنهنجي کاڌي کائڻ ۾ لڳل هو. مان حيران هيس ته هڪ ڪاغذ جي ٽڪڙي منهنجي زندگيءَ ۾ کيڏو انقلاب آڻي ڇڏيو هو.

مان ريسٽورينٽ جي اندر دريءَ کان ڪرسيءَ تي ويٺل هيس. سڄ جا ڪرٽا منهنجي جسم تي پئجي رهيا هئا. ڏهه پائونڊ مالیت

جو نوٽ منهنجي بيگ ۾ پيل هو. ٽورڙي دير کانپوءِ ويٽر آيو. هن منهنجي ٽيبل تان احترام سان خالي ٽانوَ کڻڻ شروع ڪيا، پر هن نظرون هيٺ رکڻ باوجود منهنجي هٿن ڏانهن نهاري رهيو هو. هن جي ڏسڻ جي اهڙي انداز تي مون کي پنهنجو مڙس شيخ محمود ياد اچي ويو جيڪو جڏهن نماز پڙهندو هو ته نظرون جهڪايل ۽ رکندو هو ۽ مون کي ۽ ڏسندو هو. يا جڏهن مان ماني کائيندي هيس ته هو مسلسل منهنجي کاڌي جي پليٽ تي نظرون رکندو هو. اهڙي طرح مون کي پنهنجو چاچو ياد آيو. جڏهن ۽ هو کي ڪتاب پڙهندو هو ته اڌ نظرون ڪتاب تي ۽ اڌ نظرون منهنجي اگهاڙي پٽن تي رکندو هو يا وري پنهنجي هڪ هٿ ۾ ڪتاب جهلي هڪ هٿ منهنجي ڪلهن تي ۽ ڇاتيءَ تي ڦيرايندو رهندو هو. سيني مردن جو عورت کي گهورڻ جو ساڳيو ئي انداز هوندو هو. ويٽر هاڻ منهنجي سامهون سڌو ٿي بيٺو هو. هو اڌ جهڪيل اکين سان مون ڏي ڏسي رهيو هو. مون بيگ مان ڏهه پائونڊ جو نوٽ ڪڍيو ۽ ويٽر ڏانهن وڌايو. ويٽر منهنجي هٿ مان ڏهه پائونڊ جو نوٽ ورتو ۽ اُتان ويو هليو. ان ڏينهن کانپوءِ مون خوفزده ٿيڻ ۽ ڪنڌ جهڪائڻ ڇڏي ڏنو هو. هاڻ مان بازار ۾ اوچي ڳاٽ ۽ ڪليل نگاهن سان سينو تاڻي هلڻ شروع ڪيو هو. هاڻ مان مردن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائڻ لڳي هيس. هاڻ مان بازار، روڊن، رستن تي گهمندي ڦرندي هيس، سج لهندو هو. پر اونداهي پاران روشني منهنجي جسم ۾ ڦهلجڻ لڳندي هئي. ڏهه پائوند جي نوٽ مون کي جرئت ڏني هئي. هڪ سبق ڏنو هو زندگي منهنجي آهي مان جيئن چاهيان گذاريان. هاڻ منهنجي چال ۽ ڍال ۾ فرق اچي ويو هو. مون زندگيءَ کي جيئڻ سکي ورتو هو شام جي پهر روڊ تي هلندي هڪ مرد منهنجي ويجهو آيو ۽ هن مون کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو. مون جواب ڏنو ته "نه" اهڙي طرح وري هڪ ٻيو مرد مون ڏانهن آيو. هن سرهاڻ ڪيو پر مون هن کي به چيو ته "نه".

هن چيو ته "چو نه؟"

مون چيو تہ "اُن لاءِ نہ جو اسان جي معاشري ۾ مرد تمام گهٽا آهن. اُميدوار گهٽا آهن. سو منهنجي مرضي آهي تہ مان ڪنهن سان ويجهان يا نہ. منهنجو جسم آهي منهنجي مرضي آهي."

هن زور ۾ريندي چيو "تون اڄ مون سان گڏ هلي تہ ڏس!"

"نہ، چو تہ تنهنجا ڏُنهن وڏا ۽ گند سان ڀريل آهن، مون کي صاف ڏُنهن وارو مرد پسند آهي."

وري ٻيون مرد منهنجي ڀرسان آيو. هن ٻہ مون سان اڇي آهستي آواز ۾ سُرهاٽ ڪيو.

""مون هن کي چيو "گهٽا پئسا ڏيندين."

هُن چيو. "ڏهہ پائونڊ".

مون چيو "نہ، ويهہ پائونڊ ڏين تہ مان هلان."

"ٺيڪ آهي، جيڪو تنهنجو حڪم" هن چيو ۽ ايڊوانس ۾ئي مون کي هُن ويهہ پائونڊ ادا ڪري ڇڏيا.

هاڻ مون وٽ ڪوڙ پئسا گڏ ٿي ويا هئا. مون وٽ واندڪائيءَ جو وقت ٻہ هوندو هو. مان آرام ڪندي هيس. سئنيما ۾ فلم ڏسڻ ويندي هيس، اخبارون ۽ رسالا پڙهڻ لڳي هيس. ڪوڙ سارا ماڻهو جيڪي منهنجي آس پاس گهمندا ڦرندا هئا، انهن سان سياست تي ٻہ خيالن جي ڏي وٺ ڪندي هيس.

هاڻ منهنجي وستيءَ جي حلقي ۾ هڪ صحافي جيڪو هڪ سٽو ليڪڪ ٻہ هو اچي ويو هو. مان ٻين گراهڪن جي پيٺ ۾ ان جي وڏيڪ عزت ڪندي هيس، چاڪاڻ تہ هو ڪجهہ مهذب ماڻهو هو. مون کي ڪتابن سان ٻہ شوق هو سو مون فليٽ ۾ هڪ ننڍي لائبريري ٻہ جوڙي هئي. مان فارغ وقت ۾ پنهنجا خريد ڪيل ڪتاب ٻہ پڙهندي هيس.

مون شيشي جي فريمن ۾ اعليٰ قسم جون پينٽنگز ٽنگي رکيون هيون ۽ هڪ شيشي جي فريم ۾ مون پنهنجي سيڪنڊري اسڪول جو سرٽيفڪيٽ ٻہ لڳائي پٽ تي ٽنگي ڇڏيو هو.

مان ڪنهن بہ گراهڪ کي لائبرريءَ ۾ ڪوبہ وٿي ويندي هيس. اهو ڪتابن وارو ڪمرو مون لاءِ مقدس ڪمرو هو. اهو لائبرري جو ڪمرو صرف مون پاڻ لاءِ مخصوص ڪري رکيو هو.

مان مردن کي پنهنجي بيڊروم تائين محدود رکندي هيس. اهڙي طرح جڏهن هو پهريون ڀيرو منهنجي بيڊروم ۾ آيو تہ مان سڌو وڃي بيڊ تي ليٽي پيس. چولي جا بٽڻ کولڻ شروع ڪيم تہ هن منهجي هٿ کي روڪيندي چيو.

"ٿورڙو ترس، ويهہ ڪجهہ ڪچهري ڪريون. مان توسان تڪڙ ۾ ڪجهہ ڪرڻ کان اڳ توسان ڪچهري ڪرڻ کي بهتر ٿو سمجهان."

مان حيران ٿيس، هن جي چهري کي غور سان ڏٺم. هن جو چهرو الاءِ ڇو هتي ايندڙ مردن کان ٿورو مختلف لڳو. نہ تہ هر ايندڙ مرد کي منهنجي جسم سان کيڏڻ جي تڪڙ هوندي هئي. هر ايندڙ مرد يڪدم مون کي اڇي بيڊ تي ليٽائيندو هو پر هو مون کي ڪپڙا لاهڻ کان روڪي رهيو هو.

مان هن ڏانهن مُڙيس ۽ هن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسڻ لڳيس. هن جون ننڍڙيون اکيون چمڪدار هيون. چهرو ڪلين شيو هو. متي تي وار هلڪا هئا ڪتان ڪتان گنجو نظر اچي رهيو هو. مان هن جي اکين ۾ اکيون وجهي هن کي ڏسي رهي هيس پر هن کي ڪجهہ بہ نہ ٿي چيم. نيٺ هُن وري پنهنجي ڳالهہ کي ورجايو ۽ چيائين:

"اڇ، منهنجي پرسان ويهہ، مان توسان ڪچهري ڪرڻ چاهيان ٿو."

"ٺيڪ آهي تون پنهنجو ڪم ڪرين يا ڳالهيون ڪرين پر توکي پئسا پورا ڏيڻا پوندا." مون چيو "جيترا پئسا ڏيندين اوترو مان توکي وقت ڏيندیس. منهنجو ٽائيم قيمتي آهي. مان مردن کان پنهنجي ڏنل وقت جي بدلي پوري قيمت وٺندي آهيان."

تنهنجي ڳالهين مان ائين ٿو لڳي جڙ مان ڪنهن ڪاسائي ڊاڪٽر جي ڪلينڪ جي اندر ويٺو هجان ۽ تون چئي پئي ته ڪنهن ايمرجنسي ڪم سبب هتان وڃڻو پئجي سگهي ٿو."

مون هن کي چيو "تون منهنجي ڏنڊي تي ٽوڪ ٿو ڪرين يا ڊاڪٽري پيشي تي؟"

هن چيو "ٻئي هڪجهڙا آهيو."

"چا ڊاڪٽر ۽ طوائفن جو ڪم ساڳيو آهي."

"ها، پر هڪ فرق آهي جڏهن ڊاڪٽر ڪنهن کان مقرر ڪيل پئسا وٺندو آهي ته هو سمجهندو آهي ته هو هن سماج جو معزز فرد به آهي، جڏهن ته طوائف کي دل ۾ ذلت جو احساس هوندو آهي."

"تنهنجو منهنجي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟"

"تون ڪا احترام جي قابل عورت ناهين، سماج تي ڪارو ٽڪو آهين؟"

ڪاش اُهي لفظ ٻڌڻ کان اڳ ۾ مان هوڙي ٿي وڃان ها پر هن جا چيل لفظ منهنجي دل ۽ دماغ تي ڪنهن تيز خنجر جيان چُڀي ويا هئا. هن جي ڳالهايل سچ تي ڪمري ۾ هڪ عجيب مانڌار چانئجي وئي هئي. مون کي ائين لڳو جڙ ڪو منهنجي دل، دماغ ۽ جسم کي ڪنهن تيز آريءَ سان چيري رهيو هجي. هو ماڻ هو منهنجا ٻئي هٿ ڪنن تي هئا. ان وچ ۾ هو ٻيو ڪجهه به ڳالهائي ويو هو.

منهنجا ٻئي هٿ ايڏا تائين ڪنن تي هئا. مان سڪرات ۾ هئس. اوچتو هو منهنجي ويجهو آيو. هن مون کي شاڪ مان ڪڍڻ لاءِ پنهنجا چپ منهنجي چپن تي رکي انهن کي چمڻ چاهيو ته مون هن کي ٻنهي هٿن سان زوردار ڌڪو ڏئي پري ڪيو ۽ چيم ته:

"جيڪڏهن منهنجو ڏنڊو عزت وارو ناهي ته پوءِ تون چو مون وٽ آيو آهين ۽ منهنجي ڏنڊي ۾ حصيدار ٿي پنهنجي پاڻ کي گناهگار ٻيو ڪرين؟"

هن ڪوشش ڪئي تہ هو مون کي پنهنجي پاڪرن ۾ پري، مون کي بيڊ تي سمهاري، منهنجي جسم کي چمي پر مون مزاحمت ڪري هُن جي هر ڪوشش کي ناڪام بنائي ڇڏيو. جيتوڻيڪ هو منهنجي ڏڪارڻ تي منهنجي گهر کان ٻاهر پري هليو ويو هو پر هن جي چيل لفظن منهنجو سڪ ۽ آرام ڦٽائي ڇڏيو. هُن جي لفظن جو پڙاڏو هر پل منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيو هو.

هن جي چيل لفظن کان اڳ ۾ منهنجو ذهن پُرسڪون هو هر رات گراهڪ جي وڃڻ کانپوءِ مان بيڊ تي سڪ ۽ آرام سان سمهي پوندي هيس، پر هاڻ منهنجي اندر ۾ سمند جي لهرن جهڙي بي حسي هئي، منهنجو جسم آرامده بستري تي بہ لُڇي رهيو هو.

هن جا چيل لفظ تہ "تون قابلِ احترام عورت ناهين" منهنجي ذهن تي هٿوڑا بنجي وسي رهيا هئا. مان بستري تي لڇي رهي هيس. مون کي پنهنجي اگهاڙي جسم کان نفرت ٿيڻ لڳي. مردن جون بي شرم اکيون، جيڪي مون کي اگهاڙو ڪنديون هيون مون کي تير جيان محسوس ٿي رهيون هيون، آهستي آهستي تذليل جو احساس منهنجي اندر ۾ وڌندو رهيو. بي عزتيءَ جي احساس کي مون عزت داريءَ جي لباس ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام رهيس. مان پنهنجو پاڻ کي بہ ڪپڙن ۾ لڪائي نہ سگهيس.

هڪ جملي، بس هڪ جُملي يا ٻن ڇڻن لفظن مون کي زندگيءَ جي تيز اُس ۾ آڻي بيهاريو هو مون کي انهن لفظن ان حقيقت کي قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو تہ مان انهن لفظن کي ائين قبول ڪريان، جيڪا انهن جي درست معنيٰ هئي. هاڻ منهنجي اکين تي پيل غفلت جا پردا ليڙون ليڙون ٿي چڪا هئا. زندگي مون کي هڪ نئين راهہ ڏي ولي آئي هئي. "مان هڪ قابل احترام ۽ غيرتمند عورت ناهيان."

اڳ ۾ مون کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ مون سان ڪيڏنڙ مرد ئي مون کان نفرت ڪندا هئا. هڪ مرد جا چيل جملا تيز چاقوءَ جهڙا مون کي جهير ڏئي ويا هئا. انهن جملن منهنجي زندگيءَ کي بدلائي ڇڏيو. مان انهن

جملن کي دل ۽ دماغ مان نيڪالي نه ڏئي سگهيس. اُهي ڪنهن رائفل جي تيز گولي، جيان منهنجي اندر ۾ گهڙي چڪا هئا ۽ مون کي ڪوڙ اهڙو ڊاڪٽر نه ٿي سجهيو جيڪو انهيءَ گولي، جهڙي جملن کي منهنجي دل ۽ دماغ مان ڪنهن آپريشن ذريعي ٻاهر ڪڍي سگهي ها.

مان انهن جملن ۾ڏاڻ ڪانپوءِ ان رات ڪانپوءِ هڪ نئين عورت بنجي وئي هيس. هڪ مرد منهنجي زندگي بدلائي ڇڏي هئي. ان رات ڪانپوءِ مان ڪا ٻي شيءِ بنجي وئي هيس. مون پنهنجي پيشي ۽ پنهنجي سکن واري زندگيءَ کي پلٽي ڇڏي ڏنو. هاڻ مان وري ڪنهن وٺشيا واري حياتي گذارڻ لاءِ هرگز به تيار نه هئس.. مون کي اها به خبر هئي ته اهو سيڪجهه ڇڏڻ کان پوءِ مون کي هڪ ڀيرو وري بکن، ڏکن، فاقن توڙي ذلت ۽ رسوائيءَ کي منهن ڏيڻو پوندو. پر مون فيصلو ڪري ورتو هو ته مون کي هاڻ هر حال ۾ هن سماج جي اندر عزت دار عورت جو درجو حاصل ڪرڻو آهي. پل ڪٽي ان لاءِ مون کي پنهنجي جان به قربان ڪرڻي پوي پر مون کي قابلِ احترام عورت ٿيڻو آهي.

مون کي انهن لفظن کان پاڻ کي پاڪ ڪرڻو آهي. جن مون کي ذلت ۽ رسوائيءَ حوالي ڪيو هو. بي شرمي، بي عزتي ۽ بي حيائي جهڙيون جيڪي نگاهون مون تي پونديون. هاڻ مون کي پنهنجي جسم کي انهن کان پاڪ ڪرڻو آهي. پاڻ تي لڳل ڪاري ٽڪي کي صاف ڪري ڏوئڻو آهي.

مون وٽ پنهنجي اسڪول جو سرٽيفڪيٽ ٽنگيل رکيل هو مون وٽ ڊليٽ هو مون هاڻ روزاني اخبارن ۾ نوڪرين جا اشتهار ڏسڻ شروع ڪيا. هاڻ مون وٽ ايترو تجربو هو جو مان پاڻ ڏانهن گهورينڊڙ مردن جي اکين ۾ فرق ڪري ويندي هيس ته انهن ۾ ڪهڙي حوس آهي، ڪو مرد مون کي ڇو ۽ ڇالاءِ گهوري رهيو آهي ۽ مرد جي بدنگاهن جو جواب به مون کي ڏيڻ اچي ويو هو.

اخبار ۾ جيڪو به مون کي پنهنجي تعليمي صلاحيت مطابق ٺيڪ لڳندو هو مان يڪدم وڃي اُتي درخواست ڏئي ايندي هيس.

نيٽ نوڪريءَ جي ڳولا لاءِ ڪيل منهنجيون ڪوششون سڦل ٿيون ۽ مون کي هڪ ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ملي وئي.

مون کي آفيس سيڪريٽري طور رکيو ويو. منهنجي ننڍڙي ڪمري سان گڏ ئي چيئرمين صاحب جي شاندار آفيس جو ڪمرو هو. چيئرمين صاحب جو ڪمرو ڪشادو ۽ وسيع هو. ان جي در جي باهران هڪ ڳاڙهي ۽ هڪ سائي رنگ جو بلب به لڳل هو ڳاڙهو بلب مطلب صاحب مصروف هو ۽ سائو بلب مطلب صاحب سان ملي سگهجي ٿو. جڏهن به صاحب گهنٽي وڄائيندو هو ته مان اندر هلي ويندي هيس يا وري پٽيوالو جڏهن به در کولي اندر ويندو هو ته جهاتي پائڻ سان مان ڏسندي هيس ته هڪ وڏي ميز پٽيان ڪرسيءَ تي بندرو ۽ گنجو صاحب ويٺل نظر ايندو هو.

هو پنجاهه سالن جو هو هر وقت سگريٽ جي دونهين ۾ هُن جو چهرو ڍڪل نظر ايندو هو. هن جا ڪجهه ڏند پڳل هئا ۽ بچيل ڏند سگريٽن سبب ڪارا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هو مون کي اندر سڏ ڪندو هو سگريٽ چپن ۾ ڦاسائي تيلي هٽي وات مان دونهون ڪڍندي چوندو هو اڄ ڪير به اچي ته ان کي چئجانءِ مان آفيس ۾ موجود ناهيان. سواءِ ڪجهه اهم ماڻهن جي ۽ ان کان اڳ جو مان هن کان سوال ڪيان ته اُهي اهم ماڻهو ڪهڙا آهن. هو فائلن جي ڪاغذن ۾ گم ٿي ويندو هو ۽ سندس چهرو سگريٽ جي دونهين ۾ ڍڪجي ويندو هو جڏهن به مون کي آفيس مان موڪل ملندي هئي مان پرس کڻي پنهنجي رهائش گاهه ڏانهن ويندي هيس. ٽورڙي پگهار سبب مان فليٽ ڇڏي چڪي هيم. هاڻ هڪ اونداهي گهٽيءَ ۾ هڪ ڪمرو مسواڙ تي ورتو هئم. اهو ڪمرو هڪ ڀڏڙي عورت جي گهر جو هو. ان گهر ۾ واش روم به ڪونه هو. اها پوڙهي عورت صبح جو پنجين وڳي نماز تي اٿندي هئي ته مون کي به اٿارينديهئي. منهنجي آفيس وڃڻ جو ٽائيم صبح جا اٺ هئا پر صبح جو سوير کان پبلڪ واش روم تي مردن ۽ عورتن جي ڊگهي قطار لڳندي هئي. هر ڪو پنهنجو نمبر اڳ ۾

وٽ خاطر قطار ۾ سوير اچي بيهندو هو. منهنجي پگهار گهٽ هئي ڪاڏي ۽ ڪپڙن جي ضرورت کان پوءِ مون وٽ ايترا پئسا ڪونہ هئا جو مان ڪنهن چگي جاءِ تي ڪو فليٽ مسواڙ تي وٺي سگهان. بس اسٽاپ تي پهچڻ لاءِ مون کي ڪيترين ئي سنهڙين ورن وڪڙن واريون گهٽيون اُکرٽيون پونديون هيون.

بسن ۾ ٻه صبح جي ٽائيم وڏي رش هوندي هئي. مرد عورتون هڪبئي کي ڌڪا ڏيندي بسن ۾ چڙهندا هئا.

بس جي اندر موجود ماڻهن جا جسم هڪبئي سان ائين مليل هوندا هئا جڻ ڪنهن رسي سان جڪريل هجن. ائين لڳندو هو جڻ سموري بس ۾ هڪ ئي وجود هجي.

جنهن ڪمپنيءَ ۾ مان ڪم ڪندي هيس اُن جا ٻه گيٽ هئا هڪ گيٽ ڪمپنيءَ جي اعليٰ آفيسرن ۽ مالڪن لاءِ هوندو هو ۽ هڪ دروازو عام مزدورن لاءِ هوندو هو. وي آئي پي گيٽ تي هڪ چوڪيدار بيٺل هوندو هو. مزدورن واري گيٽ تي هڪ ڪونڙيءَ ۾ هڪ ڪلارڪ جي سامهون هڪ رجسٽر هوندو هو ۽ گيٽ کان اندر داخل ٿيندڙ ملازمان تي آگوٺو يا صحيح ڪندو هو. رجسٽر تي ويٺل اُهو بابو نما ڪلارڪ منهنجي اندر داخل ٿيڻ تي منهنجي نالي وارو صفحو کولي آگر رکي منهنجي نالي جي نشاندهي ڪندو هو ۽ مان حاضري رجسٽر تي پنهنجي صحيح ڪري اڳتي وڌي ويندي هيس.

اهو ڪلارڪ هڪ هڪ منٽ جو حساب رکندو هو تہ ڪير ڪيڏي مهل آيو ۽ ڪيڏي مهل ويو. موڪل وقت ٻہ هر مزدور کي ساڳي رجسٽر تي داخلا رکائڻي پوندي هئي.

هڪ پيري فيڪٽري اچڻ لاءِ پنهنجي بس جي مقرر اسٽاپ تي بيٺي هيس. رش تمام گهڻي هئي. منهنجي روٽ جي بس آئي ماڻهن جي ڌڪن ٽاڻن سبب مان بس ۾ سوارنہ ٿي سگهيس. بي وسيءَ مان ويندڙ بس کي ڏسي رهي هيس تہ منهنجي نظر روڊ تي پئي جتان منهنجي فيڪٽريءَ جو هڪ آفيسر پنهنجي ڪار مان اُتان گذري

رهيو هو. پهرئين ته هن مون کي ڏسي ائين نظرانداز ڪيو جيئن ڪو آفيسر پاڻ کان گهٽ عهدي جي عملي کي ڏسي ڪندو آهي. پر وري خبر ناهي ته ڇو هو اڳتي وڃي وري ڪار ريسورس ڪري آيو ۽ منهنجي ڇهري کي ڏسندي ڇيائين.

"مان توکي لفٽ ڏئي سگهان ٿو."

مون هن جي اکين ۾ ڏٺو مون کي هن جي اکين ۾ اهو نظر آيو ته جڻ مان هڪ مجبور غريب محنت ڪش چوڪري آهيان.

هو مون سان همدردي ڪرڻ آيو آهي. مان هن لاءِ قابل احترام ان ڪري نه هيس جو مان هن جي فيڪٽريءَ ۾ هڪ ننڍڙي ورڪر آهيان ۽ هڪ هڪ بس جي پٺيان ڊوڙي رهي هيس.

مان سمجهي ويس ته هو مون کي هڪ مجبور ملازم مڃڻ کان وڌيڪ منهنجي عورتاڻي وجود سبب مون کي اهميت ڏئي رهيو آهي. جيئن هر مرد ڪنهن به مجبور عورت کي سهارو ڏيڻ پنهنجو مرداڻو حق سمجهندو آهي ۽ پوءِ وري انهيءَ مجبور عورت مان وري پنهنجي مردانگيءَ کي لذت ۽ سُرور به ڏيڻ چاهيندو آهي. شايد هو مون کي لفٽ ڏيڻ کانپوءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ فيڪٽريءَ جي ٻين ملازمن جي ٻيٽ ۾ فوقيت به ڏيڻ شروع ڪري ۽ اهڙيون ٻيون به ڪوڙ ساريون ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون.

مون هن جي ڳالهه تي ايڏا ڪوبه ڌيان نه ڏنو هو ۽ پنهنجي خيالن ۾ هڏل هيس هن کي شڪ پيو ته شايدمون سندس ڳالهه ناهي ٻڌي هن ٻيهر چيو ته:

"مان توکي لفٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ڪيڏانهن ويندين؟"

مون هن جي اکين ۾ ڏسندي چيو.

"منهنجي جسم جي قيمت ان کان وڌيڪ آهي جيڪا مون سان تعلق ڳنڍيڻ کانپوءِ ڪجهه رپين جي صورت ۾ تون منهنجي پگهار ۾ واڌاري طور مون کي ڏيندين؟"

منهنجي اهڙي جواب تي هن جا دوڏا ڦاٽي ويا. هو حيران هو تہ مون سندس خيال کيئن پڙهي ورتا هئا. پوءِ هو مون کي ڏسندي ڏسندي منهنجي اکين اڳيان گم ٿي ويو. منهنجو جواب ٻڌي هن پنهنجي کار جي ايڪسيليٽر تي پير جو دٻاءُ وڌائي ڇڏيو هو ۽ يڪدم گم ٿي ويو هو.

اهڙي طرح مون ٽي سال انهيءَ ڪمپنيءَ جي نوڪريءَ ۾ گذاري چڏيا. پر انهيءَ نوڪريءَ دوران مون هڪ ڳالهه سمجهي ورتي ته هڪ رنڊيءَ جي حيثيت ۾ سماج اندر منهنجو قدر ۽ عزت وڌيڪ ئي هئي، بنسبت انهيءَ ڪمپني ۾ هڪ ملازم عورت جي. جڏهن مان وئشيائن وارو ڪم ڪندي هيس ته انهيءَ شهر۾ مان هڪ سٺي گهر ۾ رهندي هُيس ۽ سٺا ڪپڑا پائيندي هيس. اعليٰ ريسٽورينٽ ۾ ڪاڏو ڪائيندي هيس، پرائيويٽ ٽيڪسين ۾ سفر ڪندي هيس. اڃڪلهه جيان بسن ۾ سفر ڪندي مردن جا جسم منهنجي جسم کي نه ڇهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته بسن مان لهندي يا چڙهندي مردن جا جنسي عضوا به مون کي ڇُهي ويندا هئا. ماضيءَ ۾ منهنجي جسم جي اهميت ايترو گهٽ ڪانه هئي، جو نوڪريءَ کي پڪو رکڻ لاءِ يا پگهار ۾ ٿورڙي اضافي لاءِ مون کي ڪمپنيءَجي ڪنهن ڊائريڪٽر يا چيئرمين وٽ پنهنجو جسم وڪڻڻو پوي. ڪمپني ۾ ملازم هر عورت ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پنهنجو جسم ايترڙي ٿورڙي قيمت تي وڪرو ڪري رهي هئي، هر هڪ چوڪريءَ کي ضرور بالا آفيسرن جا مطالبا مڃڻا پوندا هئا. گذريل ٽن سالن دوران ڪمپنيءَ جي ڪنهن ڊائريڪٽر يا چيئرمين کي اها جرئت ڪانه ٿي هئي ته اُهي مون کان ڪو پنهنجو ناجائز مطالبو مڃرائي سگهن. مان هاڻ پنهنجي جسم جي قيمت ڄاڻي وئي هيس، سو ڪنهن کي به ٿورڙي قيمت تي پنهنجو جسم حوالي ڪرڻ لاءِ تيار نه هيس. مون کي ڪمپنيءَ جي غريب چوڪرين تي رحم ايندو هو. اهي پنهنجي بهتر سالياني ڪارڪردگي

لکرائڻ لاءِ به پنهنجو جسم آفيسرن حوالي ڪري ڇڏيندڙ هيون. مون چاٽي ورتو هو ته سماج ۾ هڪ محنت ڪري ڪمائيندڙ عورت جي پيٽ ۾ هڪ وئشيا جي وڌيڪ عزت هئي. نوڪري پيشا عورت کي هر وقت پنهنجي نوڪري کسجڻ جو ڊپ رهندو آهي. هر ملازم عورت اهو سوچيندي آهي ته جيڪڏهن هُن کان نوڪري کسجي وئي ته هن کي مجبورن وئشيا بنجڻو پوندو جنهن ڪري هوءَ ٿورڙي قيمت تي به پنهنجو جسم وڪرو ڪري ڇڏيندي آهي.

مان انهيءَ نتيجي تي پهتي هيس ته اسان عورتون بس پنهنجو جسم وڪرو ڪيون ٿيون. پوءِ نوڪري پيشا هجون يا شادي ڪري مڙسن سان ڪمپرومائيز ڪري هار ڇٽيندڙيون هجون يا وئشيا بنجي پاڻ کي وڪرو ڪيون. پر هر عورت جسم کي وڪرو ڪري ٿي. هر ڪنهن جي قيمت ڏار ڏار آهي. پر سيني مان وڌيڪ پنهنجي جسم جو قدر ڪندڙ ڪسبياڻي عورت هوندي آهي. جيڪا گهٽ قيمت تي جسم وڪرو ڪندڙ عورت کان بهتر هوندي آهي. مون اهو سوچي ورتو هو ته جيڪڏهن مون کي ڪمپني جي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو ته مون کي فرق نه پوندو. پر مان بسن ۾ سفر ڪرڻ. گهٽ پگهار سبب بالا آفيسرن جي حقارت ۽ نفرت پريل نگاهن کان نجات حاصل ڪري ويندس. روزانو صبح سوير پيٽ خالي ڪرڻ لاءِ عوامي واش رومن اڳيان قطار ۾ بيهڻ. مردن جي ڏکن. ٽاپن جهلڻ ۽ هين کوڙ سارن عذابن کان منهنجي جان ڇُٽي پوندي. مون وٽ وڃائڻ لاءِ ڇا هو؟ منهنجي غربت. افلاس ۽ رسوائي. بس!

منهنجي هاڻ اها خواهش هئي ته پل مون کان نوڪري کسجي وڃي. اها منهنجي بي ڊپائي ئي هئي جو ڪمپنيءَ جي آفيسرن جو مون ڏانهن رويو نرمي ۽ اطمينان وارو هوندو هو. مون ڪڏهن به ڪنهن آفيسر جي خوشامد يا چمچا گيري نه ڪئي هئي. جنهن ڪري اها ڳالهه ڪمپنيءَ ۾ مشهور ٿي وئي هئي ته مان هڪ عزت دار سنجيده ۽ باوقار عورت آهيان. اها ڳالهه به اُتي مشهور هئي ته اڄ

تائين ڪوبہ آفيسر يا ڊائريڪٽر مرد ملازم منهنجي عورتاڻي غرور ۽ هٺ کي ٽوڙي ناهي سگهيو. مون ڪڏهن بہ ڪنهن آفيسر سان نظرون هيٺ ڪري يا نرم لهجي ۾ نہ ڳالهايو هو. ڪمپنيءَ جي ڪوڙ سارين ملازم عورتن سان منهنجي ڪچهري ٿيندي رهندي هئي. ڪمپنيءَ ۾ ملازم عورتن جي پيٽ ۾ منهنجو مسواڙي ورتل ڪمرو شهر جي صاف ستري علائقي ۾ هو. جيئن تہ ڪمپنيءَ جي عمارت جي حد اندر هڪ ننڍڙو باغيچو بہ هوندو هو. ملازمت تان موڪل ملڻ ڪانپوءِ مان ڪجهہ دير باغيچي ۾ وڃي ويهندي هيس. اُتي ڪجهہ دير آرام ڪرڻ ڪانپوءِ گهر لاءِ نڪرندي هيس. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو تہ شام لڙي ويندي هئي ۽ سانجهيءَ جي هلڪي اونداهي ۾ پکيڙ لڳندي هئي. منهنجي گهر پٽيان هڪ بدبودار غليظ بازار هئي، جيڪا اُڪري مان ڪمري تي پهچندي هيس.

هڪ رات مان باغيچي ۾ دير تائين ويٺل هيس. اوچتو هڪ همراهہ جي نظر مون تي پئجي وئي. اهو ماڻهو مون کان ٿورو پريرو ويٺو هو. هُو خوفزده ٿي ويو ۽ رڙ ڪري چيائين "ڪير آهين تون ۽ هن اوندهہ ۾ اُتي چا پئي ڪرين؟"

۽ جڏهن اُهو ماڻهو منهنجي ويجهو آيو تہ هن مون کي سچاڻي ورتو پر ان ڳالهہ تي حيران ۽ پريشان هو تہ مان اُتي چا پئي ڪريان. منهنجي سچاڻپ ڪمپنيءَ ۾ هڪ ستي ملازمہ طور هئي ۽ ستي ملازم جو اهو ڪم آهي تہ اُهو موڪل ملڻ ڪانپوءِ فوري طور تي گهر هليو وڃي. مون هن کي ٻڌايو تہ مان اڄ ڏاڍي ٽڪل آهيان، سو ڪجهہ دير هتي ويهي ساهي کڻڻ پي چاهيم. اهو همراهہ بہ منهنجي پرسان اچي ويهي رهيو. بندري قد جو جاڻي بدن وارو انسان هو. هن جون اکيون ڪاريون ۽ گول هيون، هن جو نالو ابراهيم هو. هن جون اکيون اوندهہ ۾ بہ چمڪي رهيون هيون. مون کان هن جي اکين ۾ تيز گهور برداشت نہ ٿي سگهي. ائين لڳو جڻ اهي تيز نظرون منهنجي سيني اندر گهڙي دل کي چيري رهيون هجن. مون نظرن جي تيز گهور کان

بچڻ لاءِ ٻئي هٿ اکين تي رکيا. ته ابراهيم منهجا ٻئي هٿ پکڑي چوڻ لڳو "فردوس، مان توکي درخواست ٿو ڪريان روءِ نا"

مون چيو "ڇڏ مون کي اڄ مون کي روئڻ ڏي، منهنجي دل تمام گهڻو پريل آهي."

"پر مون توکي اڳ ڪڏهن به روئيندي ناهي ڏٺو. آخر اڄ کهڙي ڳالهه ٿي آهي؟"

ڪجهه به نه... بس دل روئڻ تي ٿي چوي" مون چيو.

"نه ضرور ڪا ته ڳالهه ٿي آهي، نه ته ائين پلا ڪير روئندو آهي؟"

"ڪوبه سبب ناهي." مون چيو.

هن حيرت جو اظهار ڪندي چيو "بي سبب پلا ڪير روئندو آهي؟"

"مون کي پاڻ اها خبر ناهي ته مان چو پئي روڻان، منهنجي زندگيءَ ۾ ڪو اهڙو ڏکارو واقعو اڄ ته ناهي ٿيو."

مون ڏٺو هن جي ڪارين اکين جي چمڪ گم ٿي وئي هئي. هن خاموشي اختيار ڪري ورتي هئي. ائين لڳو جڻ هن جي اندر ۾ به ڪو ڏک ٻرجي آيو هجي. پوءِ مون ڏٺو ته انهن ڪارين اکين جا ڪنارا آلا ٿيڻ لڳا ۽ پوءِ انهن اکين جي ڪنارن کان لڙڪن جا نيسارا شروع ٿي ويا. پوءِ هن به مون وانگر پنهنجو چهرو ٻنهي هٿن جي پيالي ۾ لڪائي ڇڏيو. وري هن هڪ هٿ سان رومال ڪيسي مان ڪڍيو ۽ نڪ مان وهندڙ پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ لڳو.

"تون چو پيو روئين... ابراهيم؟" مون هن کان سوال ڪيو.

"نه... فردوس... اهڙي ڳالهه ڪانهي" پوءِ هن يڪدم اکيون صاف ڪيون ۽ منهن تي مرڪ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

هاڻ اسان جي آس پاس مڪمل اونداهي ڇانئجي چڪي هئي. آسمان تي نه چنڊ هو نه تارا ٿي نظر آيا. هر پاسي عجيب مانڌار ڇانيل هئي. اسان جي چوڌاري اونداهه جا دائرا هئا، پر انهيءَ اونداهه ۾ به هن جي اکين جا تارا چمڪي رهيا هئا ۽ هن جي گهور مون کي

پنهنجي اندر ۾ لهندي محسوس ٿي رهي هئي. مان هڪ عجيب جهان ۾ هيس انداهه. ۾ اکيون، چنڊ نه ستارا، آسمان تي ۾ ڪا روشني ڪانه هئي.

پوءِ مون ۾ هن جي نظرن سان پنهنجون نظرون ملايون ۽ پنهنجو هٿ وڌائي هن جي هڪ هٿ کي مضبوطيءَ سان جهليم. هڪدئي جي هٿن ۾ هٿ ڏيڻ جو احساس ۾ عجيب هو. منهنجي جسم ۾ هڪ اڻ ڄاتل خوشيءَ جي لهر دوڙڻ لڳي. ان خوشي ۽ سُرور جو احساس مون زندگيءَ ۾ اڳ ۾ ڪڏهن ۾ محسوس نه ڪيو هو. جنم ڏينهن ڪان وٺي اڄ تائين مون ڪڏهن ۾ اهو احساس محسوس نه ڪيو هو. وقت گذرڻ سان گڏ اهو احساس ايڏا ۾ وڌي رهيو هو. ائين پي لڳو جڏ ان احساس کي مان اڳ ۾ سڃاڻيندي هيس. ها بس زندگيءَ جي هڙ هٽان ۾ مون کان اهو سڪ ۽ اها خوشي ڪٽي پٽي رهجي وئي هئي.

اوچتو وري مون کي ڪا پراڻي ڳالهه ياد آئي. مون ابراهيم کي ڪجهه چوڻ چاهيو. پر لفظن منهنجو ساٿ نه ڏنو. لفظ مون کان رسي ويا هئا. اڻ ڄاتل خوف منهنجي خوشيءَ تي حاوي ٿيڻ لڳو. منهنجا احساس سرور، خوشي ۽ خوف جي وچ ۾ ڦاسي پيا هئا. منهنجي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي وئي هئي. مون کي ائين لڳو جڏ تمام جلد مون کان منهنجي ڪا قيمتي شيءِ ڦرجي ويندي. منهنجي آڱرين ۾ سختي اچي وئي. هاڻ مون ابراهيم جي هٿ کي وڌيڪ مضبوطيءَ سان پنهنجي گرفت ۾ ورتو. هاڻ شايد دنيا جي ڪا به طاقت مون کان هن جو هٿ آزاد نه ڪرائي سگهي.

انهيءَ رات ڪانپوءِ وري اسان رڳو هڪ ٻيرو آمهون سامهون ٿيا هئاسين. مان هن کي ڪجهه چوڻ چاهيان پئي پر هن جي سامهون اينديئي لفظ مون کان نه اُڪلندا هئا. منهنجي دل خوف سبب تيز ڌڙڪڻ لڳندي هئي. عجيب احساس هوندا هئا. خوشي ۽ خوف گڏ گڏ هوندا هئا. جڏهن ۾ هو مون اڳيان گذرندو هو دل چوندي هئي پنهنجيون ٻانهون کولي هن کي ڀاڪر ۾ پري وٺان. پر ائين ڪرڻ

کان قاصر هيس ۽ هو منهنجي اڳيان هلندو هلندو ڪمپنيءَ جي حدن کان ٻاهر هليو ويندو هو ۽ هو مون کي هاڻ ائين ئي عام انداز ۾ ڏسندو هو جيئن ڪمپنيءَ جي ٻين ملازمن کي ڏسندو هو. پوءِ هڪ ڏينهن مون هن کي مزدورن جي هڪ وڏي ميڙ کي خطاب ڪندي ڏٺو. هو پنهنجي تقرير ۾ اهو چئي رهيو هو ته اُهي سهولتون ۽ پگهارون جيڪي ڪمپنيءَ جي انتظامي عملي کي ملن ٿيون، سي پورهيتن کي ملندڙ معاوضي کان تمام گهٽيون آهن. انتظاميا ۽ مزدورن جي معاوضن جي وچ ۾ وڏيل فرق کي ختم ڪرڻو پوندو. مزدور ڪارخانو هلائين ٿا. پورهيتن کي سندن حق ملڻ گهرجن. هن جي اهڙي مطالبي تي مون سميت سمورن مزدورن کيس زبردست خراج تحسين پيش ڪيو. ان کان پوءِ اسان ڪمپنيءَ جي گيٽ تي ڪافي دير تائين ڏرڻو هڻي ويناسين. هر هڪ مزدور هن سان هٿ ملائي سندس هٿ پيار مان چُمي رهيو هو. جڏهن منهنجو وارو آيو ته مان به هن جا هٿ پنهنجي هٿ ۾ پکڙي هن جي اکين سان اکيون ملائي ڪافي دير تائين بيٺي رهيس ۽ ان کان پوءِ جڏهن مان آفيس ۾ آيس ته بي خياليءَ ۾ هن جو نالو پنهنجي ميز تي لکندي رهيس "ابراهيم... ابراهيم پنهنجي هٿ جي تريءَ تي هن جو نالو لکندي رهيس. منهنجي دوست ۽ مون سان گڏ ڪم ڪندڙ فائبا ابراهيم ڏانهن منهنجي چاهه کي سمجهي وئي هئي. هن آهستي اچي منهنجي ڪن ۾ چيو

"هيءَ توکي چا ٿي ويو آهي، فردوس؟"

"چا ابراهيم ... ابراهيم به مون کي ياد ڪندو هوندو؟" مان فائبا کان پڇندي رهيس "تون خوابن جي جهان ۾ ٿي رهين فردوس!" فائبا چيو.

منهنجي دل چيو ته ان هڪ رات واري ملاقات جو ذڪر تفصيل سان فائبا کي ٻڌايان پر لفظن ساٿ نه ڏنو. مان سوچڻ لڳيس شايد ابراهيم سڀ ڪجهه وساري چڏيو هو يا هو ڄاڻي واڻي مون کي

نظرانداز ڪري رهيو هو. مان پنهنجيون اکيون هوٽي ڇڏيندي هيس ۽ ڪوشش ڪندي هيس ته ان رات واري منظر کي آهستي آهستي پنهنجي ذهن ۾ ورجايان ۽ گول ڪاريون اکيون، مان انهن اکين جي گول دائرن ۾ گم ٿيندي ويس. انهن اکين سامهون دنيا جا سمورا منظر گم ٿي ويندا هئا. هر شيءِ مبهم ۽ ڏندلي ٿي ويندي هئي. وري پوءِ مون لاءِ ماڻهن جي مهانڊن ۾ فرق ڪرڻ ۽ وسري ويندو هو. منهنجا ماءُ پيءُ دفعيہ فائبا، مس اقبال يا ابراهيم انهن جي صورتن ۾ فرق ڪرڻ مون لاءِ مشڪل بنجي ويو هو. مون هوٽيل اکيون يڪدم کولي ڇڏيون. سج جي روشني اکين ۾ چيڙ لڳي. فائبا جو چهرو مون کي واضح نظر اچڻ لڳو. فائبا وري مون کان پڇيو.

"ڇا تون ابراهيم سان محبت ڪرڻ لڳي آهين؟"

"نہ هرگز نہ."

"ته پوءِ جڏهن ۽ مان ان جو ذڪر ٿي ڪيان ته پوءِ توتي ڏڪٽي چوٽي ڇانئجي وڃي."

"نہ نہ اهڙي ڳالهہ ڪانهي، تون ته اجايو ڳالهہ کي وڌائين پئي، فائبا!" پوءِ وري منهنجي ڪنن تي فائبا جو آواز پيو ته "ابراهيم هڪ نيڪ ماڻهو آهي، خوش مزاج ۽ انقلابي انسان آهي."

"ها، مان اهو ۽ ڄاڻان ٿي ته مان هڪ عام چوڪري آهيان ۽ ڪمپنيءَ جي ننڍڙي ملازم عورت."

اهڙي طرح ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ڪمپنيءَ ۾ هڪ انقلابي ڪاميٽي جوڙي وئي ۽ ابراهيم کي ان جو صدر مقرر ڪيو ويو. مان انهيءَ انقلابي ٽوليءَ جي هڪ سرگرم ڪارڪن بنجي ويس. ڏينهن رات انقلابي ڪم ڪرڻ لڳيس. اهو هڪ رضاڪارانہ ڪم هو. مون انقلابي ڪم سبب نوڪريءَ جي ۽ پرواهہ ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي. هاڻ مون کي عام ماڻهن کان نفرت نہ ٿيندي هئي. بسن ۾ مردن جي ڇهندڙ جسم کان ۽ بُڇان نہ ايندي هئي. صبح جو عوامي واش روم اڳيان قطار ۾ بيهندي شرم ۽ محسوس نہ ٿيندو هو. اجاين سوچن کان ۽ مون

جان ڇڏائي ورتي هئي. هاڻ منهنجي سوچ ۾ عام ماڻهن جهڙي ٿي وئي هئي.

هڪ ڏينهن وري ابراهيم مون سان مليو ان ڏينهن مان هڪ بس جي پٽيان ڊوڙي رهي هيس. هن پنهنجي ننڍڙي ڪار کي روڪيو ۽ مون کي سڏ ڪيائين.

مان هن جي پرسان اڳيان ڊرائيور جي پرسان واري فرنٽ سيٽ تي ويهي رهيس. ڪجهه دير گاڏي هلائڻ کانپوءِ هن گالهائڻ شروع ڪيو.

"مان توکان تمام گهڻو متاثر آهيان، فردوس! جيڪڏهن تو جهڙو جذبو سچائي ۽ پڪوا رادو رکندڙ پنج ساٿي ۽ مون کي فيڪٽريءَ جي اندر ملي وڃن ته اسان سموري دنيا ۾ انقلاب آڻي سگهون ٿا."

مان هن جي گالهين جي جواب ۾ ڪجهه ۽ نه چئي سگهيس. منهنجي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي وئي هئي، منهنجا ساهه تڪڙا ڪڇي رهيا هئا. مون پنهنجي اندر جي ڪيفيت هن کان لڪائڻ چاهي پئي. مون ڪوشش ڪئي ته چهري تي تاثراتن ۽ جسم جي حرڪتن کي ڪنٽرول ۾ رکي سگهان پر ائين ٿي نه سگهيو.

هو منهنجي بي چيني ۽ گهبراهٽ کي سمجهي ويو هو. هن مون ڏانهن مرڪندي ڏٺو ۽ چيائين:

"تون سڏو گهر وڃڻ چاهيندينءَ يا ڪجهه دير مون سان گڏ هڄ، اوڏانهن هلون جتي تنهنجي دل چوي."

هن جي انهيءَ سوال مون کي حيران ڪري ڇڏيو.

مون سادگيءَ سان جواب ڏنو ته:

"في الحال مون کي گهر وڃڻ جي تڪڙ ڪانهي."

وري مون کي احساس ٿيو ته شايد مون کي ائين چوڻ نه گهرجي ها. سو وري يڪدم چيم ته:

"توهان به ته ٽڪجي پيا هوندؤ سڄو ڏينهن محنت ٿا ڪيو. بهتر اهو آهي ته توهان گهر هليا وڃو. متان توهان کي آرام جي ضرورت هجي."

"ها، پر توسان ڪجهه پل گڏ گهارڻ سان متان مون کي ڪو سکون ۽ آرام ملي، مان به تڪڙو گهر وڃڻ نه ٿو چاهيان." ابراهيم جواب ڏنو.

پوءِ هن پنهنجو هڪ هٿ منهنجي هٿ مٿان رکيو. هن جي هٿ جي ڇهاءُ سان منهنجو سمورو جسم ڏڪڻ لڳو. ايستائين جو منهنجي جسم جا وار به اُڀا ٿيڻ شروع ٿي ويا.

پوءِ هن سُرهاٽ ڪندي چيو "فردوس! توکي ياد آهي ته پنهنجي پهرئين ملاقات ڪيئن ٿي هئي؟"

"ها" مون چيو.

"ان ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين مان تنهنجي يادن ۾ گم ٿي توبابت سوچيندو رهيو آهيان."

"۽ مان به تو بابت ئي سوچيندي رهي آهيان. مون چيو "مون تنهنجي چاهت کي اندر ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ائين نه ڪري سگهي آهيان."

"مان به ته عجيب چڪتاڻ جو شڪار رهيو آهيان." ابراهيم چيو.

ان ڏينهن اسان هڪٻئي سان سموريون دل جون ڳالهيون ڪري چڏيون ... مون هن کي پاڻ بابت سيڪجهه ٻڌائي چڏيو. نندپڻ کان وٺي جوانيءَ تائين جيڪو ڪجهه مون سان وهيو واپريو هو مون هن کي ٻڌائي چڏيو. هن به مون کي پنهنجي نندپڻ جون ڳالهيون ٻڌايون ۽ پوءِ مستقبل بابت پنهنجي خوابن جو قصو شروع ڪيائين. ٻئي ڏينهن تي اسان وري پاڻ ۾ مليا سين ۽ دل کولي ڪچهري ڪئيسين. مون هن کي پنهنجي زندگيءَ جون اُهي ڳالهيون به ٻڌائي چڏيون جيڪي لوڪ کان لڪائي رکيون هيم.

ٽئين ڏينهن تي هو پنهنجي نندڙي گهر وٺي آيو. مون اُها رات هن جي گهر ۾ گذاري. اسان کوڙ دير تائين رات جو ڳالهيون ڪندا رهياسين ۽ جڏهن ڳالهائڻ لاءِ لفظ کٽي ويا ته پوءِ پاڪرن ۽ چُمين سان هن ڳالهائڻ شروع ڪيو. مون کي ائين لڳو ته جڻ سموري

ڪائنات منهنجي جهوليءَ ۾ ويڙهجي وئي هجي. مون پاڻ کي تيز روشنين ۾ وهنجندي محسوس ڪيو. هاڻ دنيا مون لاءِ وڌيڪ حسين ٿي وئي هئي. هڪ نئون احساس ۽ نئين چمڪ مون کي پنهنجي اندر ۾ محسوس ٿيڻ لڳي. جڏهن صبح جو مون پنهنجو پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏٺو تہ اکين ۾ مون کي عجيب روشني نظر آئي. جسم ۾ هلڪو محسوس ٿي رهيو هو. هاڻ مان سچو سچو ڏينهن محنت ڪندي هيس، پر ٿڪاوٽ اصل ۾ محسوس ڪانہ ٿيندي هئي نہ ئي کو مون کي گهٽي ننڊ يا آرام ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي.

هڪ ڏينهن هڪ پورهيت ساٿي عورت مون ڏانهن ڏٺو ۽ خوشيءَ مان چيائين: "هيءُ توکي چا پيو ٿئي فردوس!"

مون حيران ٿيندي هن کان سوال ڪيو تہ "چا پيو ٿئي؟"

"تنهنجو چهرو هاڻ اڳ جهڙو ناهي رهيو."

"چا مطلب" مون چيو.

"ائين ٿو لڳي جڙ تہ تنهنجي چهري تي بهار جا رنگ ۽ ڪا نئين روشني چمڪي رهي هجي."

"ها، ان ڪري جو مان هاڻ ڪنهن سان محبت ڪرڻ لڳي آهيان ۽ اُهي سڀ محبت جا رنگ آهن."

"محبت؟" هُن حيران ٿيندي چيو.

مون چيو "ها، محبت، هڪ مرد جي محبت."

"چري عورت" هن حيران ٿيندي چيو.

"تون اڃا اهو مڃين ٿي تہ مرد عورت سان سچي محبت ڪندو آهي؟"

"محبت شيءِ اهڙي آهي جيڪا انسان کي تبديل ڪري ڇڏيندي آهي." مون چيو. "محبت ڪرڻ سان ئي خبر پوي ٿي تہ هيءَ دنيا ڪيتري نہ خوبصورت ۽ حسين آهي."

هن وري جڏهن مون سان ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ هن جي آواز ۾ تلخي ۽ درد گڏ وڇڙ ٿيل هئا. هن چيو تہ:

"تون شايد وري ڪنهن فريب ۽ دوکي جو شڪار ٿي رهي آهين، فردوس! ايڏا تون ان ڳالهه تي يقين رکين ٿي ته "محبت" جهڙو خوبصورت ۽ حسين لفظ اسان جهڙين محنت ڪش ۽ پورهيت عورتن جي لاءِ وجود ۾ آيو آهي؟"

"سچ ته هُو هڪ انقلابي آهي." مون چيو "۽ هو اسان جهڙن پورهيت ماڻهن سان محبت جي ڪري ئي مسلسل جدوجهد ڪري رهيو آهي. سماج ۾ انقلاب آڻڻ جو خواهشمند آهي. هو اسان جي زندگيءَ ۾ آسائشون ۽ سهولتون آڻڻ جو خواهشمند آهي."

"توتي ته مون کي سچ پچ روئڻ ٿو اچي." ان عورت چيو "ڇا تون اهو سمجهين ٿي ته انقلابي اڳواڻ جلسن، جلوسن ۾ جيڪي تقريرون ڪندا آهن، سچ ۾ عملي زندگيءَ ۾ ان تي عمل ڪندا آهن، اهو ته بس هڪ فريب آهي."

"مان ڪر، مان ڪر. وڌيڪ ڪاڍه غلط ڳالهه نه ڇڪجانءِ نه ته سنو نه ٿيندئي." مان هن سان ڪاوڙجي پيس.

"فردوس! تو پنهنجي اکين تي محبت جو ڪارو چشمو پاتو آهي. جنهنڪري حقيقت ڏسڻ کان غافل آهين." ايترو چئي هوءَ هلي وئي.

هڪ ڏينهن صبح جو سويري مان فيڪٽريءَ ۾ داخل ٿيس سج جي روشني مون مٿان چمڪي رهي هئي. مان ابراهيم جي راهه نهاري رهي هيس. اوچتو منهنجي اکين ابراهيم کي ڏسي ورتو. هو فيڪٽريءَ جي ڪليل آڏر تان گذرندو پنهنجي ڊيوٽيءَ واري هنڌ وڃي رهيو هو. مون کي هن جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ محسوس ٿي رهي هئي.

مون کي هن جي اکين ۾ اڄ الائي ڇو اجنبيت ٿي نظر آئي. مان هن سان ملڻ لاءِ سندس پٺيان ڊوڙندي ويس. پر مون کان اڳ ۾ ئي مزدورن جي هڪ ٽولي هن کي گهيري ورتو هو. پورهيت، مرد، عورتون هن کي پاڪر پائي ملي رهيا هئا ۽ ڪيس مبارڪباد ڏئي رهيا هئا. هو

ماڻهن جي انهيءَ ميڙاڪي سبب مون کي نه ڏسي سگهيو هو. پر ماڻهن جي ميڙاڪي ۾ هلندڙ ڪجهه جملن مون کي سڪرات ۾ آڻي ڇڏيو هو ۽ مون کي ائين لڳو ته جڏ ڪنهن گرم شيهو منهنجي ڪنن ۾ اوتي ڇڏيو هجي.

"ڪالهه ئي ته ابراهيم جو مڱڻو ٿيو آهي. فيڪٽري چيئرمين جي پيٽ سان ڏاڍو سياڻو همراهه آهي... پورهيتن جي حقن جو سودو ڪري ته هن مالڪ سان مائٽي ڳنڍي آهي. هاڻ ته هو جلد ئي فيڪٽريءَ ۾ مئنيجر جو عهدو سنڀالينڈو. اڳ ۾ به ته هو پورهيتن جي چندي مان عياشي ڪندو رهيو آهي. هاڻ ته وڏيڪ مزي سان جيئندو."

وري ڪنهن محنت ڪش چيو. "ها ويڪاڻو پورهيت اڳواڻ آهي." وري ڪنهن ٻئي ڳالهايو. "پورهيتن جو اصل دشمن ته انهن جو ويڪاڻو اڳواڻ هوندو آهي. جيڪو پورهيتن جي جدوجهد جو سودو ڪندو آهي. انهن جملن کان بچڻ لاءِ مون پنهنجا ٻئي هٿ ڪنن تي رکيا. منهنجي اکين ۾ لڙڪ هئا. مان پورهيتن جي ميڙ مان پنهنجي پٽئين پيرين واپس آيس ۽ فيڪٽريءَ جو ٻاهريون گيٽ ڪراس ڪري سڌو پنهنجي گهر ڏانهن رُخ ڪيم.

هاڻ وري مان بازارن ۾ آواره گردي ڪري رهي هيس. مون کي بازارن ۾ ماڻهو به نظر نه ٿي آيا. منهنجيون اکيون لڙڪن سان ڀريل هيون. بازارن ۾ پنڌ ڪندي ڏينهن ڪٽي ويو. رات جي اونداهي هيٺ لٽي ته هلندي هلندي مان ٽڪجي پئي هيس. هاڻ ته جسم ۾ ڪمزوري محسوس ٿي رهي هئي. پوءِ اوچتو منهنجي اکين مان وهندڙ لڙڪ بند ٿي ويا. رات جي ٺڏي هوا جا جهوٽا منهنجي جسم کي ڇُهي رهيا هئا. هڪ جاءِ تي ويهي مون ڪجهه غور فڪر ڪيو. وڏيون اوچنگارون ڏئي رُنيس. روئي ڏئ ڪيم ته واپس فيڪٽري ڏانهن موٽيس. پنهنجي آفيس ۾ آيس مون پنهنجا سمورا ڪاغذ اُتان کنيا. ڪاغذ ڪٽي واپس گيٽ وٽ آيس آخري پيرو ان باغيچي ڏانهن نظر ڦيرايم جتي منهنجي پهريون پيرو ابراهيم سان ملاقات ٿي هئي.

مون کي باغ ۾ ڪو انساني پاڇو نظر آيو. مان باغيچي ۾ داخل ٿيس ۽ سڏ ڪيم- ابراهيم."

پر انهيءَ پاڇي کو جواب نہ ڏنو. مان خوفزده ٿي ويس وڏي رڙ ڪيم ابراهيم. پر ڪوبہ جواب نہ مليو. باغيچي ۾ ڪوبہ انسان ڪونہ هو بس منهنجي خيال جو پاڇو هو ابراهيم. مون رڙ ڪئي ۽ اُتان باهر هلي آيس.

ان ڏينهن کان پوءِ وري منهنجي ملاقات ابراهيم سان نہ ٿي. مان فيڪٽريءَ جي ملازمت ڇڏي چڪي هيس. پر جڏهن بہ مان باهر بازار يا روڊ تي اينديِ هيس تہ منهنجي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي ويندي هئي تہ متان ڪنهن بازار ۾ ڪنهن روڊ. رستي تي ابراهيم سان ملاقات ٿي پوي ۽ مون کان پڇي تہ آخر مون فيڪٽريءَ جي ملازمت ڇو ڇڏي ڏني آهي. مان هر پيري بازار ۽ رستي تان واپس گهر موٽندي پنٽي مُڙي ڏسندي هيس تہ متان ابراهيم اتي هجي ۽ مون کي سڏ ڪري پر ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو. بس منهنجي گهر جا دروازا ۽ دريون بہ بي حسي، بي حرڪت ۽ بند نظر اچي رهيا هئا. مون سموري زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ اهڙي اذيت ۽ اهڙو عذاب نہ پوڳيو هو ايتري ڳوڙهي درد ۽ تڪليف جو مون اڳ ڪڏهن بہ تجربو نہ ڪيو هو.

جڏهن مان وئشيا هيس ۽ پنهنجي جسم جو پنهنجي مرضيءَ سان سودو ڪندي هيس ان وقت بہ ڪنهن مرد مون کي ايترو عذاب نہ ڏنو هو. ان وقت بہ منهنجو درد برداشت جوڳو هوندو هو. وئشيا جي حيثيت سان منهنجو جسم، منهنجي ذات ۽ منهنجو در: منهنجا پنهنجا ورتل هوندا هئا. اڳ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو هو تہ ڪنهن مرد مون کي منهنجي مرضيءَ جي خلاف ايترو ڏک، ايترو درد ۽ تڪليف ڏني هجي. اهڙي قسم جو واقعو اڳ ۾ ڪڏهن بہ منهنجي زندگيءَ ۾ نہ ٿيو هو. وئشيا جي حيثيت ۾ بہ مون ڪڏهن ايترو نہ رنو هو ۽ نہ ئي ايتري شرمندگي محسوس ڪئي هئي، جيترو درد مون کي ابراهيم جي بي وفائي ڏنو هو. مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڪنهن سان محبت

ڪئي هئي. محبت انسان ۾ اميد ۽ اعتماد پيدا ڪندي محبت انسان
کي جيئڻ جو گس ۽ ڏس ڏيندي آهي. محبت ماڻهوءَ ۾ جيئڻ جو
حوصلو پيدا ڪندي آهي. محبت روشني آهي، پيار آهي، سچائي
آهي، محبت جي ڪري ئي مون پنهنجو تن، من، ڌن، پنهنجو جسم
پنهنجا احساس ۽ جذبا سڀ ڪجهه ته هڪ رات ۾ ابراهيم جي
جهوليءَ ۾ وڌا هئا. هن سان محبت ڪرڻ وقت اهو احساس هو ته
غريب، محنت ڪش ۽ پورهيت ماڻهوءَ جو به محبت تي حق آهي.
پورهيت کي به سچي محبت ملندي آهي پر منهنجا سمورا خيال ۽
تصور اجايا ۽ عام هئا. جڏهن مان هڪ پيشيور وئشيا هيس ته مان
ڪنهن کي به پئسن کانسواءِ پنهنجي بدن کي ڇُهڻ نه ڏيندي هيس. پر
مون سواءِ ڪنهن لالچ جي پنهنجو پاڻ کي ابراهيم حوالي ڪيو هو
مون پنهنجي احساسن، جذبن جا سمورا هٿيار هن جي آڏو ڦٽا ڪيا
هئا. پنهنجي سموري محبت ۽ وفا هن تان نڇاور ڪري ڇڏي هيم.
مان پنهنجي اندر جي احساس کي گهٽي ڇڏيندي هيس. پئسا ڏيندڙ
مردن آڏو سڪٽو بدن احساسن کان خالي جسم پيش ڪندي هيس
هڪ رڍ جي گڏيءَ جيان. پر ابراهيم آڏو ته مون پنهنجي روح کي به
اگهاڙو ڪري ڇڏيو هو. پنهنجو جسم ۽ روح ٻئي هن کي ارپيا هيم.
پئسن سان خريد ڪندڙ مرد منهنجو جسم خريد ڪندا هئا، پر
ابراهيم مون کي سموري جو سمورو خريد ڪري ورتو هو ۽ مون کي
اهو ئي صدمو هو ته آخر مون هڪ مرد تي اعتبار ڪيئن ڪري ورتو؟
ابراهيم جي محبت ۾ مون پنهنجو سيڪجهه قربان ڪري ڇڏيو هو.
مون موٽ ۾ ته هن کان ڪجهه به نه گهريو هو سواءِ هڪ ڳالهه جي، اهو
ٻئي چاهيم ته ابراهيم جي محبت جي مدد سان مان اهو چاهيان ٿي
ته سماج ۾ پنهنجي عزت کي محفوظ ڪيان. پنهنجو پاڻ کي معزز
شهرين ۾ شمار ڪرائي سگهان. هڪ پيرو زندگيءَ ۾ اطمينان،
سڪون ۽ تحفظ جا احساس ماڻي سگهان. ڪنهن مرد جي
پنهنجائپ قرب کي حاصل ڪيان سواءِ ڪنهن لالچ ۽ خوف جي.

مان بہ هڪ بهتر انسان بنجي پوان. ماڻهن جون نفرت پريون نگاهون مون کان پري ٽي وڃن. سماج جو هڪ اهڙو فرد ٽي پوان جنهن سان ماڻهو سچ پچ پيار ڪن. عزت ڏين ۽ احترام ڪن. مون کي پنهنجي وجود جي مڪملتا، پورائپ ۽ وجود جي حقيقي هئٺ جو احساس ٿئي.

پر منهنجي قسمت ۾ شايد اهو سڀ لکيل نہ هو. چو تہ مان هن سماج جي هڪ پورهيت، مزدور ۽ مجبور عورت هيس، جنهن کي مرد بس حوس جي نظرن سان ئي ڏسن ٿا. مرد جيڪڏهن عورت کي محبت جي نظر سان ڏسن بہ ٿا تہ هڪ خاص مقصد لاءِ. سو مون اهو سمجهي ورتو تہ مون جهڙين عورتن لاءِ سماج ۾ محبت بس هڪ خواب آهي ۽ مون بہ هڪ خواب ڏٺو هو جيڪو هاڻ ختم ٽي چڪو هو. مون وٽ ڪابہ سچاڻپ نہ هئي، هڪ پورهيت مزدور ۽ مجبور عورت کان سواءِ مون وٽ ٻي ڪابہ صلاحيت، ڪابہ خوبي موجود نہ هئي. ڪا بہ ملڪيت ڪوبہ اثاثو نہ هو. ماڻهو تہ اهڙين عورتن سان نفرت ڪندا هئا. انهن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا. انهن کي بيوقوف چوندا هئا يا وري سادگي چوندا هئا ۽ اڪيلي عورت جي رهڻ کي گناهہ، جرم سمجهڻ سان گڏ ناقابلِ معافي ڏوهہ سمجهندا هئا.

هاڻ وري منهنجي زندگي انهيءَ جاءِ تي اچي بيٺي هئي، جتي هڪ پيرو ٻيهر مون حيا، شرم، انسانيت، محبت ۽ سچائي جهڙن جذبن کي اکين مان وهندڙ لڙڪن جي هر ڦڙي سان گڏ وهائي ڇڏيو هو. مون اهو فيصلو ڪري ورتو هو ته هاڻ انساني تقدس جي آخري لفظ کي به پنهنجي زندگيءَ جي سليٽ تان ڌاهي ڇڏيندیس، ڇو ته مان هاڻ زندگيءَ جي سمورين سچائين ۽ لاهن چاڑهن کي سمجهي چڪي هيس. مون اهو سمجهي ورتو هو ته هڪ ڪامياب وڪيا ڪنهن پٽيڪل صوفي بزرگ کان بهتر هئي. سماج ۾ سمورا مرد عورتن سان فريب ۽ دوکو ڪندا هئا ۽ وري مرد ٻي عورتن جي زندگين کي برباد ڪري کين اخلاقي قانونن هيٺ سزائون ڏيندا هئا. مرد عورتن جي جسمن جي حاصلات لاءِ انهن سان شاديون ڪندا هئا، انهن کي سموري عمر قيد ڪري سزائون ڏيندا هئا. بازارن ۾ اچي عورتن جا جسم خريد ڪندا هئا. عورتن کي زال جي حيثيت ۾ گهر ۾ نوڪرياڻي جي حيثيت ڏئي انهن کان ڪم ڪار ڪرائي، ٻڌن، مڪن ۽ سوٽين سان ماريندا هئا. گهر ۾ زال کي گهٽيا ۽ ڪمتر سمجهندا هئا. بازار ۾ خريد ڪيل وڪيائن جي جسمن کي چمندا، چٽيندا ۽ اکين تي ويهاريندا هئا. سماج ۾ عورت گهريلو هجي يا هڪ وڪيا پر هن لاءِ تذليل، رسوائي ۽ تڪليف کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي.

اڌ رات ٽيڻ واري هئي، شهر جون سمورين بازارون ويران پيون هيون. هوا جا ٺڌا جهوٽا نيل درياهه جي طرف کان اچي رهيا هئا.

منهنجي جسم ۾ عجيب نشو ۽ سُرور ڇانئجي رهيو هو. مان ويران بازار مان گذري رهي هيس. دڪانن ۽ گهرن جا بند دروازا ۽ دريون مون کي اهو احساس ڏياري رهيا هئا ته مان زبردستي چوڏيواريءَ مان ڪڍي باهر ڦٽو ڪئي وئي آهيان. مون ۾ هاڻ ڪنهن جي پرواهه کرڻ ڇڏي ڏني هئي. مون لاءِ آسمان، زمين، شهر، بازارون ۽ ماڻهو سڀ بي معنيٰ ٿي چڪاهئا. هاڻ مان پاڻ کي هڪ خودمختيار ۽ آزاد عورت سمجهي رهي هيس. مرد جي غلامي، شادي، پيار ۽ ڪنهن ۾ سماجي بندڻ کان مون پاڻ کي آزاد ڪرائي 'ورتو هو. مون اهو سمجهيو هو ته هڪ نه ته ٻيو مرد مون کي ضرور قيد ڪندو. ماڻهوءَ کي گهرجي ته ڪنهن ۾ هڪ فرد سان

پنهنجا جذبا وابستا نه ڪري جيڪڏهن ڪنهن هڪ فرد وٽان ماڻهوءَ جون توقعات پوريون نٿيون ٿين ته ماڻهو مايوسيءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿو. سو مون ماڻهن جي پرواهه کرڻ ڇڏي ڏني هئي. هاڻ مان اهڙي عورت هيس جيڪا ڪنهن کان ۾ نه ڊڄندي هئي، ڇاڪاڻ ته مون سماج جا اُهي سمورا پاسا جانچي ڏٺا هئا، جتان مون کي ڏک يا تڪليف ملڻا هئا.

بازار ۾ هلندي مون پنهنجون ٻئي ٻانهون فضا ۾ ائين بلند ڪيو جڙ ته رات جي اونداهيءَ کي ياکر پائڻ چاهيان ٿي. پوءِ اوچتو منهنجي چپن تي هڪ گيت جي جهونگار شروع ٿي وئي.

"مون کي ڪنهن جي ۾ پرواهه ناهي،
مون کي ڪنهن کان ڪجهه ۾ نه گهرجي،
مان ڪنهن کان ۾ خوفزده ناهيان،
مان هڪ آزاد عورت آهيان!"

اوچتو هڪ وڏي چمڪندڙ گاڏي اچي منهنجي پرسان بيٺي ۽ جڏهن انهيءَ گاڏي ۾ ويٺل مرد شيشو هيٺ ڪري مون کي ڏٺو ته مون ۾ هن کي مُرڪي ڏٺو ۽ پوءِ هن جي اشاري تي وڃي گاڏيءَ ۾ ويهي رهيس.

هو مون کي پنهنجي گهر وٺي آيو. جڏهن مان هن جي آرامده پلنگ تي هن جي هيٺان سُٽل هيس ۽ هو مون کي اُٽلائي پٽلائي رهيو هو تہ ان وقت نہ تہ مون کي لذت ۽ سُرور جو احساس ٿيو پي ۽ نہ ئي کو درد جو احساس هو. جڏهن اهو مرد پنهنجو ڪم ڪري مون مٿان هٽيو ۽ مان آرامده پلنگ تي آرس پيچي اُٿي ويٺيس تہ مون کي احساس ٿيو سمورا مرد هڪجهڙا آهن. اُهي انقلابي مرد جيڪي پاڻ کي غريبن جي حقن جو رکوالو ۽ آدرشي انسان سمجهندا آهن. اُهي بہ عورت جي معاملي ۾ ٻين مردن کان مختلف نہ هوندا آهن. اُهي بہ پنهنجي علم، آدرش، شهرت نظرياتي ۽ انقلابي پروپيگنڈا جي بنياد تي پاڻ کي مٿانهون ڪري اُهي ئي ڪم ڪندا آهن جيڪي سماج جا ٻيا مرد ڪندا آهن. انقلاب، آدرش انهن وٽ دولت جو متبادل هوندا آهن. انهن لاءِ نظريا ۽ آدرش بہ ائين هوندا آهن جيئن ڪا وٺشيا پنهنجو جسم وڪڻي ڪاروبار ڪندي آهي. انقلابي بہ پنهنجا آدرش وڪرو ڪندا آهن. بس ڪاروبار جو فرق آهي.

ابراهيم سان منهنجي ملاقات فيڪٽري ڇڏڻ ڪانپوءِ ڇٽن سالن کان پوءِ ٿي هئي. ابراهيم مون کي رستي ۾ مليو ۽ آفر ڏنائين تہ هڪ رات مان هن سان سندس فليٽ تي گذاريان. هاڻ مون کي هن سان محبت ڪانہ رهي هئي، سو مون انڪار ڪري ڇڏيو. مون نہ پئي چاهيو تہ مان وري پنهنجو جسم هن جي حوالي ڪريان. اهڙي طرح وري ڪجهہ سال ٻيا بہ گذري ويا تہ وري هڪ ڏينهن هن مون سان رات گذارڻ جي خواهش ڪئي. نيٺ مان هن کي پنهنجي فليٽ تي وٺي آيس. جڏهن هن منهنجي جسم مان پنهنجي ضرورت پوري ڪئي تہ ڪپڙا پائي وڃڻ لڳو ۽ مون کي پئسا ڏيڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪيائين.

يڪدم مان هن جو رستو روڪي بيهي رهيس ۽ چيم. "شايد تون اهو سواري ويٺو آهين تہ مان هڪ وٺشيا آهيان ۽ پئسن ڏيڻ کانسواءِ تون هتان نہ ٽو وڃي سگهين."

هن کيسي مان بٽون کڌيو ڏهه پائونڊ جو هڪ نوٽ کڍي منهنجي هٿ ۾ ڏنائين. مون ڏٺو ته پئسن ڏيڻ وقت هن جو هٿ ڏڪي رهيو هو.

منهنجي قيمت ويهه پائونڊ آهي، سو به تولاءِ نه ته مان پين مردن کان اڳان به وڌيڪ قيمت وٺندي آهيان." هاڻ ته هن جو هٿ اڳا وڌيڪ ڏڪڻ لڳو. هن هڪ ٻيو ڏهه پائونڊ جو نوٽ کڍي منهنجي هٿ ۾ ڏنو. هاڻ مان سمجهي وئي هيس ته هو به پين مردن جيان منهنجي جسم جو بکيو هو. هن کڏهن به مون سان محبت کانه کئي هئي. هو هر رات مون وٽ ان کري نه ٿي اچي سگهيو جو هن جي کيسي ۾ ايترا پئسا کونه هوندا هئا جو منهنجي جسم جي قيمت ڏيري سگهي.

مون لاءِ محبت جي کهاڻي ته ختم ٿي چکي هئي.

هاڻ مون کي مرد ذات کان شديد نفرت ٿي وئي هئي. مون کي خاص طور تي اُهي مرد تہ سخت نفرت لائق لڳندا هئا جيڪي اخلاقيات يا وري انقلاب جا سبق پڙهائيندا هئا. مون وٽ منهنجي جسم سان کيڏڻ وارن مردن ۾ ڪجهہ مٿي ڦريا اهڙا هوندا هئا جيڪي مون سان بدڪاري ڪرڻ بعد مون کي نيڪ راهہ اختيار ڪرڻ جي نصيحت ڪندا هئا. مان اهڙي قسم جي مردن کان تہ شديد قسم جي نفرت ڪندي هيس. ڪجهہ مرد چوندا هئا تہ مان چاهيان تہ انهن جو سهارو وٺي هن بدڪاريءَ جي دنيا کي ڇڏي انهن جي "رکيل" ٿي رهان. اهڙي قسم جا مرد پاڻ کي نيڪ ۽ مون کي بدڪار سمجهندا هئا. اُهي پاڻ کي سماج ۾ معتبر سڏائيندا هئا، پر منهنجي جسم سان بدڪار مردن کان وڌيڪ خراب حشر ڪندا هئا. دنيا ۾ نيڪ صورت ٿاهي لڪ ڇپ ۾ بدڪاري ڪندڙ مرد ڪمزور دل ۽ بزدل هئا. مون کي لڳندو هو جڏهن اُهي پنهنجي ذهن ۾ گند جا ٽوڪرا ڪٽي گهمندا هئا.

انهن جي سوچ اها هوندي هئي تہ.

"اسان وڏو نيڪيءَ جو ڪم ڪرڻ پيا وڃون. اسان جي نصيحت ۽ سهاري سان هڪ بدبخت، سماج جي ڪريل وئشيا، ڪسبياڻي، ذليل عورت، غلاظت جي زندگيءَ مان نڪري سماج جي نيڪ عورت ٿي پوندي. پاڪ دامن بيبي ٿي پوندي. اهڙي طرح سماج ۾ نيڪ عورتن جي فهرست ۾ هڪ عورت جو واڌارو ٿي پوندو."

پر مان اهڙن نيڪ مردن جي صلاحن کي هميشہ رد ڪري ڇڏيندي هيس. اُهي سمورا مرد واپاري هئا. اُهي جسمن جي هن بازار مان بہ ثواب ۽ نيڪي ڪمائڻ جي چڪر ۾ هوندا هئا.

سچي ڳالهه اها آهي ته مردن جي جوڙيل هن سماج ۾ عورت جي حيثيت سان زندگي گذارڻ ذلت ۽ رسوائي جو ٻيو نالو آهي. گهٽ ۾ گهٽ گهريلو عورتن کان مان وڌيڪ آزاد ته هيس. هنن کي روزانو ساڻن مردن جو تشدد سهڻو پوندو هو. بدشڪل، بدتميز سٽ ستر سالن جا پوڙها مرد پر عورتون مجبور هيون. مون کي چونڊ جو اختيار هو ته مان پنهنجي مرضيءَ جو مرد چونڊيان.

مون کي اهو به اختيار هو ته مان ڪنهن مرد حوالي پنهنجو جسم ڪيان نه ڪيان، منهنجو جسم هو منهنجي مرضي هئي. ڪوبه مرد منهنجي اجازت کانسواءِ منهنجي ڪنهن به انگ کي ڇُهي نه ٿي سگهيو. مون کي هاڻ اها آڏت هئي ته مان ڪنهن مرد جي غلام نه هيس. منهنجي زندگي سماج جي ڪوڙ سارين عورتن کان بهتر هئي.

هڪ وڏيا هميشه پنهنجي مرضيءَ سان "ها" چوندي آهي ۽ هوءَ پنهنجي جسم جي قيمت به پنهنجي مرضيءَ سان وٺندي آهي ۽ جڏهن هوءَ "انڪار" به ڪندي آهي ته ڪنهن مرد کي هن کي هٿ لائڻ جي همٿ ناهي ٿيندي. وڏيا طور منهنجي مشهوري سبب منهنجي جسم جي قيمت ۾ به روزانو واڌارو ٿي رهيو هو. ڪوبه مرد اهو برداشت ناهي ڪندو ته ڪا عورت هن سان سمهڻ کان انڪار ڪري. عورت جو انڪار هن جي انا کي سخت مجروح ڪندو آهي. مان جڏهن ڪنهن مرد سان جيترو وڃڻ کان انڪار ڪندي هيس اوترو هو پاڻ سان گڏ وڃڻ لاءِ ضد ڪندو هو.

مان جيترو پنهنجي قيمت وڌائيندي هيس اُهو هر قيمت ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو. چو ته هڪ عورت جي واتان انڪار جو لفظ هن کان برداشت نه ٿيندو هو. اهڙي طرح هاڻ مان هڪ ڪامياب وڏيا بنجي وئي هيس. مون وٽ تمام گهڻو پئسو اچي ويو هو. شهر جا امير ترين مرد هڪٻئي جي ضد ۾ مون سان رات گذارڻ لاءِ پنهنجو پئسو پاڻي جيان هارڻ لاءِ تيار هوندا هئا.

هڪ پيري اسان جي ملڪ ۾ رهندڙ هڪ غير ملڪي سفارتڪار مون کي پسند ڪيو. هن پنهنجا ماڻهو مون کي وٺڻ لاءِ موڪليا پر مون اوڏانهن وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. مون کي خبر آهي ته مرد عورت آڏو ڪڏهن به پنهنجي شڪست قبول ناهي ڪندو. سو منهنجي انڪار به انهيءَ پرڏيهي سفارتڪار ۽ ملڪ جي هڪ اهم شخصيت جي انا کي مجروح ڪري ڇڏيو. هن جي انا ۾ به اهو ضد سجاڳ ٿي ويو ته هو ضرور مون کي پنهنجي بستري جي زينت بنائيندو پوءِ روزانو هن جو ڪونه ڪو ماڻهو مون وٽ اچڻ لڳو منهنجي انڪار تي هاڻ اطلاعات ڪاتي جو ڪو آفيسر يا پوليس جو ڪو اهم ماڻهو مون کي ڌمڪائڻ هليو ايندو هو. هڪ پيرو ائين ٿيو جو پوليس جو آئي جي صاحب مون وٽ آيو. هن مون کي سفارتڪار ڏانهن وڃڻ جو چيو. هي صورت ۾ مون کي جيل موڪلڻ جي ڌمڪي پڻ ڏني، پر پوءِ به مون انڪار ڪيو. آئي جي صاحب چيو ته "هڪ رياست جي سفارتڪار ڏانهن وڃڻ کان انڪار جي معنيٰ تون سمجهين ٿي؟ تون اهو نه ٿي چاڻين ته تنهنجي نه وڃڻ سان اهو غير ملڪي اهم ماڻهو پنهنجي بي عزتي تصور ڪري رهيو آهي ۽ ان جي ڪاوڙ جڻ سان ٻنهي ملڪن جا تعلقات خراب ٿي سگهن ٿا."

وري هن اهو به چيو ته جيڪڏهن مان پنهنجي وطن سان محبت ڪندڙ ذميوار شهري آهيان ته پوءِ مون کي وطن جي خاطر ئي سڀني انهيءَ غير ملڪي شخص ڏانهن هلي وڃڻ گهرجي. نيٽ مون پوليس جي انهيءَ چيف کي سختيءَ سان انڪار ڪندي اهو چيو ته، وطن سان وفاداري نالي ڪابه شيءِ مون وٽ ڪانهي، ڇاڪاڻ ته هن ڌرتي يا وطن وٽان سواءِ رسوائي ۽ ذلت جي مون کي ٻيو ڪجهه به ناهي مليو. مون کان هتي منهنجي عزت.... منهنجو حياءِ شرم سڀ ڪجهه کسجي ويو آهي. منهنجي سخت جواب انهيءَ پوليس آفيسر کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو هو. هن کي حيرت هئي ته مون جهڙي ڪمزور عورت به هن کي اهڙو جواب ڏئي سگهي ٿي هن جي عهدي

رعب ۽ دٻدٻي جو پرم هڪ ڏماڪي سان اچي پٽ تي پيو هو. هو سوچي ٿو نه پيو سگهي ته هڪ وڻشيا هڪ رنڊي هڪ ڪسبياڻي وطن پرستي، ملڪي آئين ۽ قانون کي هڪ نوڪر سان اڏاري ڇڏيندي، هو پريشان هو هن ته سموري عمر فرض شناسي، وطن پرست ۽ قانون جي ڏاڍي هٺ جا سبق پڙهيا هئا. هن پوري طرح پوليس چيف جو حق ادا ڪندي مون کي ڪنهن به طريقي سان هڪ باعزت شخص جي بستري تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مون تي آزمايل هن جو هر حربو ناڪام ويو. هاڻ مون کي طاقتور ۽ انا پرست مردن کي آڱرين تي نچائڻ اچي ويو هو. مون سمجهي ورتو هو ته منهنجو جسم منهنجي خاص ۽ پرائيويٽ پراپرٽي آهي. منهنجو جسم منهنجي مرضي آهي، منهنجي زندگي، منهنجو وجود، منهنجا آهن- بس منهنجا."

وري هڪ دفعو ٻيهر هڪ موقعي تي ملڪ جي هڪ اهم عهديدار ۽ بااثر شخصيت ڏانهن وڃڻ کان منهنجي انڪار ڪرڻ تي مون کي پوليس جيل حوالي ڪري ڇڏيو. مون پنهنجي بچاءَ لاءِ شهر جي سڀ کان مشهور وڪيل جون خدمتون حاصل ڪيون. وڪيل منهنجي ضمانت جو تڪڙو بندوبست ڪري مون کي جيل کان ٻاهر آندو. منهنجو وڪيل ملڪ ۾ انساني حقن جو وڏو علمبردار هو. مون جهڙي وڻشيا جو ڪيس کڻڻ جي ڪري هن جي شهرت ۾ اڃا به واڌارو ٿيو هو. پئسا خرچ ڪرڻ ڪانپوءِ عدالت اهو فيصلو ڏنو ته مان هڪ معزز شهري ۽ عزتدار عورت آهيان. اُتي مون کي اها خبر پئي ته پئسن تي سماج ۾ عزت به خريد ڪري سگهجي ٿي.

پهرئين پئسا حاصل ڪرڻ لاءِ عزت وڃائڻي پوي ٿي ۽ پوءِ وري گڏ ڪيل دولت سان سماج ۾ عزت خريد به ڪري سگهجي ٿي. سماج به هڪ شيطاني چرخو آهي، جيڪو مسلسل ڦرندو رهي ٿو. مان به انهيءَ سماجي چرخي جو حصو هيس پر جڏ ته نار جو هڪ لوٽو هيس جيڪو نار جي ڦرڻ سان ڪڍهن هيٺ ته ڪهن مٿي اچي وڃي رهيو هجي.

هڪ عورت هڻڻ جي ناتي سماج ۾ پنهنجي احترام ۽ مقام کان پوريءَ طرح واقف هيس. مون اهو چاڻي ورتو هو ته سماج ۾ طوائف جو پيشو به مردن ئي پنهنجي مفادن لاءِ ايجاد ڪيو هو. اهو ڪم مردن جو ئي آهي جو عورتن کي اُهي ايترو مجبور ڪندا آهن جو عورت پنهجي عزت جو سودو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندي آهي. سڀ کان گهٽ قيمت تي پنهنجي عزت وڪرو ڪندڙ عورت شادي شده عورت آهي. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته سموريون عورتون سماج ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪسبياٽيون ئي آهن. سو مون به هڪ خودمختيار ڪسبياٽي هجڻ جو فيصلو ڪيو هو.

اهڙيءَ طرح هڪ وٺشيا طور مون سماج جي باعزت بااثر ۽ دولتمند ماڻهن سان پنهنجا تعلقات جوڙي ورتا هئا. جنهن ۾ هڪ هوشيار وڪيل هو هڪ معزز ڊاڪٽر هو ته جيئن بيماريءَ ۾ هن کان مفت ۾ علاج ڪرائي سگهان ۽ ان سان گڏوگڏ مون هڪ مشهور اخبار جي صحافي سان به دوستي ڪئي هئي. جيئن هو وقت به وقت اخبار ۾ منهنجا فوٽو ۽ مون تي مضمون لکندو رهي ۽ مون کي هڪ معزز ماڊل عورت طور سماج ۾ متعارف ڪرائيندو رهي. هر مرد جي هڪ قيمت هوندي آهي. بس جيترو هو سماج ۾ بااثر ۽ معزز هوندو اوترو هن کي قيمت ڏيڻي پوندي. هڪ پيري مون هڪ سماجي تنظيم کي چندو ڏنو. ٻئي ڏينهن تي منهنجي صحافي دوست مضمونن ۽ تصويرن سان اخبار پري ڇڏي. نه رڳو منهنجي دوست صحافي پر ٻين صحافين کان به هن مضمون لکرايا ۽ ملڪ جون مشهور اخبارون ۽ رسالا منهنجي تصويرن ۽ ساراهه سان پرجي ويا هئا. سمورن صحافين اهو لکيو ته مان هن ملڪ جي هڪ رول ماڊل شهري آهيان ۽ سماجي ذميوارين جي حوالي سان منهنجو ڪردار انتهائي ترقي يافته آهي. مان حساس آهيان مطلب ته علائقائي دانشورن پنهنجي عمر ۾ پڙهيل سمورا سٺا ۽ چڱا لفظ منهنجي شان بيان ڪرڻ ۾ ڪٽائي ڇڏيا هئا. جڏهن به مان پنهنجي عزت ۽ مان شان کي وڌائڻ

چاهيندي هيس تہ هڪ ننڍڙي چيڪ تي صحيح ڪري ڪنهن سماجي خودمختيار اداري جي حوالي ڪندي هيس ۽ منهنجو مان شان وڌي ويندو هو.

ڪجهہ مرد ٻين جي ڪيسن مان پئسا ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ائين ئي ٿيو. هڪ ڏينهن هڪ همراهہ مون وٽ آيو ۽ مون کي چوڻ لڳو تہ هو "مون سان شادي ڪرڻ چاهي ٿو." مون صاف انڪار ڪيو. هن کي چيم تہ پهرئين مڙس جي ڏنل زخمن جا نشان اڃا بہ منهنجي جسم تي موجود آهن. وري هڪ ٻيو همراهہ آيو. هو سچي پيار لاءِ تڙپي رهيو هو ۽ هن کي مون سان محبت جي دعويٰ هئي.

اهڙي طرح وري هڪ ٽيون همراهہ آيو. جنهن جو تعلق مردن جي هڪ خاص گروهہ سان هو. جنهن کي اسان جي سماج ۾ "دلال" يا "پڙوو" چيو ويندو آهي. هو پوليس جو بہ دلال هو. وٺشيائن کان پتو وٺي پوليس کي ڏيندو هو. هن جو چوڻ هو تہ هر وٺشيا يا ڪسبياٽي کي هڪ ڪنجر پاڻ سان گڏ لازمي رکڻ گهرجي، تہ جيئن اُها پوليس ۽ ٻين سماجي دلالن کان محفوظ رهي سگهي.

مون هن کي چيو تہ، "مان پنهنجو تحفظ پاڻ ڪري سگهان ٿي."

هن چيو. "هن سماج ۾ اڄ تائين ڪابہ اهڙي عورت پيدا ناهي ٿي جيڪا پنهنجي حفاظت پاڻ ڪري سگهي. پلي ڪٽي اها ملڪ جي وزيراعظم يا صدر جي زال هجي."

"پر مون کي تنهنجي پڙوٽ ۽ دادا گيريءَ جي ضرورت ڪانهي."

"تون تحفظ ڪانسواءِ نہ ٿي هلي سگهين. نہ تہ سماج مان ڪنجر ۽ مڙسن جو شعبو ختم ٿي چڪو هجي ها. سماج ۾ شادي شده عورتن پاران، رکو وٺشيائون هجن ها."

"مان تنهنجي ڏمڪين کان ڊڄڻ واري ناهيان."

"مان توکي ڏيجاريان نہ پيو پر نصيحت پيو ڪيان."

"پر جيڪڏهن مان تنهنجي نصيحت مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيان تہ؟"

"تہ پوءِ منهنجي مجبوري هوندي تہ توکي ڏمڪي ڏيان."

"تون مون کي ڇا ٿو ڪري سگهين؟" مون چيو ۽ هن کي ڇڏائي ڇڏيم.

انهيءَ واقعي کانپوءِ مان حد جي ٽاٽي تي پوليس کي اطلاع ڏيڻ ويس پر ڏٺم اهو ڪنجر جنهن جو نالو "جاني" هو مون کان اڳ ۾ ئي ٽاٽي ۾ موجود هو. هن جي دوستي پوليس وارن سان مون کان بہ وڌيڪ هئي. پوءِ مون وڪيل جي مدد ونڊ چاهي تہ جيئن ان مرد کي سزا ڏياري سگهان پر وڪيل مون کي اهو سمجهايو تہ ملڪي قانون ۾ جسم وڪرو ڪندڙ عورتن لاءِ تہ سزا مقرر آهي پر پڙوت ڪندڙ مردن جيڪي عورتن جي دلالي ڪندا آهن، انهن لاءِ ڪابہ سزا مقرر ناهي.

جڏهن مان ٽاٽي مان واپس نڪري رهي هيس تہ جاني ڪنجر پري کان ٻيهي مون تي ٿوڪون ڪري رهيو هو.

هڪ ڏينهن جڏهن مان بازار مان ٿي گهر اندر داخل ٿي رهي هيس، جاني بہ منهنجي پٺيان لڳو آيو. مون تڪڙ ۾ گهر ۾ داخل ٿي گهر جو در بند ڪرڻ چاهيو تہ هو زوري اندر گهڙي آيو ۽ هڪ تکو چاقو ڪيسي مان ڪڍيائين. نيٺ مون هن کان پڇيو تہ،

"تون چاهين ڇا ٿو؟"

"مان توکي ٻين مردن کان بچائڻ چاهيان ٿو." هن چيو.

"پر ٻيو ڪوبہ مرد مون کي پريشان نہ ڪيو ڪري، توکان سواءِ!"

"ها، پر جيڪڏهن مان توکي تنگ نہ ڪندس ضرور ڪو ٻيو مرد توکي پريشان ڪندو. هيءُ شهر ڪنجرن سان ڀريو پيو آهي. مان تہ توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان."

"پر مان شاديءَ جي چڪر ۾ پوڻ نہ ٿي چاهيان. مون کي خبر آهي ڪمائيندیس مان ۽ پئسا خرچ تون ڪندين؟"

هن چيو "ڏس! مان هڪ ڪامياب واپاري آهيان. عورتن جا جسم منهنجو سرمايو آهن ۽ مان توسان تہ پيار ڪيان ٿو. سو پيار ۽ واپار کي مان ڏار ڏار ٿو رکان."

"ها تہ تو جهڙا مرد پيار بہ ڪندا آهن؟"

"اهڙو بہ ڪو انسان آهي، جنهن زندگيءَ ۾ پيار نہ ڪيو هجي؟"

هن چيو "چا تو ڪڏهن پيار ناهي ڪيو؟" هن مون کان پڇيو.

"ها مون محبت ڪئي هئي." مون چيو.

"ءِ هاڻ؟"

"هاڻ مون کي پيار ءِ محبت تي ڪو اعتبار ناهي رهيو." مون چيو.

"ها، پر مان اڃان بہ پيار تي ويساهہ رکان ٿو." هن چيو.

"ويچارا مرد.. ڪيترا نہ بدبخت آهن." مون چيو.

"ها، پر مان پيار ۾ خوش نصيب آهيان." هن چيو.

"تہ پوءِ تون ڪنهن سان ٿو محبت ڪرين، اهو مرد آهي يا وري عورت... اڪثر تو جهڙا مرد مردن جا شوقين هوندا آهن."

"نہ، نہ مون ۾ اها عادت ڪانهي، مان عورتن سان ئي محبت ڪندو آهيان."

پوءِ هن منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي چيو "تون تصوراتي دنيا ۾ رهندي آهين. فردوس! مون کي لڳي ٿو تنهنجي اکين ۾ پرانهون ڪٽي اڃان بہ محبت جي روح جا ڪجهہ اثر موجود آهن." مون هن جي ڳالهہ تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو.

"بدنصيب عورت تون اها ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ سمجهي سگهندينءَ تہ محبت چا آهي، پرواهہ نہ ڪر مان توکي جلد ئي اهو سمجهائي ڇڏيندس تہ محبت چا ٿيندي آهي ءِ هن هڪ پيرو ٻيهر منهنجي ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪئي. مون هن کي ڏکو ڏئي پاڻ کان پري ڪيو ءِ چيم تہ "مان ڏنڊو ڪرڻ ۾ واضح طور فرق ڪري سگهان ٿي."

"پر محبت بہ ڪاروبار جو حصو آهي." هن چيو.

"محبت مون لاءِ هاڻ ناممڪن لفظ آهي." مون چيو.

هن هڪ پيرو وري ڪوشش ڪئي تہ مون کي پنهنجي ٻاڪر ۾ پري، پهرين تہ مون مزاحمت ڪئي، ڇو تہ مون شڪست قبول ڪرڻ

کان انکار ڪري ڇڏيو هو. ڪنهن به جذبي کي نه اُپرڻ ڏيڻ ۽ مزاحمت جي هڪ صورت هئي. هاڻ نه ته مون کي ڪا تڪليف محسوس ٿيندي هئي ۽ نه ئي ڪا لذت ۽ سُرور منهنجي جسم تي اُپريل هڪ وار ۾ به ڪا چُر پر نه آئي ۽ نه ئي مون ڪا چر پر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ان ڏينهن کانپوءِ اهو پڙوو باقاعدي طور تي منهنجي ڪمائيءَ ۾ حصيدار بنجي ويهي رهيو. سچي ڳالهه هيءَ آهي ته هو منهنجي ڪمائيءَ مان تمام گهڻو حصو وصول ڪري ويندو هو پر جڏهن به هو منهنجي ويجهو اچڻ چاهيندو هو ته پوءِ مان هن کي پاڻ کان پري ڏکي ڇڏيندي هيس.

"تنهنجي مون کي ڇهڻ جي ڪوشش اجائي آهي."

هو مون کي گارگند ڪري ڏک چنبا ڪري هليو ويندو هو.

اها ڳالهه مان ڄاڻي وئي هيس ته هو شهر جو مشهور ۽ بااثر دلال آهي. ڪيتريون ئي وئشيائون هن جي چپر چانو هيٺ شهر ۾ ڏنڊو ڪري رهيون هيون ۽ مان به انهن وئشيائن مان هڪ هيس. پوليس ۾ ۽ ڪامورا شاهيءَ ۾ هر جاءِ تي اُن جا دوست موجود هئا ۽ هو انهن ڪامورن کي رشوت ۾ ڪوڙسارا پئسا به ڏيندو هو. هن جو هڪ مشهور ڊاڪٽر به دوست هو. جڏهن به ڪا وئشيا پيٽ سان ٿيندي هئي ته يڪدم هو ان ڊاڪٽر کان ان جو ابارشن ڪرائي ڇڏيندو هو.

جانيءَ جو چوڻ هو ته قاهره شهر ۾ هر معزز ماڻهوءَ سان هن جا سٺا تعلقات آهن. هو انهن بااثر ماڻهن معرفت وئشيائن تي ايندڙ مصيبت کي ٽاري ڇڏيندو هو. هو ڪنهن به وئشيا کي جيل ۾ ڪنهن ٽاڻي ۾ بند ٿيڻ نه ڏيندو هو. هو طوائفن جي رکوالي ۽ مان وڏي دولت حاصل ڪري رهيو هو.

هاڻ مون کي خبر پئي ته مان ايتري آزاد ۽ خودمختيار ناهيان جيترو پاڻ کي سمجهندي هيس. منهنجي ڪمائي تي وري به هڪ

مرد عيش ڪري رهيو هو. جسم مان وڪٽندي هيس. دولت هو گڏ ڪندو هو. هاڻ ته هن منهنجي گهر تي به قبضو ڪري ورتو هو. نيٺ هڪ ڏينهن مون پنهنجو پاڻ کي چيو ته "مون کي اهڙي غلاميءَ واري زندگي نه کپي."

نيٺ هڪ ڏينهن مون پنهنجا تعليمي سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيو ڪجهه سامان هڪ ننڍڙي بيگ ۾ وڌو ۽ اُتان ڀڄي نڪرڻ جي تياري ڪري رهي هيس ته اوچتو جاني اچي ويو. هن منهنجو رستو روڪيندي چيو.

"ڪيڏانهن پئي وڃين؟"

"مان هتان وڃان ٿي. مون وٽ اسڪول جا سرٽيفڪيٽ آهن."

"مان ڪو روزگار ڳولينديس."

"پر ڪير ٿو چوي ته تون بيروزگار آهين." هُن چيو.

"ها. پر هاڻ منهنجي دل هن ڪم ۾ نه ٿي لڳي."

"پر هن جهان ۾ ڪوبه اهڙو ماڻهو ڪونهي جيڪو پنهنجي ڪم مان مطمئن ۽ خوش هجي. هن سماج ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن. فردوس! مالڪ ۽ غلام."

"جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته پوءِ به مان ڪنهن جي غلام ٿي رهڻ بجاءِ مالڪ ٿيڻ پسند ڪنديس." مون چيو.

"پر تون پاڻ مالڪ ڪيئن ٿي سگهندينءَ ۽ اسان جي سماج ۾ هڪ عورت ڪڏهن به پاڻ مالڪ نه ٿي سگهندي آهي. خاص طور جڏهن اُها عورت هڪ طوائف هجي. تون اهو سمجهي ڇڏ ته تون مردن جي غلام رهندينءَ."

"مون لاءِ هاڻ ڪابه شيءِ ناممڪن ناهي." مون چيو ۽ مون ڪوشش ڪئي ته دروازي کان ٻاهر نڪري وڃان پر هن مون کي ڪوڏئي اندر ڪيو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

مون هن جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو.

"مون پڪو ارادو ڪيو آهي ته هتان هلي ويندیس."

هن بہ ڪاوڙ مان چيو "تون هرگز بہ هتان نہ ٽي وڃي سگهين."
پر منهنجي اکين جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ هن کي خوفزده ڪري ڇڏيو هو.
منهنجي اکين ۾ شديد نفرت هئي. اهڙي نفرت جيڪا هڪ عورت
ڪنهن ظالم مرد کان ڪري سگهي ٿي. هو مون کان ڊڄي رهيو هو.
بلڪل ائين جيئن ڪو آقا پنهنجي باغي غلام کان يا ڪو مرد
ڪنهن عورت کان ڊڄندو آهي.

هن جي اکين ۾ خوف جو تاثر ڪجهہ دير لاءِ نظر آيو. وري
سندس اکين ۾ مرداڻو غرور لهي آيو. مون هن کي پاسي ڪري دروازي
جو اندران ڏنل ڪڙو کولڻ چاهيو تہ جيئن ٻاهر وڃي سگهان. پر هن
پنهنجو ساڄو هٿ مٿي کنيو ۽ هڪ زوردار چماٽ منهنجي ڳل تي
وهائي ڪڍي. موٽ ۾ مون بہ پنهنجو هٿ هوا ۾ بلند ڪيو هڪ
زوردار ٽڦڙ سندس منهن تي هڻي ڪڍيم. هن منهنجو ردعمل ڏسي
يڪدم ڪيسي ۾ هٿ وڌو تہ جيئن چاقو يا ڪو ٻيو هٿيار ڪڍي
سگهي، پر مان هن کان بہ تيز هيس مون يڪدم پاڇي ڪڍڻ واري تيز
ڇري جيڪا پرسان ئي ڪٽ تي پيل هئي کڻي ورتي ۽ اُها ڇري تيزيءَ
سان هُن جي نڙيءَ ۾ ڪُپائي ڇڏيم. وري ڇري ٻاهر ڇڪي ڪڍيم ۽
هُن جي سيني ۾ ڪُپائي ڇڏيم. وري سيني مان ڪڍي هن جي پيٽ ۾
وهائي ڪڍيم. اهڙي طرح منهنجو هٿ جادوئي انداز ۾ ڇُرپر ڪندو
رهيو ۽ تيز ڇُري هُن جي جسم جي مختلف حصن کي زخمي ڪندي
۽ ڇڇريندي رهي.

مان حيران هيس پنهنجي همٿ تي. ننڍپڻ ۾ مون کي مردن کان
ڊيڄاريو ويو هو. مان مرد کي طاقتور سمجهندي هيس پر اڄ جانيءَ جي
اکين ۾ خوف جا پاڇا ڏسي مون همٿ ڪئي هئي ۽ هاڻ هڪ مرد جو
ڇڇريل لاش منهنجي سامهون پيو هو. هاڻ مون کان خوف موڪلائي
ويو هو.

ڪجهہ دير کان پوءِ مون پنهنجي گهر جو دروازو کوليو ۽ گهر کان
ٻاهر هلي آيس. مون کي پنهنجو جسم هلڪو محسوس ٿي رهيو هو

جڏ تہ مان کو پکي هجان ۽ آزاد فضا ۾ پرواز ڪندي هجان. مون کي ائين لڳو تہ جڏ منهنجي جسم ۾ ڪوبہ وزن ڪونہ هو. هاڻ مون جسم مان خوف ڪڍي ڇڏيو هو. جنهن جو وزن ڪٽي مان سالن کان هلي رهي هيس. مان جڏ تہ رات هوندي بہ روشنيءَ ۾ هيس. هڪ کان پوءِ هڪ دوکي جو پردو منهنجي اکين تان هٽندو ويو. هاڻ سيڪجهہ مون اڳيان بي نقاب ٿي چڪو هو. هاڻ مان بازار ۾ هلي رهي هيس. نيل درياهہ کان ايندڙ هوا جا ٺڏا جهوٽا مون کي وٽي رهيا هئا. ڳاٽ اوچو ڪري مان ماڻهن جي وچ مان هلي رهي هيس. اڄ مون هر خوف جو پردو لاهي ڦٽو ڪيو هو. هاڻ منهنجي قدمن ۾ هڪ اعتماد هو. منهنجي ڪلهن جي چمڙي ڇڪيل هئي ۽ منهنجي جسم تي مٽي ڪانسواءِ باقي ڪٽي بہ وار جو ڪو نالو نشان ڪونہ هو. منهنجي چال، ڪپڙن کي ڏسي ڪوبہ مون تي شڪ نہ پيو ڪري سگهي. مان شهر جي اعليٰ طبقي جي عورتن مان لڳي رهي هيس. منهنجو رنگ، روپ، گهمٽ ڦرڻ جو انداز اعليٰ طبقي جي بيگمات جهڙو هو. منهنجي اکين ۾ پيل ڪجل ۽ انهن جي چرپر اهڙي هئي جو ڪوبہ مرد مون کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ نہ پيو رهي سگهي. مان اُن وقت ڪنهن اعليٰ حاڪم يا ڪامورا شاهيءَ جي اعليٰ آفيسر جي زال کان گهٽ جو ڏيک نہ ڏئي رهي هيس. پر مون کي دل ۾ اهو بہ فخر هو تہ نہ مان ڪنهن مرد جي زال آهيان، نہ ئي هاڻ ڪنهن جي غلام آهيان."

راهہ هلندي مون کي ڪجهہ پوليس جا اهلڪار نظر آيا، پر اُهي منهنجو رنگ، روپ ۽ چال جو انداز ڏسي منهنجي رعب ۾ اچي ويا. انهن مون ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو مان پوليس وارن جي اڳيان بہ ڪنڌ مٽي ڪري، سينو تاٽي هلي ويس. مون سيني جي اُپارن کي ائين اُپاري رکيو هو جوڪوبہ شهوت پرست مرد يڪدم هر کي سگهي. مون اهو بہ سمجهيو پي تہ پوليس وارن جون نگاهون تيز هونديون هيون اُهي ٽورڙو بہ ڪنهن عورت جي قدمن کي ٽڙندي يا گهبرائيندي ڏسندا هئا تہ شڪاري ڪتن جيان ان عورت کي وکوڙي ويندا هئا.

مان بازار ڪراس ڪري هڪ چونڪ تي پهتس. مون ڏٺو ته هڪ شاندار گاڏي چونڪ تي بيٺي هئي. گاڏيءَ جي مالڪ فرنٽ سيٽ واري دريءَ مان منڌ ٻاهر ڪڍيو ۽ چيائين "مون سان گڏ هلندينءَ" پوءِ وري پرسان وارو فرنٽ سيٽ جو دروازو کوليائين. مان ٿورڙو پٺتي ٿي هٽي ڪري چيو ته، "نه".

"تون جيترا پئسا گهرندينءَ مان ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

پر مون وري به انڪار ڪيو ۽ چيم ته، "نه".

"مون تي اعتبار ڪر، جيترا پئسا گهرندينءَ مان توکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

"تون منهنجي قيمت ادا نه ٿو ڪري سگهين، منهنجي قيمت تمام گهڻي آهي."

"مان هر قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، مان هڪ عرب شهزادو آهيان."

"ته مان به هڪ شهزادي آهيان" مون چيو.

"مان توکي هڪ هزار پائونڊ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

"هرگز نه! مون وري به انڪار ڪيو.

"پلا به هزار پائونڊ وٺ."

مون هن جي اکين ۾ گهوري ڏٺو واقعي هو مون کي ڪو عرب شهزادو ئي لڳو. نيٺ مون هن کي چيو، "تي هزار پائونڊ ونڊيس."

"ٺيڪ آهي." مون کي منظور آهي، عرب شهزادي چيو ۽ ائين مان وري هڪ پيرو ٻيهر آرامده پلنگ تي سنواريل سينگاريل خواب گاهه ۾ هڪ مرد هيڻان ستل هيس پر منهنجا احساس مئل هئا. منهنجي جسم ۾ ان وقت به ايتري طاقت هئي جو مان هن کي ڏکو ڏئي هيٺ ڪيرايان ها ۽ هُن سان هر قسم جي مزاحمت ڪيان ها، پر مان هڪ لاش جيان هن جي هيڻان پئي هيس. گهڻي کائڻ ۽ ڪو ڪم ڪار نه ڪرڻ جي ڪري هُن جو چربي چڙهيل جسم هڪ گوشت جو پهاڙ بنجي ويو هو. هن جي جسم مان مئل مڇي جهڙي ڏپ اچي رهي هئي. مون کي ائين لڳو جڙ بدبودار

گوشت جو پهاڙ مون مٿان چڙهيل هجي ۽ هن به ٻين مردن جيان اهو ئي بيوقوفن وارو سوال ڪيو.

"چا توکي مزو اچي پيو؟"

۽ مون به اکيون بند ڪري مڙئي ڪيس جواب ڏنو ته، "ها..!"

۽ هو جڏهن به ساهيءَ کان پوءِ مون مٿان چڙهيو پي ته ساڳيو ئي سوال ٽي ورجايائين.

"مزو اچئي ٿو؟"

۽ مون به ساڳو جواب پي ڏنو ته "ها...!"

ٽيٽ ٽيون پيرو جڏهن هن مون کان ساڳيو سوال پڇيو ته مون کي ڪاوڙ اچي وئي ۽ مان هن کان پري ٽي ويس ۽ يڪدم چيم ته "نه" بلڪل به نه"

۽ وري جڏهن ڪم ختم ٽيٽ کانپوءِ هن نوٽ منهنجي هٿن تي رکيا مون کي اڃان به وڌيڪ ڪاوڙ اچي وئي. مون اهي نوٽ ڦاڙي ٽڪرا، ٽڪرا ڪري فرش تي ڦٽي ڪيا.

نوٽن کي ڦاڙڻ ۽ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ سان زندگيءَ جي هڪ ٻي حقيقت منهنجي سامهون ڪلي ته پئسو به سيڪجهه ناهي. بس مون کي ننڍپڻ ۾ پيءُ جو ڏنل اُهو هڪ رپيو ياد اچي ويو جنهن جي عزت ۽ اهميت اڄ به منهنجي دل ۾ سمايل هئي. پر ٻين مردن جيڪي به مون کي پئسا ڏنا هئا هاڻ انهن جي اهميت مون وٽ ڪابه نه رهي هئي. مون فرش تان نوٽن جا ٽڪرا کنيا ۽ اڃا به وڌيڪ ننڍا ننڍا ٽڪرا ڪري ڦاڙي ڦٽي ڪيم. مون کي سمورن مردن کان نفرت ٽيٽ لڳي. اُهي مرد جن کي مون زندگيءَ ۾ ڏٺو ۽ پوڳيو هو منهنجو پيءُ، منهنجو چاچو، منهنجو پوڙهو مڙس، مرزوڪ، ٻايومي، ابراهيم، جاني. بس انهن نوٽن کي ڦاڙيندي مون محسوس ڪيو ته مان انهن مردن جا ٽڪرا ڪري رهي هيس. منهنجي دل چاهيو پي ته هڪ ئي ڏڪ ۾ انهن سمورن کي ختم ڪري ڇڏيان.

منهنجي اهڙي سخت رويي هُن عرب شهزادي جا دوڏا ڦاڙي ڇڏيا هئا. جڏهن شهزادي ڏٺو ته مون هن جا ڏنل سمورا قيمتي نوٽ ڦاڙي

ڏٽي ڪيا آهن تہ هن منهنجي ڪنن ۾ سُرهاٽ ڪيو "تون تہ سچ پچ هڪ شهزادي آهين."

"مون سمجهيو تہ تون ڪا وئشيا آهين."

"مان وئشيا ناهيان پر هن سماج جي مردن ئي مون کي مجبور ڪيو تہ مان وئشيا بنجي وڃان." مون چيو.

عرب شهزادو منهنجي ڳالهہ ٻڌي حيران ٿي ويو.

"نہ نہ" تون سچ نہ ٿي ڳالهائين، تو پنهنجي رويي ۾ رک رکاءَ مان تہ ڪنهن بادشاهہ جي ڏيءَ ٿي لڳين؟"

"ها، هڪ بادشاهہ ۾ منهنجي پيءُ ۾ ڪو گهٽو فرق ڪونہ هو.

بس منهنجي پيءُ مون کي ننڊپڻ ۾ اهو ڪونہ سيکاريو هو تہ هڪ مرد کي قتل ڪيئن ڪبو آهي. اهو تہ مون پاڻ زندگيءَ جي تجربن مان سکيو آهي."

"تو سچ پچ زندگيءَ کان اها هڪ ئي ڳالهہ سکي آهي تہ مرد کي قتل ڪيئن ڪندينءَ."

"ها، مون کي بس زندگي اهو ئي سيکاريو آهي."

"۽ تو اڄ کو قتل بہ ڪيو آهي؟"

"ها، مون قتل ڪيو آهي."

هن مرڪي مون ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين "مون کي تہ ان ڳالهہ تي اعتبار بہ نہ ٿو اچي تہ تو کو قتل ڪيو آهي."

"چو مان قتل نہ ٿي ڪري سگهان؟"

"نہ، چو تہ تون نرم نازڪ آهين؟"

"اهو ڪير ٿو چئي تہ نزاڪت قتل ڪرڻ کان روڪي سگهي ٿي؟"

پوءِ هن منهنجي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو "مون کي ڪيئن يقين ٿئي تہ تو هڪ انسان کي قتل ڪيو آهي. هڪ طاقتور مرد تہ ڇا پر تون تہ هڪ مڇر بہ نہ ٿي ماري سگهين."

" تہ پوءِ توکي ڪيئن يقين ايندو تہ مون هڪ مرد کي قتل ڪيو آهي." مون چيو.

"نہ، مون کي پڪ ناهي تہ تون کو قتل بہ ڪري سگهين ٿين."
وري بہ عرب شهزادي حيرت مان چيو.
مون يڪدم پنهنجو هٿ سڏو ڪيو هڪ زوردار چماٽ هن جي گوشت پريل چهري تي وهائي ڪڍيم. "هاڻ تہ توکي پڪ ٿي هوندي هڪ چماٽ هڏڻ ۾ ڪنهن جي پيٽ ۾ ڇُري کپائي ڇڏڻ ۾ ايتري ئي طاقت گهربل هوندي آهي."
هن جي اکين ۾ دهشت ۽ خوف جا پاڇا اچي ويا هئا. مون وري ڳالهايو "مون وٽ ايتري طاقت آهي جو هڪ مرد کي ڪنهن ڪمزور ڪيڙي جيان قتل ڪري ڇڏيان..." توهان مرد غريبن جا پئسا کائو ٿا، حرام ڪمايو ٿا ۽ اُهو شراب ۽ زناڪاري ۽ عياشي ۾ اڏائي ڇڏيو ٿا. عورت توهان لاءِ هڪ نوٽ جي قيمت کانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي."
ان کان پهرين جو مان هڪ ٻيو ٽڦڙ هن جي چهري تي هڻي ڪيان ها. هو عورتن جيان اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو. هن جي رڙين تي رستي تان گذرندڙ پوليس وارا اندر هليا آيا.
"هن عورت کي گرفتار ڪريو. وارو ڪيو. هيءَ فرار نہ ٿي وڃي. هن هڪ انسان کي قتل ڪيو آهي."
هڪ پوليس واري مون ڏانهن ڏٺو ۽ مون کان پڇيائين تہ "ڇا هيءُ سچ ٻيو چوي؟"
"ها، هيءُ صحيح ٿو چوي. مون هڪ مرد کي قتل ڪيو آهي. پر اهو مرد نہ پر هڪ مجرم هو ۽ پوليس بہ تہ ڏوهارين کي قتل ڪندي آهي."
"پر هن وقت تو جنهن تي هٿ کنيو آهي، هيءُ کو ڏوهاري ناهي. هيءُ تہ هڪ عرب شهزادو آهي."
"پر منهنجي نظر ۾ بادشاهہ، توڙي شهزادا سڀ ڏوهاري آهن." مون چيو.
پوليس واري چيو "تون قاتل آهين، لڳي ٿو تنهنجي ماءُ بہ وئشيا هوندي."

مون چيو "عورت جو ڪوبہ ڏوهہ ناهي هوندو."

"هن سماج ۾ سمورا مرد ئي ڏوهاري آهن."

"مان اعتراف ٿي ڪيان تہ مون هڪ ڏوهاري مرد کي قتل ڪيو آهي."

پوليس واري وري پڪ ڪرڻ لاءِ چيو "تون سچ ٿي چوين؟"

"ها، اڄ مان اعلان ٿي ڪريان تہ سماج ۾ سمورا مرد ڏوهاري آهن. وڪيل، ڊاڪٽر، انجنيئر، صحافي، ڪامورا ۽ آفيسر. توهان جهڙي بہ پيشي سان لاڳاپيل هجو پر توهان مرد ڏوهاري آهيو."

پوليس وارن مون کي هٿ ڪڑيون پارايون ۽ مون کي جيل موڪلي ڇڏيو. جيل ۾ مون کي هن اڪيلي ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو ويو جنهن جي دروازي کي ٻاهران بہ تالو لڳل هوندو هو. سمورا مرد مون کان خوفزده هئا جو مان اها عورت هئس جنهن نہ رڳو پنهنجي چهري تان نقاب هٽايو هو پر کوڙ سارا غليظ چهرا بہ پڌرا ڪيا هئا. اهڙيءَ طرح جيل وارن قانون سان ملي مون لاءِ ڦاهيءَ جو ڦندو تجويز ڪيو هو...!

مون لاءِ موت ۽ زندگي بي معنيٰ آهن. هاڻ مون ۾نهي تي فتح حاصل ڪري ورتي آهي. مون کي زندگيءَ کان هاڻ ڪجهہ بہ نہ گهرجي. مون وٽ جيئڻ لاءِ ڪا بہ خواهش ناهي بچي. مان موت کان نہ ٿي ڊڄان. ان ڪري هاڻ مان آزاد آهيان...! اسان کي اُميدون جيئارين ٿيون ۽ خوف مرڻ کان روڪي ٿو. مان آزاد آهيان. خوش آهيان ۽ منهجي اها خوشي ۽ آزادي هن لاءِ قهر بنيل آهي. هو چاهن ٿا تہ مان زندگيءَ جي خيرات گهران. وري کي اُميدون جاڳايان ۽ مرڻ کان پاسو ڪيان تہ جيئن هن سماج جا مرد مون کي ٻيهر غلام بنائي سگهن. هاڻ بہ واري واري سان کي معزز مون وٽ اچن ٿا تہ مان معافي نامو لکي ڏيان.

هُو چون ٿا تہ "جيل مان آزاد ٿيڻ لاءِ ايجان بہ تو وٽ هڪ سهارو بچيل آهي. جيڪڏهن مان پنهنجي سزا خلاف ملڪ جي صدر کي

اپيل ڪيان ۽ رحم جي درخواست ڪيان تہ منهنجي سزا ختم ٿي سگهي ٿي."

"پر مان جواب ۾ چوندي آهيان تہ

"مون کي ڪابہ معافي نہ ڪپي، مان پنهنجو ڏوهہ بخشرائڻ جي طلبگار ناهيان، چاڪاڻ تہ مون کو ڏوهہ ڪيو ئي ناهي، جنهن کي هو جرم سمجهن ٿا، منهنجي نظر ۾ اهو جرم ناهي."

"ها، پر توهڪ مرد کي قتل ڪيو آهي؟"

"ها، پر جيڪڏهن توهان مون کي وري هن مردن جي معاشري ۾ موڪلڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ اُتي مان وري بہ قتل ڪرڻ کان ڪونہ مڙندیس. ان ڪري مون کي ڪابہ ضرورت ڪانهي تہ صدر کي رحم جي درخواست ڪيان."

"تون هڪ بدبخت ۽ مجرم عورت آهين موت ئي تنهنجو مقدر آهي."

اها ڳالهہ مون سان ملڻ وارا سمورا مرد چون ٿا، بس هاڻ ٿورو وقت بچيو آهي، اجهو هُو ايندا ۽ مون کي هن کال ڪوٺڙيءَ مان وٺي ويندا. سياڻي صبح جو سج اُپرڻ کان اڳ ۾ ئي مان هن جهان کي الوداع ڪري چُڪي هوندیس. منهنجو ٻيو سفر جيڪو هڪ نئين جهان ڏانهن آهي... مان اوڏانهن ڳاڻ اوچو ڪري ويندیس." هاڻ جڏهن بہ مون کي ڪو اخبار يا رسالو نظر ايندو آهي، جنهن تي ڪنهن مرد جي تصوير هوندي آهي، جيڪو مون کي عياش ۽ عورتن جو شڪاري نظر ايندو آهي تہ مان يقينن انهيءَ تصوير تي ٽُڪ اڇلائيندي آهيان. مان اهو بہ ڄاڻان ٿي تہ مان هڪ ڪاغذ جي پرزي تي ٽڪي رهي آهيان، پر پوءِ بہ مون کي عياش مردن کان ايتري نفرت آهي جو مان پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ائين ئي ڪندي آهيان."

"مون محبت بہ ڪئي آهي ۽ نفرت بہ. محبت کان وڌيڪ مون کي نفرت ۾ سچائي نظر آئي آهي. زندگيءَ جي سچ کان جيڪو واقف ٿي وڃي، پوءِ اهو ڪنهن کان بہ ناهي ڊڄندو. سچائي ڪوڙ جي

قاتل آهي. سو مون بہ جڏهن هڪ مرد کي قتل ڪيو هو تہ ان کي چريءَ سان نہ پر اندر ۾ آيل سچائيءَ سان قتل ڪيو هو. اهو ئي سبب آهي جو هاڻ ڪوڙا مرد منهنجي سچ سامهون نہ ٽا بيهي سگهن. اُهي مرد مون کان خوفزده آهن. ان ڪري جلد کان جلد مون کي قاهيءَ تي لٽڪائڻ گهرن ٿا. مان پنهنجي سچ جي ڪري هنن لاءِ خطرناڪ ٿي وئي آهيان...! منهنجو سچ آهي جيڪو مون کي موت کان، زندگيءَ کان، بک کان، اگهاڙپ کان ۽ هر قسم جي تباهيءَ کان تحفظ ڏئي ٿو. اهو سچ ئي آهي جيڪو مون ۾ پوليس تشدد خلاف، حڪمرانن ۽ بادشاهن خلاف، سياستدانن ۽ ڪامورا شاهيءَ جي ظلم خلاف بغاوت ۽ مزاحمت لاءِ اُپاري ٿو. سو هاڻ مان سولائيءَ سان ڪوٺن لفظن، ڏيکاءَ پريل فوٽوئن سان پريل هر هڪ اخبار تي

"ٿُڪ هڻي سگهان ٿي."

هاڻ فردوس جو آواز اچڻ بند ٿي ويو هو.

مون پنهنجي سن ٿيل جسم کي حرڪت ۾ آندو. مان فردوس جي ڪهاڻيءَ ۾ گم ٿي وئي هيس جو جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ جو ڇپندڙ فرش بہ مون کان وسري ويو هو. اهو سخت سياري جو ڏينهن هو. پر فردوس جي ڳالهين ۾ مون کان سخت سيءَ بہ وسري ويو هو.

فردوس جو آواز جڏ تہ مري ويو هو. هر پاسي ماٺار هئي. منهنجي سامهون جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ جيڪا عورت ويٺي هئي، سا واقعي هڪ عورت هئي. مون کي يقين نہ ٿي آيو. هڪ انسان، باقاعدي هڪ مادي وجود رکڻ واري عورت، مان حيران هيس. اُن عورت جي جرأت تي سوچيم ڪٽي مان ڪو خواب تہ نہ ڏسي رهي آهيان. پر فردوس جو وجود منهنجي اڳيان هو حقيقت جي روپ ۾. مون ڪو خواب نہ پي ڏٺو وري اوچتو ڪال ڪوٺڙيءَ جو در ڪليو ۽ بہ چار سپاهي اندر آيا. اُهي فردوس کي گول دائري ۾ گهيري بيهي رهيا هئا. انهن مان هڪ جڻي فردوس کي چيو.

"اُٺ... اُٺ... هاڻ تنهنجو وقت پورو ٿي ويو آهي." مون ڏٺو ته هوءَ اُٺي ۽ پوليس واري سان گڏ وڃڻ لڳي. منهنجا هٿ، پير ۽ ذهن اُن وقت سن ٿي ويا هئا.

۽ ان ڏينهن کان پوءِ وري منهنجي ڪڏهن به ملاقات فردوس سان نه ٿي سگهي هئي، پر هن جي ٻڌايل ڳالهين جو پڙاڏو منهنجي ڪنن ۾ گونجندو رهندو هو. "سچ هميشه طاقتور هوندو آهي." جيئن ته هوءَ سموري دنيا کوڙ تي ٻڌل آهي، سماج ۾ کوڙا ماڻهو وڏيڪ آهن، انهيءَ کري فردوس کي سچائي جي قيمت ڏيڻي پئي هئي.

مان جيل کان ٻاهر اڇي پنهنجي ڪار ۾ ويٺيس. منهنجون اکيون سامهون روڊ تي ڪُتل هيون. منهنجي اندر ۾ هڪ شرمندگيءَ جو احساس هو. مان پنهنجو پاڻ کان شرمنده ٿي رهي هيس. پنهنجي کوڙي زندگي، کوڙين خوشين تي شرمنده هيس. پنهنجي بزدليءَ تي شرمنده هيس... بازار ماڻهن سان ڀريل هئي. اخبارون ڪاٽ جي ٿهيل استالن تي سجايل هيون، انهن جي سُرخين مان کوڙ لياڪا پائي رهيو هو. سماج ۾ مون کي هر پاسي رياڪاري کي ڏسڻو پئجي رهيو هو. مون ڪار جي ايڪسيليٽر تي پير جو زور ڏنو گاڏي جهٽڪو کائي زور سان روڊ تي ڊوڙڻ لڳي. منهنجي دل چاهيو ته سموري سماج کي گاڏيءَ هيٺان آڻي چيپاتي چڏيان. "کوڙ کي ڏوڙ ۾ لٿي چڏيان!" پر پوءِ اوچتو منهنجو ٻيو پير بريڪ تي وڃي ٻيو ۽ تيزيءَ سان ڊوڙندڙ ڪار جهٽڪو کائي هڪ هنڌ بيهي رهي...!

۽ عين انهيءَ وقت مون تي اهو انڪشاف ٿيو ۽ اها حقيقت ظاهر ٿي ته:

"مان هڪ عام عورت آهيان ۽ فردوس مون کان وڌيڪ طاقتور عورت هئي."

"۽ نيٺ فردوس ڪاهي چڙهي وئي!"

هيءُ ناول "Women at Poit Zero" هڪ اهڙو ناول آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ سماج اندر ٽيندڙ عورتن سان اٽبرابريءَ واري سماجي سلوڪ جي ڪٿا بيان ٿيل آهي. هن ناول جي ليکڪا ڊاڪٽر نوال السعدوي جو تعلق مصر سان آهي ۽ هوءَ عرب دنيا جي مشهور ليکڪا آهي. هن ليکڪا هڪ طور جيڪي نفرتون ويڙهيون آهن يا درد ويڙهيا آهن، اهو هڪ الڳ داستان آهي، پر هيءُ ناول جڏهن عربي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيو تہ مصر ۾ هن ناول تي پابندي لاڳو ڪئي وئي ۽ هن ناول خلاف عرب دنيا ۾ وڏو احتجاج ڪيو ويو، نہ رڳو ايترو پر هيءُ ناول لکندڙ ليکڪا کي هن ناول جي هيروئن "فردوس" جيان عورتاڻي جيل ۾ قيد جا ڏينهن ڪاٽڻا پيا. هيءُ ناول نہ رڳو عرب سماج پر دنيا جي هر انهيءَ سماج جي عڪاسي پيش ڪندڙ آهي، جنهن سماج ۾ عورت کي انسان نہ ٿو سمجهيو وڃي. هن کي بس گهر هلائڻ ۽ ٻارن پالڻ جي مشين سمجهيو وڃي ٿو يا وري مارڪيٽ ۾ وڪري جو وکر.

هيءُ مصري ناول دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي ۽ 1982ع ۾ هن ڪتاب جي فرانسيسي ترجمي کي فرانس جي وڏي ادبي انعام سان پڻ نوازيو ويو.

Rs. 500/-

kaptan abro